جنس جي سائنسي ڄاڻ

علي مرتضيٰ ڌاريجو

Sindhica
سنڌيڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنس جي سائنسي ڄاڻ

علي مرتضيٰ ڌاريجو

Sindhica
سنڌيڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاپي رائيٽ ڇپائيندڙ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: جنس جي سائنسي ڄاڻ
مصنف: علي مرتضىٰ ڌاريجو
پهريون ڇاپو: ڊسمبر 1991ع
تعداد: هڪ هزار
ٽائيٽل: خدا بخش ابڙو
ڇاپيندڙ: زڪي پريس ڪراچي
ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي
قيمت: 30 رپيا

All rights are reserved for the Publisher

"Jins jee Sciencee Jaan"
(a basic book on the human reproductive organs for adults)
by: A. M. Dharejo,
Asistant Professor, Department of Zoology,
University of Sindh, Jamshoro, Sindh.
Published by: Sindhica Academy, Karachi.

Price: Rs. 30.00

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءُ پورهيو
منسوب تو ڪريان
انهن سيني زندگين جي لاءِ
جيڪي
جنس بابت
مناسب ڄاڻ نہ هجڻ ڪري
تباهيءَ جو بڪ بڻجي ويون.

علي مرتضيٰ ڌاريجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهرست

پبلشر پاران	
هڪ راءِ، هڪ وينتي	
امداد حسيني	
لفظن تي پردو	
ڊاڪٽر نجم عباسي	
مهاڳ- ڊاڪٽر تنويرعباسي	
پيدائش جا طريقا	2
اجنسي پيدائش	3
جنسي پيدائش	3
خصيا	9
انڊڪوش	13
تخمي جيوَ يا نر ٻج	15
تخمي جيون جو ٺهڻ	17
مني	21
سيمائينل پلازمن	22
اپيڊيڊائيمس	23
واس ڊفرنس	23
سيمائينل ويزائيڪل	24
پراسٽيٽ غدود	24
ڪائوپرس غدود	25
پيشاب نلي	25
آلت	25
انگيز	28
انزال	31
طهر	31
مرداڻا جنسي هارمون	32
بالغ ٿيڻ	34
سيل	37
زهري/ نهائين جو اپار	42
ٻاهريان چپ	43
اندريان چپ	43
ڪڪڙي	43
ڪڪڙيءَ جو طهر	45
جي اسپاٽ	47
پيشاب نلي	48
چيرو	49
بارٿولينس غدود	50
ارهه	50
يوني/ گرڀ نالي	52
گيرڻ/ ٻچيداني	53
فيلوپين نليون	54
آنيدانيون	55
ساماڻجڻ	57
حيض اچڻ	61
ماهواري	61
حيض نہ اچڻ	66
حيض تڪليف سان اچڻ	67
حيض گھٽو اچڻ	67
سنڌ تي وچڻ	67
آني جو ٻوڪجڻ- زندگي	68
جي شروعات	
جاڙا ٻار	72
جنسي ڪروموسومن سبب	74
پيدا ٿيندڙ بيماريون	
ٽرنرسن سنڊروم	75
ڪلينيفيلٽرس سنڊروم	76
ڊائونس سنڊروم	76
مخنثيت	77
لغت	78

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پبلشر پاران

سنڌيڪا اڪيڊمي پنهنجي اساسي مقصدن ۾ مختلف سماجي ۽ سائنسي موضوعن تي ڪتاب ڇپائڻ جو عهد ورجايو هو. ’جنس جي سائنسي ڄاڻ‘ ڪتاب جي اشاعت سان اسان ميڊيڪل سائنس جي سلسلي جي ابتدا ڪري رهيا آهيون. ڪتاب موضوع توڙي لکندڙ جي حوالي سان اهم آهي. محترم علي مرتضيٰ ڏاريجو سنڌي ٻولي ۾ سائنسي لٽريچر تي جيڪا مهارت رکي ٿو سا، سنڌ جي علميءَ ۽ ادبي حلقن وٽ مڃيل آهي. ڄاڻايل موضوع تي جنهن طرح هن ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي ان جو اعتراف سنڌ جي سڄاڻ شخصيتن محترم ڊاڪٽر تنوير عباسي، ڊاڪٽر نجم عباسي ۽ امداد حسيني پڻ ڪيو آهي.

اڪيڊميءَ جو ميڊيڪل سائنس تي ايندڙ ڪتاب ’ٻاتين جي سائنسي ڄاڻ‘ تيار آهي، جيڪو پڻ ٿورڙي عرصي ۾ پڙهندڙن تائين رسائبو.

نوراحمد ميمڻ
چيئرمين
سنڌيڪا اڪيڊمي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ راءِ- هڪ وينتي

ورهاڱي کان اڳ سنڌي ٻولي سڌريل ۽ اسريل ٻولي جي حيثيت سان اوچي پد تي پهچي چڪي هئي ۽ ان ۾ هر موضوع تي ڪتاب موجود هئا. انهيءَ شاندار روايت سان سلسلي جوڙڻ لاءِ هر موضوع ۽ خاص طور تي سائنسي ۽ فني موضوعن تي ڪتابن جو اچڻ هڪ سٺو اهڃاڻ آهي، ڇاڪاڻ ته ائين سنڌي ٻوليءَ جي سرند هجڻ جو ثبوت ملي ٿو. سنڌي ۾ 'جنسي- سائنس' جو موضوع اڇهيو ۽ نئون نه آهي؛ انهيءَ ڏس ۾ ورهاڱي کان اڳ ڪوڙ ڪارائتا ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. پر جيئن ته نيون ڪوجنائون ٿينديون رهن ٿيون، ان ڪري نون ڪتابن جو اچڻ به ضروري آهي. هي ڪتاب به ان ڏس ۾ هڪ ساراهه جوڳي ڪوشش آهي. ليکڪ هڪ ڏکئي موضوع کي سرل ۽ سهج ٻوليءَ ۾ پيش ڪيو آهي. فني اصطلاحن سان ٺهڪندڙ اصطلاح گهڙڻ جي هنر کان به ليکڪ واقف آهي.

سچ پچ ته ڏاريجي ان ڏس ۾ ڪيرون لهڻيون. منهنجي ٻين استادن کي به وينتي آهي ته هو پنهنجي موضوع تي ڪتاب ڏئي، ٻاٻاڻي ٻوليءَ ڏانهن پنهنجو فرض ادا ڪن ۽ پنهنجي اندر ۾ پاڻ ارپڻ وارو جذبو جاڳائن.

امداد حسيني-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظن تي پردو

هي مسودو پڙهڻ سان پنهنجي جنسياتي عضون جي جوڙجڪ (Anatomy) ۽ ڪارڪردگيءَ (Physiology) جي ڄاڻ تازي ٿي؛ پاڻ سڄر ڪوڄنائڻ جي سامهون اچڻ ڪري، ان ڄاڻ ۾ واڌارو ٿيو. ڪيترن سائنسي لفظن ۽ سائنسي اصطلاحن جو سنڌي ويس به معلوم ٿيم. علي مرتضيٰ ڏاريجو، انهيءَ ماهري، يعني سائنس جا سنڌي لفظ ڳولڻ ۾ خفتي ٿو ڏسجي. هن وڏي جاکوڙ، جفاڪشي، تلاش ۽ کوجنا سان موزون سنڌي لفظ ڏيڻ جو جتن ڪيو آهي، جيتوڻيڪ اها هڪڙي چٽي جي وس جي ڳالهه نہ آهي. ان واسطي دائمي ۽ ڪل وقتي بورڊ هجي، جنهن جا ميمبر سائنسدان، اديب، سگهڙ ۽ زبان جا ماهر هجن.

جنسياتي عمل ۽ جنسياتي عضون جي سلسلي ۾ هڪڙو بيو مسئلو بہ آهي: بہ گهرا شخص، جنسيات جي باري ۾، پاڻ ۾ گفتگو ڪرڻ وقت جيڪي لفظ ڪم آڻين ٿا، سي بين عام ماڻهن سان ڳالهائڻ وقت ڪتب نہ ٿا آڻين ۽ لکت ۾ تہ مُرڳوئي ٿيان لفظ استعمال ڪن ٿا. جي اٿيورا، اڻ چِٽا، لڪل ۽ گهٽوٽٽو ڏاري ٻوليءَ جا هوندا آهن. صفا ائين جيئن جنگ جي دوران لشڪر ۾ ڪوڊ ورڊ (ڳجها اکر) استعمال ڪيا ويندا آهن. هتي لفظن کي پردو ڪرايو ٿو وڃي، انڪري جنسيات جي باري ۾ ڪاٻہ لکتي هر ڪنهن کي سهنجائيءَ سان سمجهہ ۾ اچي نہ سگهندي آهي. انهيءَ روش کي ٻچاپڙائي ۽ منافقت کانسواءِ ٻيو ڪهڙو نالو ڏجي، جو جيڪي لفظ ۽ اصطلاح گفتگو ۾ تہ استعمال ٿين پر لکت ۾ اهي ساڳيا لفظ بداخلاقي، فحاشي ۽ اگهاڙپ ڳڻيا وڃن ۽ منافقت طبقاتي سماج جي پيداوار آهي.

جنسيات تي اجاين پنگتي پابندين ۽ غيرسياويڪ بندشن، جنسيات کي نہ رڳو پراسرار بڻائي ڇڏيو آهي، پر ماڻهن کي ان بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ کان بہ وانجهو پئي رکيو آهي. اهڙين پابندين، اهڙين بندشن ۽ اهڙي اڻڄاڻائيءَ ماڻهن کي رڳو ذهني ۽ دماغي روڳن ۽ سماجي براين سان مالامال پئي ڪيو آهي.

علي مرتضيٰ ڏاريجي هن ڪتاب ذريعي اسانجي ماڻهن کي جنسيات جي ڄاڻ وڌائڻ لاءِ موقعو ڏنو آهي. اهو بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ لکت ۾ جنسيات جي لفظن ۽ اصطلاحن جي استعمال ۾ هن عام روش کان هٽي هلڻ جي ڪجهہ دليري ڪئي آهي.

حيدرآباد
6 فيبروري 1983ع

نجم عباسي –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ

سنڌيءَ ۾ سائنسي ادب تمام ٿورو آهي. جنسي ادب تہ تهائين نہ هئڻ جي برابر. چوٽي آهي تہ 'جتي حقيقتن کي لڪايو ويندو آهي اتي افواهہ زور وٺندا آهن' سنڌ ۾ بہ ائين ٿيو آهي. جنس کي ايڏو تہ دٻايو ۽ لڪايو ويو آهي، جو نوجوانن لاءِ اها هڪ اڻ ڏٺل شهر آهي، ۽ جڏهن هي نوجوانيءَ جي بنا تجربي ۽ ڄاڻ واريءَ عمر ۾ ان شهر ۾ قدم رکن ٿا تہ ڀليو ۽ ڀٽڪيو وڃن. خاص ڪري نوجوان ڇوڪريون، اڻ ڄاڻائيءَ سبب اهڙيون غلطيون ڪريو وڃهن جو، ڳالهہ وڃيو جان جي جوکي تائين پهچي. اهڙيءَ صورتحال ۾ 'ڪُويڄن' (Quacks) کي وارو مليو وڃي، ۽ غلط ڳالهيون ٻڌائي، پنهنجي کيسي کي هر طرح گرم ڪن، تہ نوجوانن ۾ هريرو گهٽتائيءَ جو احساس (Inferiority complex) ۽ نفسياتي دٻاءُ (Depression) پيدا ڪريو ڇڏين، جنهن سان حالتون وڌيڪ خراب ٿيو وڃن. ان گهٽتائيءَ جي احساس ۽ نفسياتي دٻاءَ جي اثر هيٺ، زال مڙس جا گهرو جهڳڙا شروع ٿين، ۽ ٻنهي ڌرين جي زندگي زهر ٿيو وڃي.

آمريڪا ۾ ماسٽرس ۽ جونس جي جنسي تجربيگاهہ، ان موضوع تي سائنسي تحقيق جو هڪ مرڪز آهي. ان کان اڳ هئولاڪ ايلس، ۽ ڪِنسي جو ڪيل ڪم تعريف جوڳو آهي. پر پهرين پهرين ان موضوع کي سائنسي طور تي پرکڻ وارو شخص سگمنڊ فرائڊ هو.

جنس ڪو نئون موضوع نہ آهي. قديم مذهبي ڪتابن سام ويد، يجر ويد، پراڻي عهدنامي (نغمہ سليمان، سلومي ۾) فقہ ۾ ان جي باري ۾ چٽيءَ طرح بيان آيل آهن (وضو ٽُٽي پوڻ، روزو ڀڄڻ، غسل ڪرڻ وغيره جي حوالي سان). قديم يوناني شاعره سيفو، ان کان پوءِ بلائيٽس؛ رومن شاعر اووڊ ان موضوع تي شعر لکيا. هندستان ۾ ان موضوع تي زبردست ڪتاب 'ڪام شاستر' لکيو ويو، جنهن کي هڪ ڪلاسڪ جي حيثيت حاصل آهي. جنس منزل ناهي، پر اها ذريعو آهي ان منزل تي پهچڻ جو، جنهن کي توليد (Reproduction) چيو وڃي ٿو. جنهن جو واسطو تخليق (Creation) سان آهي، جنهن جي ڪري ئي هن ڌرتيءَ تي انسان ۽ ٻين اڪيچار حياتياتي ۽ نباتاتي قسمن (Species) جو وجود قائم آهي. انڪري ان جو اڀياس تهائين وڌيڪ ضروري آهي. ان جو لذتيت سان بہ واسطو آهي، پر اهو فقط هڪ پاسو آهي. ضروري آهي تہ سنڌ جي نوجوان ڇوڪرن ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇوڪرين کي، ان جي پوري ڄاڻ ڏجي، جيئن هو نوجوانيءَ جي اڻ تجربيڪار ۽ اڻ سامايل يا اڌ سامايل (Semi matuare) وقت ۾، جي ان شهر ۾ گهڙن، تہ ان جي هر گهٽيءَ ۽ گام کان ڀليءَ ڀت واقف هجن.

محترم علي مرتضيٰ ڏاريجو، سنڌيءَ جي سائنسي ادب ۾ هڪ ڄاتل سڃاتل شخصيت آهي. هن دفعي هُن جنس جي نازڪ موضوع تي قلم کڻي سنڌ تي، خاص ڪري سنڌ جي نوجوانن تي وڏو احسان ڪيو آهي جو انهن کي هِن اڻ ڄاتل ۽ اڻ ڏٺل شهر جي هر گهِٽيءَ ۽ گام، هر پنڌ ۽ پيچري کان آگاهہ ڪيو اٿائين، جيئن اهي ڀلي ۽ ڀٽڪي، مونجهارن (Complexes)، دٻائن (Depressions) جو شڪار نہ ٿين، ۽ اڌ طبيبن يا ڪُوڙن جي ور نہ چڙهن، ۽ پنهنجي ازدواجي، تخليقي، ۽ توليدي حياتي، خير خوبي، ۽ سڪون سان گذارين، ۽ ان مان پوري لذت بہ حاصل ڪن.

علي مرتضيٰ ڏاريجي جو هيءُ ڪتاب موضوع جي لحاظ کان بہ جس لهڻي تہ ٻوليءَ جي لحاظ کان پڻ. هن ڪيترن ئي فني محاورن (Technical Terms) جو سنڌي ترجمو اهڙن لفظن ۾ ڪيو آهي، جيڪي اڳي ئي اسان وٽ موجود آهن. جي نہ، تہ انهن کي هر ڪوئي سنڌي سولائيءَ سان سمجهي سگهي ٿو.

منهنجي خيال ۾ هيءُ ڪتاب، ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جي ڪتاب کان پوءِ سنڌ جي سماجي تاريخ ۾ اهڪ اهم انقلابي قدم آهي.

مون کي اميد نہ، پر پَڪ آهي تہ سنڌ جا نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون، هن ڪتاب مان چڱيءَ طرح لاڀ حاصل ڪندا، ۽ پنهنجي ازدواجي، تخليقي ۽ توليدي زندگي سڦل ڪندا.

سرمد جو گهر، خيرپور
17 سيپٽمبر 1991ع

تنوير عباسي -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيش لفظ

◉ صبح جو سمو آهي، هڪ ڪرڙوڊ پنهنجي ننڍي ٻالڪ سان ڇٻي هٿ ۾ کنيو ٻاجي پٽيءَ لاءِ مارڪيٽ وڃي رهيو آهي. رستي تي ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو آهن. وچ رستي تي هڪ ڪتو، ڪتيءَ کي لائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي. ننڍو، ٻي سمجهه ٻار مائٽ کان پڇي ٿو. ”هي ڇا ڪري رهيا آهن؟“ موٽ ۾ ڪيس ڇڙٻ ملي ۽ ٻار هيسجي، هميشه لاءِ ماٺ ٿي وڃي ٿو!.
◉ بک، ننڊ ۽ جنسي خواهش، انسان جون بنيادي جبلتون آهن. اسان کي اهو سيکاريو ويندو آهي تہ وقت تي کائو، وقت تي سمهو ۽ اٿو، صاف سٿرا رهو، اڇا اجرا ڪپڙا پايو وغيره. جڏهن تہ جنس جي لحاظ کان، اهڙي ڄاڻ ڏيڻ وارو ڪوبہ ناهي، اهو هر هڪ جي ٻلي چڙيل آهي تہ جيئن وڻيس تيئن هو يا هوءَ، اهڙن مسئلن سان منهن ڏئي. اسان وٽ نہ تہ اهڙا ماهر ۽ پرچارڪ آهن ۽ نہ ئي ڪو اهڙو سماجي ادارو جيڪو اهڙي تعليم مهيا ڪري سگهي! ◉ يورپ ۽ آمريڪا ۾ ان ڪم لاءِ ڪيترائي سماجي ۽ سرڪاري ادارا آهن، جيڪي اهڙي تعليم مهيا ڪن ٿا. اتي جنسي تعليم (Sex Education) کي سائنس جو درجو حاصل آهي ۽ اهو سبجيڪٽ سائنس ڪري پڙهايو وڃي ٿو، بلڪ ائين جيئن ٻيا سبجيڪٽ جهڙوڪ: بائلاجي، فزيالاجي، ائنيمل بهيويئر، سائيڪالاجي، سوشالاجي، جينيٽڪس، يوجينڪس، امبريالاجي، گائنا ڪالاجي ۽ اسپيس بائالاجي وغيره پڙهيا ۽ پڙهايا وڃن ٿا. * جيتري قدر ياد ٿو پويم تہ ڪجهہ سال اڳ بنگلاديش ۾ پڻ اهڙي تعليم، سيڪنڊري ليول تي ڏيڻ شروع ڪئي ويئي هئي.
◉ دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ ٻالڪن ۽ نوجوانن کي جنس جي بنيادي سائنسي تعليم ڏيڻ لاءِ، خاص باتصوير ۽ سولي ٻوليءَ ۾ ڪتاب ڇاپيا ۽ ريڊيو ۽ ٽي ويءَ تي خاص پروگرام ڏنا وڃن ٿا. جڏهن تہ اسان وٽ سواءِ ميڊيڪل جي باقي نصابي ڪتابن ۾، جتي اهڙيون ڳالهيون ۽ سرشتا سمجهائڻ ضروري هوندا آهن، اتي اهي سمجهائڻ بجاءِ، اهڙا ٽڪرا ئي ڪٽيا ويندا آهن ۽ جيڪڏهن انهن سرشتن جون تصويرون ڏنيون بہ وينديون آهن تہ اهي يا تہ اڻپوريون هونديون آهن يا وري انهن جا نالا نہ ڄاڻايا ويندا آهن، جيڪا ڳالهہ مونجهاري جو باعث بڻجي ٿي. ◉ ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ آمريڪا ۾ جيتوڻيڪ جنسي تعليم عام آهي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آمريڪا تعليم ۽ ٻين ڳالهين جي لحاظ کان گهڻو اڳتي، سڌريل ۽ ترقي ڪيل ملڪ سمجهيو ويندو آهي، پر تنهن هوندي به اتي ماڻهن جي وڏي اڪثريت کي جنمي/ جنسي سائنس جي بنيادي ڳالهين جي ڄاڻ ڪونهي. آمريڪي ماڻهن کي جنس جي باري ۾ ڪيتري بنيادي ڄاڻ آهي، ان سلسلي ۾ آمريڪا جي، روپر آرگنائيزيشن (The Roper Organization) ۽ ڪنسي انسٽيٽيوٽ (The Kinsey Institute) هڪ سروي ڪئي. جنهن مان جيڪي نتيجا حاصل ٿيا، اهي ڇرڪائيندڙ هيا. ايتري قدر جو عام آمريڪيءَ کي اها به سڌ ڪونهي ته، انگيز دوران آلت جي سراسري ڊيگهه ڪيتري هجڻ گهرجي يا ڪا عورت حيض دوران پيٽ سان ٿي سگهي ٿي؟ ۽ ڇا حيض دوران جماع ڪري سگهجي ٿو؟ اها سروي سال 1989ع ۾ ڪئي ويئي. ماڻهن کان سروي دوران اهي 18 سوال پڇيا ويا جيڪي عام طور تي، ڪنسي انسٽيٽيوٽ جي ماهرن کان خطن ۽ ٽيليفون رستي پڇيا ويندا هيا. هن سروي ۾ 18 سالن جي فردن کان وٺي 80 سالن جي پوڙهن تائين شرڪت ڪئي. ◉ پاڪستان ۾ جنسيات تي اڙدوءَ ۽ انگلش ۾ لکي ليکي ٽن قسمن جا ڪتاب ملن ٿا: (1) اهي اڙدو ڪتاب جيڪي انديا ۾ عام جام ڇپجن ٿا، جن ۾ هتان جا ڇاپيندڙ ٿوري گهڻي ڦير گهير ڪري هتي جي پڙهندڙن کي وڏين قيمتن تي مهيا ڪن ٿا. اهڙن ڪتابن ۾ ڪوڪ شاستر وغيره جهڙا ڪتاب عام آهن، جن ۾ وڪري جي لحاظ کان تصويرون ۽ ٻيو مسالو ڏئي خريدار لاءِ ڪشش پيدا ڪئي وڃي ٿي. عام پڙهندڙ اهڙن ڪتابن کي مستند يا جنسي انسائيڪلوپيڊيا سمجهي خريد ڪري ٿو. جڏهن ته اهي اوائلي دور جا لکيل آهن، جڏهن سائنس ايتري ترقي نه ڪئي هئي ۽ انساني جسم بابت، سائنسي کوجنائون به نه ٿيون هيون. اهڙن ڪتابن لاءِ دعويٰ ڪئي ويندي آهي ته اهي سائنسي آهن. (2) اهي فحش ڪتاب آهن، جيڪي رڳو پئسي ڪمائڻ ۽ پڙهندڙن کي جنسي لسٽ مهيا ڪرڻ لاءِ فراهم ڪيا وڃن ٿا. اهڙا ڪتاب اڙدوءَ ۽ انگلش ۾ ملن ٿا. ايتري قدر جو 'جنسي لطيفا' جهڙا ڪتاب به سولائي سان خريد ڪري سگهجن ٿا. سنڌي ۾ به وقت به وقت ڪي ذهني مريض ليکڪ، ڪوڙن نالن سان اهڙا ڪتاب ڇپرائي، وڏا پئسا ڪمائيندا رهن ٿا. جيئن ته اهي سائنسي ڪتاب ناهن، ان ڪري عام پڙهندڙ ڪجهه هڙ حاصل ڪرڻ بجاءِ رڳو شهوتي لسٽ حاصل ڪري وڏيڪ گمراه ۽ پڙهڻ کان پوءِ وري پشيمان ۽ پريشان رهجي وڃي ٿو. جو ڪيس جنهن نٺوس سائنسي ڄاڻ جي حقيقتن جي تلاش ۽ جنهن پيڙا، روڳ ۽ درد جي دوا جي گهرج آهي، اها ڪيس انهن ڪتابن مان حاصل ٿي نٿي سگهي. (3) اهي ڪتاب جيڪي نه ته فحش آهن ۽ نه ئي شهوت اپاريندڙ. اهڙا ڪتاب رڳو ۽ رڳو سائنسي بنيادن ۽ حقيقتن تي ٻڌل آهن. اهڙن ڪتابن ۾ انساني جسم جي فزيالاجي، اناٽامي ۽ امبريالاجي وغيره جي به وضاحت ڪيل هوندي

آهي ۽ تصويرون پڻ ڏنل هونديون آهن تہ جيئن پڙهندڙ، جنسي سرشتي جي بناوت ۽ ڪارج جي بنيادي اصولن ۽ جماع (سنيوگ) وغيره جهڙين ڳالهين کي سمجهي سگهن. ◉ اهڙا ڪجهہ ڪتاب يا تہ اڙدوءَ ۾ آهن يا گهڻي ڀاڱي انگلش ۾ جيڪي عام ماڻهو پڙهي نٿو سگهي، ڇو تہ ان لاءِ ٻوليءَ جو ۽ ٻيو، سائنسي اصطلاحن کي سمجهڻ ۽ هنداڻ جو مسئلو رهي ٿو. ٻئي پاسي ڪان اهڙا اڙدو ڪتاب عام سنڌي، سولائيءَ سان سمجهي نٿو سگهي، ڇو تہ اڙدوءَ ۾ بہ ساڳيو اصطلاحن جي نعم البدل جي کوٽ هجڻ ڪري، اهڙا اصطلاح عربي- فارسيءَ جا استعمال ڪيا وڃن ٿا، جنهن ڪري ڪوبہ عام پڙهندڙ جنهن جو اڀياس اڇاترو ۽ سائنسي مضمونن کان هٽيل هجي، اهڙن ڪتابن مان ڀرپور لاڀ حاصل ڪري نٿو سگهي. ◉ هن ڪتاب لکڻ جي ضرورت گهڻي وقت کان محسوس پئي ڪيم. ان جا ٿلهي ليکي هي ڪارڻ هيا: (1) سنڌيءَ ۾ جنس جي سائنس تي ڪنهن بہ ڪتاب جو نہ هجڻ (2) هن سبجيڪٽ بابت ماڻهن ۾ عام اڻڄاڻائي. ايتري قدر جو ڪيترائي لکيل پڙهيل ماڻهو بہ هن موضوع تي کلي ڳالهائڻ عيب ڀانئيندا آهن، جنهن جا ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا (3) عام ڪچهرين ۾ هڪ جيڏا جيڪڏهن هڪ ٻئي کان اهڙيون ڳالهيون پڇندا آهن، يا ڪندا آهن تہ موٽ ۾ عجيب غريب ڳالهيون ٻڌايون وينديون آهن يا ٻڌٽيون پونديون آهن، جنهن ڪري سخت بيزاري محسوس ٿيندي آهي تہ حياتيءَ جي هڪ اهڙي انمول سرشتي (جسم جو هر سرشتو پنهنجيءَ ڪرت ۽ اهميت جي لحاظ کان انمول آهي) ۽ ان جي ڪرت کان عام ماڻهو ڪيتري قدر نہ بي خبر آهي! جڏهن تہ ان جي پيٽ ۾ ٻين ڳالهين کي سمجهڻ ۽ هيئين سان هنداڻ لاءِ اسان ڪيڏو نہ پئسو ۽ وقت خرچ ڪندا رهون ٿا.

◉ ڪتاب جو نالو 'جنس جي سائنسي ڄاڻ' رکيو ويو آهي، جو منجهس جنسي/ جنسي، سرشتي/ عضون بابت رڳو، گهربل معلومات ڏني وئي آهي. ٻيو ڪجهہ ان ڪري نہ ڏنو ويو آهي، جو سڀ کان پهريائين جيسيتائين ڪ بنيادي ۽ اهم ڳالهيون جهڙوڪ: خصيا ڇا آهن، جسم کان ٻاهر ڇو آهن، سندن ڪارج ڪهڙو آهي، آلت ڇا جي ٺهيل آهي، انگيز ڪيئن ۽ ڇو ٿو ٿئي، انزال ۾ ڇا ٿو ٿئي، ڳپ ڪيئن ٿو پوي، ڳوڙهارپ ڪيئن ٿي ٿئي؟ وغيره سمجهيون نٿيون وڃن، تيسيتائين وڌيڪ ڳوڙهين ۽ پيچيده ڳالهين کي سمجهي نٿو سگهجي. جيستائين ڪ جنسي عضون ۽ جنمي سرشتي کان پوءِ اڳتي جي ڳالهين جو تعلق آهي جهڙوڪ: جماع ڪيئن ڪجي، ڪهڙا طريقا (آسڻ) استعمال ڪجن، جماع ڪڏهن ڪجي، جنسي بيماريون، جنمي مسئلا، ڳپ روڪ، جا طور طريقا ۽ ٽيسٽ ٽيوب بيبي وغيره ۽ انهن سان ڪهڙا لاڳاپيل مسئلا ٿي سگهن ٿا ۽ ڪهڙا اپاءَ وٺي سگهجن ٿا؟ تہ اهڙين ڳالهين جو ذڪر 'ايندڙ ڪتاب' ۾ ڪيو ويو آهي، جيڪو پڻ تياريءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيڻ آهي. * هي ڪتاب رڳو ۽ رڳو سائنسي بنيادن تي ۽ ڪيترن ئي سائنسي ڪتابن جي مدد سان لکيو ويو آهي، تنهنڪري ان ۾ لست حاصل ڪرڻ يا فحاشيءَ جي گنجائش موجود ناهي، ڇو تہ رڳو اهوئي مقصد آڏو رکي ڪتاب لکيو ويو آهي تہ جنس جي ڄاڻ، رڳو ۽ رڳو سائنسي بنيادن تي مهيا ڪئي وڃي. هڪ دفعو جڏهن ڪو پڙهندڙ اهڙي جنسي سائنس جي ڄاڻ حاصل ڪندو ۽ پڙهڻ کان پوءِ جڏهن منجهس اهڙي ٽيسٽ پيدا ٿئي ٿي تہ اڳتي لاءِ ڪنهن بہ غيرسائنسي ۽ فحش مواد کي پڙهڻ پسند نہ ڪندو، ڇاڪاڻ تہ اهڙن فحش ڪتابن جي پڙهڻ سان ڪجهہ بہ هٿ حاصل نٿو ٿئي، پر رهندو ذهني پريشاني پيدا ٿئي ٿي. ◉ بالغ ٿيڻ کان پوءِ خود مون لاءِ جيڪو خاص مسئلو پيدا ٿيو، ان سبب گهڻو پريشان رهيس، اهڙو ڪو يار دوست يا ڪو ڪتاب ڪڙو بہ ڪونہ هيو، جنهن کان مدد وٺي يا دل جو حال اوري سگهجي. اهو هي هيو تہ هڪ دفعو محسوس ڪيم تہ هڪ خصيو ٻئي کان گهڻو هيٺ لڙڪي رهيو آهي، سمجهيم تہ ڪا وڏي گڙٻڙ ٿي پيئي آهي. ان سبب ڏاڍو پريشان رهيس. آخر دل جهلي والد سان ڳالهہ ڪيم، جيڪو پرائمري استاد هجڻ سان گڏوگڏ حڪمت بہ ڪندو هو. هڪ مخلص ۽ ڪلمڪ انسان هيو. 'مرتضيٰ بوڪ اسٽور، لاڙڪاڻي' تي وٽس وڏيون ڪچهريون هلنديون هيون. اڪثر سنڌي استادن جو وٽس ميڙو متل رهندو هو. هڪ پاسي ڪشتا پيا رهل ٿيندا هيا تہ ٻئي پاسي بائينڊنگ پئي هلندي هئي. جيئن تہ هو حڪيم بہ هيو، ان ڪري ساڻس ڳالهہ ڪئي ويئي، جنهن کلي چيو تہ ڪجهہ بہ ناهي، خصيا ننڍا وڏا يا هيٺ مٿي هوندا آهن. ◉ سچ تہ هن مضمون سان منهنجي دلچسپي ان ڪري بہ پيدا ٿي جو اسٽور تي، ڀانت ڀانت طبقن جا ماڻهو ۽ پري پري کان سنڌي استاد ڪهي ايندا هيا ۽ گهڻو ڪري هر موضوع تي بحث پيو هلندو هو. ڪڏهن مذهب ۽ سياست تي تہ ڪڏهن حڪمت، ليپن، ڪشتن ۽ معجونن تي تہ ڪڏهن پڙهڻ پڙهائڻ جي طور طريقن تي تہ ڪڏهن ڪرنٽ افيئرس تي. جتان منهنجي ذهن ۾ ڪيتريون ڳالهيون سرجڻ لڳيون ۽ انهن جا جواب ذهن ۾ ولوڙيا رهيا پر ڇاڪاڻ تہ، اهي سڀ سائنس جا ماڻهو نہ هيا ۽ نہ ئي مان ايتري سائنس پڙهيل هيس، ان ڪري اهڙي هُرڪر رهندي آئي. مثال طور، هڪ دفعي بحث ڇڙيو، جنهن ۾ پڇندڙ جو مقصد اهو ڄاڻڻ هيو تہ اها ڪيئن خبر رکي سگهجي ٿي تہ ڪنهن سان واقعي زوري زنا ڪئي بہ ويئي آهي؟ سندس زور ان ڳالهہ تي هيو تہ جيڪڏهن ڪا عورت پنهنجي مخصوص عضوي تي منيءَ جهڙو ڪو لڳ لڳدار مواد هاري وٺي رڙيون ڪري تہ ساڻس زوري ڪئي ويئي آهي؟ ◉ ننڍڪو حڪيمن جي حوالي سان هڪ همراهہ استدعا ڪئي تہ ڪا اهڙي قوت باهہ جي دوا ڏيو جو کائڻ کان پوءِ بس وڻ وڻان لڳي پيئي هجي، پوءِ هي قصو ٻڌايائين: سندس ڪنهن دوست هڪ حڪيم کان ڪشتو وٺڻ کان پوءِ

جڏهن جماع لاءِ تيار ٿيو تہ سندس سچي رت، منيءَ ۾ مٽجي ويئي، ايتري قدر جو سندس آلت مان اها ائين خارج ٿي رهي هئي، جيئن پاڻيٺ وهندي هجي. جڏهن ڪائنس پڇيو ويو تہ اهو همراهہ ڪيئن زنده بچيو؟ چاڪاڻ تہ سچي رت تہ منيءَ ۾ مٽجي وئي ۽ اها ڪهڙي شڪتي هئي جنهن سندس سرير کي زنده رکيو!
◉ اهڙين ڳالهين ۽ بحث مباحثن ہڏڻ کان پوءِ بہ هڪ کوٽ محسوس ڪندو رهندو هيس، سائنسي حقيقتن جي کوٽ، مستند دليلن جي کوٽ. چاهيندو هوس تہ ڪو هجي جيڪو سائنسي حقيقتون ہڌائي ۽ اهڙا ڪتاب هجن جيڪي اهڙي ڄاڻ مهيا ڪن تہ سچ ڇاهي ۽ ڪوڙ ڇاهي؟ * ڪي دوست نجي ڪچهرين ۾ پنهنجي قوت باهہ جي اهڙي تہ ساراهہ ڪندا آهن، جو ہڌندڙن جا ٽپ ئي ٽري ويندا آهن. چوندا تہ هو جنسي ايترا سگهارا آهن جو هڪ رات ۾ ڪيترائي پيرا جماع ڪندي بہ نٿا ٿڪجن! يا سندن هڪ دفعي جو جماع بہ ڪيترائي ڪلاڪ هلي ٿو. سائنسي لحاظ کان اهو غلط آهي، ڪوبہ نارمل ماڻهو ائين ڪري نٿو سگهي.
◉ هڪ دفعي دوست سان گڏ هڪ ميڊيڪل ڪاليج ۾ وينو هوس، جيڪو انويجيليشن ڪري رهيو هو. ڳالهين ڳالهين ۾ ڪيتريون ڳالهيون نڪري آيون، اتي هڪ پروفيسر (سوائل ڪيمسٽريءَ جو) ڪنهن ڳالهہ تان دليل ڏيندي چيو تہ حيض دوران، جماع ان سبب نہ ڪبو آهي، جو عورت ان عرصي دوران ڪي گنسون خارج ڪري ٿي! سندس جواب ہڌي مان ۽ منهنجو دوست ڏاڍو حيران ٿياسين تہ ڪيس اها ڄاڻ بہ ناهي تہ حيض ڇا آهي ڇو ٿو اچي ۽ ان ۾ ڇا ٿو خارج ٿئي؟
◉ آلت ڊگهي ڪرڻ، قوت باهہ وڌائڻ، مني گهاٽي ۽ گهٽي ڪرائڻ ۽ ان قسم جو ہيون ڪيتريون عجيب ۽ اجايون ڳالهيون اسان جا مورک ماڻهو ڪندا رهندا آهن. اهوئي سبب آهي جو هو جڏهن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ روڊن ۽ رستن جي پٽين تي عام حڪيمن جا اشتهار پڙهن ٿا جن ۾ اهو ذڪر ڪيل هوندو آهي تہ، جواني ۽ شباب کي چمڪائڻ لاءِ سندن خدمتون حاصل ڪريو، يعني تہ سندن ڪشتي ۽ معجوني گوري کائڻ کان پوءِ سندن جنسي دنيا بدلجي ويندي تہ هو اهڙين دعوائن ہڌڻ ۽ اشتهارن پڙهڻ کان پوءِ نہ رڳو انهن تي ويساه ڪن ٿا پر قوت باهہ وڌائڻ جي چڪر ۾ پئسو تہ پسي جي ماڪ، ماڻهين پنهنجي قدرتي جنسي طاقت ۽ زندگي ئي برباد ڪريون ڇڏين! ◉ ساڳئي طرح سان اهي ڪرتبي چالاڪ ماڻهو بہ آهن نانگ بلائون، مثل وڇون ۽ جيئرا سانڊا ساڻ ڪري ڳوٺن ۽ شهرن جي شاهي رستن جي ڪنڊن پاسن تي ميلا مچايون، ستين قڪين، ڪشتن، معجونن، ليپن، تيلن، جابلو جڙين ہوٽين، سانڊي جي تيل، شينهن جي چربيءَ ۽ معدنيات جو عام هوڪو ڏيئي مرداني طاقت ۽ انگيز جي سختي وڌائڻ جي چڪر ۾ عام ماڻهوءَ کي اهڙو ڦاسايو ڇڏين، جو اهي شيون هڪ پيري جي استعمال ڪرڻ کان پوءِ سندن

لاهہ ئي نڪري وڃن ٿا. اهڙا ڪيترائي نيم حڪيم ۽ هٽ ٺوڪيا سنياسي ريلن ۾ بہ ملندا جيڪي قوت باهہ جي گورين ۽ طلا جي طلسمن جو عام هوڪو ڏيندا رهندا آهن. ائين ڪجهہ پرڏيهي ڪمپنيون بہ آهن، جيڪي ولائتي نالن سان، وڏا وڏا دڪان کولي، اهوجهہ ماڻهن کي سندن مردانگيت وڌائڻ لاءِ پاڻ ڏانهن ڇڪينديون رهن ٿيون. * اهي سڀ شيون عام ماڻهو رڳو ان سبب واپرائڻ لاءِ مجبور آهي، جو ڪيس پنهنجي جنسي سرشتي ۽ ان جي جوڙجڪ جي سڌ ڪانهي. هو سمجهي ٿو تہ اهو سرشتو ۽ سرشتي جا ڀاتي اهڙا عضوا آهن، جن جي ڳالهہ ڪرڻ ۽ انهن بابت ڄاڻ رکڻ عيب آهي! جڏهن تہ ان جي پيٽ ۾ پنهنجي ناهہ ٺوهہ لاءِ عمدا تيل، شيمپو، ولائتي ڪريمون، پلا برش ڦڻيون، سرما ڪجل، مسي مساڳ، پائوڊر، اسپري، سينٽون، عطر ۽ عنبير استعمال ڪري ٿو، ٺورڙي ۾ تہ پاڻ وٽائڻ لاءِ پنهنجي وت ۽ وس آهر هو ڇا ڇا نٿو ڪري! ◉ هت اها بہ وضاحت ڪندس تہ مان نہ تہ جنسي تعليم جو ماهر آهيان ۽ نہ ئي هن سبجيڪٽ تي اٿارٽي. هن سبجيڪٽ سان منهنجي دلچسپي تڏهن کان بہ شروع ٿي، جڏهن زولاجي ڊپارٽمينٽ ۾ هي سبجيڪٽ ڪيترن استادن مختلف پهلوئن کان پڙهايو جهڙوڪ: فزيالاجي، ائناٽامي، امبريالاجي، ڊولپمينٽل بائلاجي، ائنيمل بهيويئر ۽ جينيٽڪس وغيرهہ. ائين برابر آهي تہ، استادن ڪلاس روم ۾ سڌي سنئين جنسي تعليم تہ نہ ڏني پر سندن پڙهائي اهڙو احساس ضرور پيدا ڪيو تہ ائنٽمي دور ۾ رهندي بہ جنسي لحاظ کان اسان جي سوچ پٿر جي دور واري آهي، ساڳئي وقت اهڙو اتساهہ پڻ پيدا ٿيو، جنهن سبب هن سبجيڪٽ تي پنهنجي ڪورس جا لاڳاپيل ڪتاب ۽ ٻيا ڪيترائي سائنسي ڪتاب پڙهيم ۽ وڌيڪ پڙهڻ جو شوق پيدا ٿيو. اهوئي سبب آهي، جو هي ڪتاب لکي پچايم تہ جيئن، جنهن اڻڄاڻائپ سبب جيڪي ڪجهہ ڀوڳيو اٿم، گهٽ ۾ گهٽ، نوجوان نسل انهيءَ ڀوڳڻ کان بچي سگهي.

◉ ڪتاب ان اميد سان لکيو ويو آهي تہ عام پڙهندڙن کان سواءِ طب جي شاگردن، حڪيمن، طبيبن، ڪمپائونڊرن، هيلٿ ٽيڪنيشنن، نرسن، داين، سوشل ورڪرن ۽ سماج سڌارڪ فردن لاءِ پڻ ڪارائتو ٿي سگهندو، جيڪي پيچيده طبي اصطلاح سمجهڻ ۾ تڪليف محسوس ڪن ٿا. * ڪتاب ۾ ڪيتريون ئي اوڻايون آهن، جيڪي مان محسوس ڪريان ٿو تہ توهان بہ محسوس ڪندا هوندا. مان جيڪي محسوس ڪريان ٿو سا اها ڪوٽ آهي، جيڪا ڪنهن هولي ۽ هبڇيءَ وٽ هجي، ڪڏهن بہ نہ ڍاپڄڻ واري! هر نئين شيءِ ڪتاب ۾ ڏيڻ واري، ور ور ڪري ناهي لکڻ واري، جيڪا هن ڪتاب کي 1982ع کان وٺي ڪيترائي ڀيرا لکڻ کان پوءِ بہ محسوس ڪريان ٿو تہ ۽ محسوس ڪندو رهندس، جيڪڏهن اهڙيءَ ڪوٽ کي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي ها تہ شايد ڪتاب کي پوري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ ۾ اڃان به ڪجهه زمانو لڳي وڃي ها! ◉ ڪتاب ۾ 'سيل' بابت ننڍڙو تعارفي ٽڪرو به ڏنو ويو آهي، جيڪو ڏيڻ ان ڪري مناسب سمجهيو ويو ته جيسيتائين سيل جي بنيادي ڳالهين جي ڄاڻ ناهي، تيسيتائين ڪنهن به ساهواري ۾ اهڙين ٻين ڪيترين ڳالهين کي سمجهي نٿو سگهجي. هونئن به هر ساهواري ۾ سيل جي اهميت اهڙي آهي، جهڙي ڪنهن عمارت لاءِ سرن جو هجڻ. سيل تي هڪ الڳ ڪتاب تياريءَ هيٺ آهي، اميد ته اهو به جلد پڌرو ڪيو ويندو. ◉ ڪوشش ڪري ڪتاب ۾ تصويرون به جهجهيون ڏنيون ويون آهن، ڇو ته سائنس جو ڪوبه ڪتاب تصويرن کان سواءِ سمجهڻ ۽ سمجهائڻ ڏکيو آهي. ڪي تصويرن نه ڏئي سگهيو آهيان، جيڪي ڏيڻ چاهيم ٿي. نه ڏيڻ جا ڪجهه سبب آهن، بهرحال ڪجهه به نه هجڻ کان، ڪجهه هجڻ ضروري آهي. ◉ هي سڄو ڪتاب انگلش ڪتابن جي مدد سان لکيو ويو آهي، تنهنڪري جيڪي به انگ اکر ڏنا ويا آهن، اهي يا ته يورپي آهن يا آمريڪي. ان کان سواءِ هڪ اڌ پاڪستاني ڪتاب جيڪو انگلش ۾ ملي سگهيو، ان جي به مدد ورتي وئي آهي ۽ ملندڙ انگ اکر اتان به کنيا ويا آهن.

◉ سنڌيءَ ۾ سائنس جي هن شاخ تي هي پهريون سائنسي، سولو ۽ عام فهم ڪتاب لکي نه رڳو عام پڙهندڙن جي کوٽ کي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي پر ساڳئي وقت هي مضمون جديد طرح سان متعارف به ٿي رهيو آهي. اهو به ممڪن آهي ته پهرين ڀيري پڙهڻ سان توهان کي ڪي ڳالهيون سمجهه ۾ نه به اچن ته وري پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو. ◉ هن ڪتاب جي تياريءَ جي ڏس ۾ جن سڄڻن ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان سهڪار ڪيو، انهن مان امداد حسيني، ڊاڪٽر نجم عباسي، ڊاڪٽر تنوير عباسي، ڊاڪٽر ڪنيي گيانچنداڻي، محمد عظيم چانڊيي جو ٿورائتو آهيان. سائين ظفرحسن به ان ڏس ۾ سدائين منهنجي سهائتا ڪئي. اشوڪ گيانچنداڻيءَ به پنهنجا ڀال ڀلايا، جنهن کي سيني کان وڌيڪ تنگ ڪيم. سندس صحتمند تنقيد ۽ ڪارائتن راين کان سواءِ شايد هي ڪتاب پورو ٿي نه سگهي ها. ◉ انهن سيني پڙهندڙ جو شڪر گذار رهندس، جيڪي ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ پنهنجن راين ۽ صلاحن کان واقف ڪندا. پڙهندڙن جي صحتمند تنقيد جي آجيان ڪئي ويندي، جو ان کان سواءِ ڪنهن سڌاري/ واڌاري لاءِ سوچي به نٿو سگهجي. ساڳئي وقت پڙهندڙن کي اها به گذارش آهي ته، طبي اصطلاح جيڪي وڌيڪ تز يا مناسب ٿي سگهن ٿا، انهن کان به آگاه ڪن ته جيئن انهن اصطلاحن جي پڻ خبر پئجي سگهجي ۽ اهي عام ماڻهن تائين به پهچائي سگهجن. * جنس جي لحاظ کان توهان به جيڪڏهن ڪي ڳالهيون وضاحت سان ڄاڻڻ چاهيندا هجو ته لکي موڪليو ته جيئن اهي پڙهندڙن جي ڀلي لاءِ ايندڙ ڪتاب ۾ واضح ڪري سگهجن.

— علي مرتضيٰ ڌاريجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طبيب جڙين ٻوٽين جي ڄاڻ،
منشي انگن اکرن جي علم ۽
پرٽيل ماڻهو جنسي سائنس جي سڌ
کانسواءِ بلڪل ڪورو ڄٽ آهي.

واتسايانا-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيدائش جا طريقا (Types of reproduction)

ڪنهن زماني ۾ پانيو ويندو هو ته سادي قسم جي مخلوق مردار جسمن مان نسرجي ٿي مثال طور: گهوڙي جا وار جڏهن ڪجهه عرصي لاءِ دٻن ۾ رهن ٿا ته منجهائن ڪينئان (worms) پيدا ٿين ٿا ۽ ڏيڏرن لاءِ پانيو ويندو هو ته اهي ڳرندڙ ۽ سرندڙ ماس مان پيدا ٿين ٿا. اڳتي هلي 17 صدي ع جي سائنسدانن جاندارن جي ائين پاڻهرڙتو پيدا ٿيڻ (spontaneous generation) واري خيال کي خام ثابت ڪيو ۽ تجربن رستي ظاهر ڪري ڏيکاريو ته زندگي ئي ڪنهن زندگيءَ کي جنم ڏئي سگهي ٿي.

هر قسم جي زندگيءَ جي پيدائش زنده جاندارن مان ٿئي ٿي، اها هڪ سائنسي حقيقت آهي. جاندار پيدا ٿيندا وڌندا، جهور ٿي فنا ٿي وڃن ٿا يا هو وقت کان اڳي حادثن ۽ بيمارين جي ور چڙهي، اجل جو شڪار ٿي وڃن ٿا. ائين ڪنهن جانور جي جنس يا انساني جاتيءَ جي بقا جو مدار پيدائش ڪندو رهڻ تي آهي.

ٻين سڀني سرشتن جي ڀيٽ ۾ شايد ته پيدائشي سرشتو ئي هڪ اهڙو سرشتو آهي، جنهن جو ڪنهن فرد /جيو جي چڱيڀلائي لاءِ هجڻ ٻنهه ضروري نه سمجهيو ويندو آهي، جنهن جو ثبوت هي آهي ته جي پيدائشي سرشتي جو ڪو عضوو يا اهو سڄوسارو ئي ڇو نه ڪڍيو وڃي ته پوءِ به اهڙو فرد /جيو صحت مند زندگي گذاري سگهيٿو. ان بجاءِ جيڪڏهن اهڙيءَ سڄي جاتي /جنس جي سڀني فردن /جيون جو جنسي سرشتو ڪم ڪرڻ بند ڪري ڇڏي يا ڪڍي ڇڏجي ته اهڙي سڄي جاتي /جنس هميشه هميشه لاءِ نيست و نابود ٿي ويندي.

جانورن جي دنيا ۾ ڪي جنسون اهڙيون به آهن جن ۾ سندن جنس جا رڳو ڪي جيو، هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين پيدائش واري عمل ۾ ڀهرو وٺن ٿا مثال طور: ماکيءَ جون مکيون. هنن مکين ۾ اها رڳو راڻي ئي آهي جيڪا ماناري ۾ ويهي آنا لاهي ٿي، جڏهن ته سندس نرن ۾ رڳو ڪي چند راڻين کي سائي ڪرڻ جي سگهه رکندڙ ٿين. باقي سڄيءَ مخلوق ۾ سڀ مادي مکيون سنڍ ٿين جو انهن جو سواءِ نسرجندڙ ٻچڻ مکين جي سار سنڀال لهڻ کانسواءِ ٻيو ڪو ڪم نه هوندو آهي.

مختصراً ته جانورن جي ارتقا دوران پيدائش جا به ڪيترائي طريقا سرجيا آهن جن جي ٻن مکيه قسمن ۾ ٻچار ڪري سگهجي ٿي اهي آهن: اڻجنسي پيدائش ۽ جنسي پيدائش.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَجنسي پيدائش (Asexual reproduction)

هي پيدائش جو اهو طريقو آهي جنهن ۾ سادا جاندار جهڙوڪ : اميبيا (amoeba) ۽ پئراميشيم (paramecium) سادي طريقي سان جنم وٺن ٿا ۽ نون جيون جي پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ جيو ٻن حصن ۾ ورهائجي نئون جاندار پيدا ڪريٿو. هن قسم جي پيدائشي طريقي ۾ نر ۽ ماد نہ ٿئي. هنن کي سادا جيو ان سبب سڏبو آهي جو، وڏن جانورن جيان منجهن مختلف قسمن جا سيل ۽ گهڻا سرشتا نہ ٿين جيڪي حياتيءَ جا مختلف ڪم سرانجام ڏين ٿا. ان جي ڀيٽ ۾ سادن جيون جو جسم هڪ ئي قسم جي سيلن جو ٺهيل ٿئي ۽ اهي ئي حياتي جا مختلف ڪم ڪندا رهن ٿا جهڙوڪ: پيدائش ڪرڻ، کاڌو کائڻ، هضم ڪرڻ ۽ دشمن کان پڃي جان بچائڻ وغيره.

ڪيترا اهڙا ڪينئان بہ آهن جيڪي رڳو ٻن اڌن ۾ ورهائجي نون ڪينئن کي جنم ڏين ٿا. اهڙن ڪينئن جو يا تہ رڳو اڳيون اڌ واڌ ڪائي باقي پوئين حصي کي جنم ڏئي ٿو يا پوئيون حصو واڌ ڪائي اڳيـن حصي کي پيدا ڪري نئين ڪينئين کي جنم ڏئي ٿو.

جنسي پيدائش (Sexual reproduction)

جنسي پيدائش جو طريقو، ٽن طرحن جو ٿي سگهيٿو:

1- هن طريقي ۾ ڪي هڪ سيلا (unicellular) سادا جيو جهڙوڪ : پئراميشيم پيدائش ڪن ٿا. هن طريقي ۾ جڏهن ٻن مختلف جيون جي سيلن جا نيوڪليئس (nuclei) پاڻ ۾ ملن ٿا تہ هڪ نئون جيو پيدا ٿئي ٿو. هن طريقي کانسواءِ هي جاندار اجان ڪنهن ٻئي طريقي سان بہ پيدائش ڪري سگهن ٿا.

2- ڪي جاندار اهڙا آهن جن کي هرمافروڊائيٽ (hermaphrodite) سڏجي. هرمافروڊائيٽ يوناني ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي تہ جڏهن ساڳئي جيو ۾ نر ۽ ماد جا جنسي سيل هجن. ائين جاندارن جون ڪي جنسون اهڙيون بہ آهن جن جي هڪ ئي جيو ۾ ٻئي نر ۽ ماد جا جنسي سيل پيدا ٿي، پاڻ ۾ ملي ڪنهن نئين جيو کي تخليق ڪنتا. اهڙو هڪ عام مثال ٽيپ ورم (tape worm) جو آهي.

هن گروه جي جيون جو ٻيو مثال سانپو (earth worm) آهي. هن طريقي ۾ وري بہ سانپا پاڻ ۾ ملي، رڳو هڪ ٻئي جي تخمي جيون جي مٽا سٽا ڪري، انهن سان پنهنجن پنهنجن آنن کي ٻوڪي نئون جاندار پيدا ڪندا آهن.

3- اهڙن جانورن جي گهڻائي آهي (۽ ڪيترا ٻوٽا بہ) جن جي جنسن جي نر ۽ ماد ۾ سڃاڻپ ڪري سگهبي آهي. ائين ٻن مختلف جنسن جا جيو، جنسي سيل بہ ٻن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جانورن جي پيدائش ڪرڻ جا ٻه طريقا آهن

جنسي پيدائش، — اجنسي پيدائش

جنسي پيدائش: —

اجنسي پيدائش:

جاندار اميبيا ٻن حصن ۾ ڦاٽجي پاڻ جھڙو ٻيو پيدا ڪري ٿو.

جنسي پيدائش:



ٻن پيراميشن جا نيوڪليئس پاڻ ۾ ملي هڪ نئون جيو پيدا ڪن ٿا.

اجنسي پيدائش:

پيراميشم ٻن حصن ۾ ورهائجي پاڻ جھڙو ٻيو ٻه پيدا ڪري ٿو.

جنسي پيدائش:



اجنسي پيدائش:



هئڊرا جو جسم ڪنهن هڪ هنڌان ڦوٽهڙو ڪائي پاڻ جھڙو ٻيو جيو پيدا ڪري ٿو.

جنسي پيدائش:

اجنسي پيدائش:

ٽيپ ورم

اجنسي پيدائش نه ٿئي

جنسي پيدائش:

هڪ سانپو ٻئي جي تخمي جيون سان پنهنجن آنن کي ٻوڪي ٿو.

اجنسي پيدائش:

سانپو

اجنسي پيدائش نه ٿئي

جنسي پيدائش:



آنو ٻوڪجڻ کانپوءِ پيٽ ۾ واڌ ڪري ٿو ۽ ٻار ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو

اجنسي پيدائش:

انسان

اجنسي پيدائش نه ٿئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مختلف قسمن جا پيدا ڪن ٿا يعني: مادي آنا (ova/eggs) ته نر تخمي جيو (sperm) پيدا ڪندا آهن. جڏهن ماديءَ جي آني سان نر جو تخمي جيو ملي ڪيس ٻوڪيندو (fertilize) آهي ته هڪ نئون جيو جنم وٺي ٿو. هن قسم جي پيدائش کي، جڏهن نر ۽ ماد جا جنسي سيل ملي ڪنهن نئين جاندار کي پيدا ڪن ته انکي جنسي پيدائش سڏبو آهي. اهو جانورن جي دنيا ۾ پيدائش ڪرڻ جو هڪ وڏو ۽ وڏو عام طريقو آهي. مثال طور: انسان ۽ سڀ ٿڃائتا جانور.

جنسي طرح سان پيدائش ڪندڙ جانورن ۾ ڪي مخصوص جنمي غدود (gonads) ٿين. جن جو ڪم رڳو جنسي / جنمي سيل(gametes) پيدا ڪرڻ ٿئي. جنمي عضوا ٻن قسمن جا ٿين. نرن ۾ اهي خصيا (testes) سڏجن ۽ سندن ڪم تخمي جيو پيدا ڪرڻ ٿئي، مادين ۾ ڪين آنيدانيون (ovaries) سڏجي ۽ اهي رڳو آنا پيدا ڪنديون رهنديون آهن.

ائين ٻنهي جنسن جا پيدا ٿيندڙ جنمي سيل به هڪ ٻئي کان گهڻا نرالا هوندا آهن. مثال طور: آنا، عام طور تي بيضوي يا گول ٿين ۽ منجهن هلڻ چلڻ جي قوت به نه هوندي آهي، ته اهي مختلف سائيزن جا پڻ ٿي سگهن ٿا جنهن جو مدار منجهن موجود ذرديءَ (yolk) جي مقدار تي هوندو آهي. ان لحاظ کان جانورن جي دنيا ۾ پکين ۽ سُرندڙ جانورن (reptiles) جا آنا ٻين سڀني آنن کان وڏا ٿين.

آنن جي ڀيٽ ۾ تخمي جيو ايترا ته ننڍڙا ٿين جو ڪين سواءِ خوردبين جي، اک ڏسي به نه سگهندي آهي. منجهن چرڻ پرڻ جي شڪتي پڻ هوندي آهي، جو ڪين هڪ ڏگهو پڇ ٿئي جيڪو پاسن تي ڦڙڪي ڪين هلڻ چلڻ ۾ واهر ڪندو آهي.

جنسي طرح سان پيدائش ڪرڻ واري طريقي جو هڪ لاڀ هي به آهي ته ان طرح سان مختلف پاون جا فرد پيدا ٿي سگهندا آهن جو والدين،اڌ چڪ/موروثي (hereditary) پاون جي لحاظ کان مختلف قسمن جا جنمي سيل پيدا ڪندا آهن. تنهنڪري اهي (آنا ۽ تخمي جيو) جڏهن پاڻ ۾ ملي ٻوڪبا آهن ته سندن ٻچا به مختلف پاون وارا پيدا ٿي سگهندا آهن. ائين جن ٻچن ۾ نهڪندڙ تبديليون اچن ٿيون، اهي وڌيڪ ڪاميابيءَ سان زنده رهي سگهندا آهن ۽ اڻ نهڪندڙ تبديلين وارا نه رڳو ڏگهي عرصي تائين زنده رهي نه سگهندا آهن پر جنم به ڏئي نه سگهندا آهن. اهوئي سبب آهي جو جانورن جي ارتقا ۾ جنسي پيدائش واري طريقي کي هڪ خاص اهميت حاصل آهي ۽ جاندران جي دنيا ۾ هي طريقو وڏو ۾ وڏو عام آهي. انسان جي حالت ۾ مرد جو تخمي جيو عورت جي آني سان ملي ڳپ (embryo) پيدا ڪريٿو، ڳپ ٻچي (foetus) ۾ ۽ ٻچو نون مهينن دوران ٻار ۾ تبديل ٿي وڃيٿو، جيڪو شروعات ۾ هر مدد جو طلبگار پر اڳتي هلي جڏهن سندس جسماني ۽ ذهني قوتون نسري وڃن ٿيون ته هو هڪ مڪمل انسان جيان ڪٽنب ۽ سماج جو هڪ ڀاتي بڻجي وڃي ٿو. بالغ ٿيڻ/سامائجڻ کانپوءِ اهڙي فرد تي سندس ٿي هارمونن جو اثر پوي ٿو، هو پاڻ جهڙا فرد پيدا ڪرڻ جي سگهه رکي ٿو ۽ ائين سندس سڦل زندگيءَ جي شروعات ٿئي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنيادي طرح سان مرد ۽ عورت ٻنهي ءَ جنس وارا آهن، يعني تہ ٻنهي ۾ ٻئي جنسون موجود ٿين جڏهن تہ ٻنهي ۾ رڳو هي فرق هوندو آهي تہ عورت کي ڳيچ پوڻ وقت ٿي سندس ڳيچ جيڪڏهن پُٽ ٿيڻو آهي تہ منجهس مردن واريون صفتون غالب ٿي وڃن ٿيون ۽ عورتاڻيون صفتون دٻيل رهن ٿيون. ساڳئي طرح سان ڌيءَ ٿيڻ جي حالت ۾ عورتاڻيون صفتون غالب ٿين ٿيون ۽ مرداڻيون صفتون دٻيل رهن ٿيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو ڄاڻڻ ۽ سمجهڻ تہ مردن ۽ عورتن جي جنسي /جنمي عضون ۾ فرق، انهن جو ڊول، بناوت ۽ ڪارج ڪهڙو آهي، سڀ ڪان اڳ۾ مرد ماڻهوءَ ۽ عورت ذات جي ٻاهرئين ڊول جو ذڪر ڪنداسين.

عورت جي جنمي يا پيدائشي سرشتي (reproductive system) جي ابتڙ جيڪو پاڳي گهڻي جسم اندر لڪل ٿئي، مرد جي پيدائشي سرشتي جو وڏو حصو جنهن ۾ خصيا ۽ آلت اچي وڃن ٿا ظاهر ظهور آهن. خصيا پنهنجين ڳوٺرين ۾ هوندا آهن. بالغ ٿيڻ ڪانپوءِ، دن ڪان هيٺ سموري نهائين، اندڪوش (خصين جا پوش) ۾ ڇڏا وارن سان ڍڪجي وڃن ٿا جيڪي مٿي جي وارن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ گهرا، ننڍا، ڪهرا ۽ گهنڊيدار ٿين.



مرد ۽ عورت جي جسماني ڊول ۾ فرق

ارهن جي هجڻ ڪانسواءِ مرد هيٺين مکيہ ڳالهين ۾ عورت ڪان مختلف آهي:

ڪلهي، ڇاتيءَ ۽ پولھ جي ايراضيءَ ۾ فرق   وارن جي ورڇ ۾ فرق.
هڏائين ۽ مشڪائين جوڙجڪ ۾ فرق.   ڪوڪڙي جي هجڻ ۾ فرق.

هنن مان ڪيترين ڳالهيون تيستائين ظاهر نہ ٿينديون آهن. جيستائين بالغ نہ ٿو ٿجي، جڏهن تہ جنمي عضون ۾ فرق ڄمڻ جي ڪجهہ هفتن ڪانپوءِ ظاهر ٿيڻ لڳندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com





مرد ۽ عورت جي جنمي سرشتي ۾ فرق

جينوٽيڪ مرد ۽ عورت جي جنمي ۽ جنسي عضون جي بناوت ۽ ڪرت ۾ وڏو فرق آهي پر تنهن هوندي به اهي ڪُپ جي ساڳين ٽشوئن مان ابرن ٿا.

تصوير ۾ جيڪي ٽشو ڏيکاريا ويا آهن، اهي هڪ ٻئي سان ميل کائيندڙ آهن مثال طور: ڇُپ جا اهي ٽشو جيڪي اڳتي هلي ڇوڪريءَ ۾ يونيءَ جا ٻاهريان چپ ٿاهين ٿا سي ڇوڪرن ۾ اندڪوش پيدا ڪن ٿا.

مرد جي جنمي سرشتي ۾ هيٺيان مکيه عضوا اچي وڃن ٿا:

1- خصيا	(Testis/testicles)
2- اندڪوش	(Scrotum)
3- اپيڊيڊائيمس	(Epididymes)
4- واس ڊفرنس	(Vas deferens)
5- سيمائينل ويزائيڪل	(Seminal vesicle)
6- پراسٽيٽ غدود	(Prostate gland)
7- ڪائو پرس غدود	(Cowper's gland)
8- پيشاب نلي	(Urethera)
9- آلت	(Penis)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرد ۽ عورت جي جنسي عضون ۾ خصين ۽ آنيدانين کي بنيادي جنسي عضوا (primary sex organs) ته باقي سڀني جنسي عضون کي گڏي ثانوي جنسي عضوا (secondary sex organs) سڏجي. سڀ کان اڳ ۾ خصين جو ذڪر ڪنداسين جنهن ۾ انهن جي اندرئين بناوت ۽ ڪارج به اچي وڃي ٿو.

1. خصيا (Testis/testicles)

هي جاڙا عضوا مرداني انگ جي هيٺيان پنهنجن پوشن ۾ ويڙهيل ٿين جن کي اندڪوش سڏجي، خصين جو پڻو ڪم ٿئي يعني (1) انساني نسل جي پيدائش لاءِ تخمي جيو ۽ (2) مردانا/جنسي هارمون، ٽيسٽوسٽيران (testosteron) پيدا ڪرڻ. جيڪي مرد جي صحت، مڙسيءَ ۽ چڱي ڀلي هجڻ لاءِ تمام ضروري هوندا آهن. جڏهن ته تخمي جيون ڪانسواءِ پيدائش ٿي نٿي سگهي.



مرد جو جنسي سرشتو هيٺين ڏڙ ۾ ڏيکاريل

خصين ۾ تخمي جيو پيدا ڪرڻ لاءِ سيمائينيفيرس نليون (seminiferous tubules) ته جنسي هارمون پيدا ڪرڻ لاءِ انٽراسٽيشيل سيل (interstitial cells) هوندا آهن.

هر هڪ خصيو بيضوي شڪل جو، سراسري طور تي ڊيڊ کان ٻن انچن تائين ڊگهو ۽ هڪ انچ تائين موڪرو ٿي سگهي ٿو. کاٻو ۽ ساڄو ٻئي خصيا پنهنجن پوشن ۾ اسپرمئٽڪ ڏورين (spermatic cords) وسيلي ڳنڍيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



مرد جي جنسي سرشتي جو آڏو ڏيک

۽ لڙڪندا رهندا اهن. هر اسپرمئٽڪ ڏوريءَ ۾ رت نليون ۽ واس ڊفرنس ٿئي. هرهڪ خصيو ننڍڙن گولڙن جو ٺهيل هوندو آهي، جن جو تعداد ٻن سون کان مٿي ٿيندو. هر هڪ گولڙو وري اٽڪل روءِ هڪ هزار کن سنهين باريڪ ۽ سَئين جهڙين نلين جو جڙيل ٿئي. جنکي سيمائينيفيرس ٽيوبيولس يا تخمي جيو ٺاهڻ جون نليون چئبو آهي. اهڙي هر هڪ نلي 30 انچ ڊگهي ٿئي، ائين جي سڀ ڪولي ملائجن تہ 550 والن جيترو مفاصلو والاري ويندي ون. هر هڪ گولڙي ۾ اهڙيون چئن کان ڇهن سون تائين نليون ٿين. انهن نلين جي استر ۾ اسپرمئٽوگونيا (spermatogonia) يا تخمي جيون جا بنيادي سيل ٿين، جيڪي پو، جيئن جيئن ڇوڪرو بالغ ٿيندو ويندو آهي تيئن تيئن اهي سيل واڌ ڪندا بالغ ٿيندا ويندا آهن ۽ تخمي جيو پيدا ڪرڻ شروع ڪندا آهن.

نرن ۾ خصيا ڳڀ جي انهن سيلن مان ٺهن ٿا جن مان نارين جي حالت ۾ آنيدانيون پيدا ٿين ٿيون. جمڻ کان اڳ خصيا مٿي پيٽ ۾ هوندا آهن. انسانن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پين ٽٽائتن جانورن ۾ عام طورتي اهي چهر وقت يا ڄمڻ کان سنت ئي پوءِ انڊڪوش ۾ لهي ايندا آهن. اٽڪل 7 سيڪڙو ٻار اهڙا ٿين جن ۾ هڪڙو يا ٻئي خصيا هڪ سال جي عمر تائين به هيٺ لهي نہ سگهندا آهن. جنهن جا ڪيترائي ڪارڻ ٿي سگهن ٿا مثال طور: جسماني جوڙجڪ ۾ نقص، اينڊوڪرائين غدودن (endocrine glands) جي گڙ ٻڙ يا جنسي ڪروموسومن (chromosomes) جو غير رواجي حالتن ۾ هجڻ. اهڙين گهڻين حالتن ۾ 8 سالن جي عمر کي پهچڻ کان اڳ خصيا پنهنجو پاڻ ئي هيٺ لهي ايندا آهن پر اهڙين حالتن ۾ جڏهن اهي ان عمر تائين هيٺ لهي نہ سگهن تہ اهڙيءَ حالت کي ڪرپٽارڪزم (cryptorchism) سڏجي جيڪا ورلي پيدا ٿيندي آهي. اهڙا خصيا رڳو مردانا هارمون پيدا ڪري سگهندا آهن ۽ نہ ڪي تخمي جيو، پر جي تخمي جيو پيدا بہ ٿيندا آهن تہ اهي معذور هوندا آهن. تڏهن انجو علاج ڪيو ويندو آهي جيڪو هارمونن يا آپريشن رستي بہ ٿي سگهي ٿو.



خصين جو درجي بہ- درجي لهڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خصين کي هيٺ لاهڻ ضروري هوندو آهي ڇاڪاڻ تہ ڪين جيستائين پنهنجو گهربل ٽمپريچر نہ ملندو رهندو تيستائين اهي تخمي جيو پيدا ڪري نہ سگهندا آهن. خصين کي اهڙو گهربل ٽمپريچر رڳو پنهنجي ڳوٿري يعني انڊڪوش ئي مهيا ڪري سگهيتي، جيڪا پنهنجي ليکي هڪ عضوو آهي.

اهڙو ماڻهو، جنهن جا خصيا پيٽ ۾ هجن اهو مزو ماڻي ۽ جماع تہ ڪري سگهي ٿو، پر پيءُ بڻجي نٿو سگهي. ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي تہ رڳو هڪڙو خصيو هيٺ لهي ايندو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ پريشان ٿيڻ جي ضرورت نہ هوندي آهي. ڇاڪاڻ تہ هڪڙي خصيءَ ۾ بہ ايتري قوت ٿئي ٿي تہ اهو جهجها تخمي جيو پيدا ڪري سگهي، جن سان عورت ڳَپجي سگهيتي. خصيا وڌ ۾ وڌ حساس هوندا آهن اهوئي سبب آهي جو انهن کي ٿوررڙو بہ زور اچڻ ڪري ماڻهوءَ کي پوسٽ وٺي ويندو آهي.

خصين کي ڪيڏي چِڏڻ سان مختلف اثر پيدا ٿين ٿا، جنهن جو مدار هن ڳالهہ تي هوندو آهي تہ اهي بالغ ٿيڻ کان اڳ ڪڍيا ويا آهن يا پوءِ، بالغ ٿيڻ کان اڳ ڪڍي ڇڏڻ وارين حالتن ۾ مرد، جنسي لحاظ کان بالغ ٿي نہ سگهندو آهي ۽ جنسي عضوا جهڙوڪ: آلت، پراسٽيٽ غدود ۽ سيمائينل ويزائيڪل وغيره واڌ ڪائي نہ سگهندا آهن. اهڙو ماڻهو نامرد رهندو آهي، سندس سيني، ڇُترن ۽ سٿرن تي عام رواجي حالتن کان وڌيڪ چربيءَ جا تهہ هوندا آهن ۽ سندس مشڪن جي واڌ بہ اڻپوري رهندي آهي. بالغ ٿيڻ کانپوءِ ڪيڻ جي حالت ۾ ماڻهو، جنسي طور تي ويهجي ويندو آهي ۽ جنسي عضوا سسي نڪما ٿي ويندا آهن.

سيني مردن اهو بہ محسوس ڪيو هوندو تہ ڪڏهن ڪڏهن خصيا لڙڪي پوندا آهن تہ ڪڏهن وري ڇڪجي ڇڏن جي هيڪڙ ۾ انگ سان لڳي ويندا آهن. خصين ۾ انهيءَ قسم جي چرپر اصل ۾ انڊڪوش جي مشڪن سبب ٿيندي رهندي آهي، جو انڊڪوش ئي موسم ۽ وقت سار هيٺ مٿي ٿي، خصين کي بہ هيٺ ۽ مٿي ڪندا رهندا آهن، تہ جيئن خصين ۾ گهربل ٽمپريچر قائم رهي سگهي. انڊڪوش جي ائين گرمي سرديءَ سبب هيٺ مٿي ٿيڻ واري عمل کي ڪريمئسٽيرڪ رفليڪس (cremasteric reflex) سڏجي. مثال طور: جسم جڏهن تپي وڃي يا سرير ۾ جڏهن گرمي وڌي ويندي آهي تہ انڊڪوش جون مشڪون ڍليون ٿي خصين کي بہ لڙڪائي ڇڏينديون آهن تہ جيئن انڊڪوش جي ايراضي وڌي وڃڻ ڪري اهي پاڪي ۽ خصين کي ٿڌو رکي سگهن. ٿڌ وڌي وڃڻ وارين حالتن ۾ وري مشڪون سسي، انڊڪوش کي ڇڪي جسم سان لائي ڇڏينديون آهن تہ جيئن ڪين جسم مان گهربل گرمائش ملي سگهي. ان جو هڪ بيو عام مثال هي بہ آهي تہ جي ڪو ماڻهو ٿڌي پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏيندو تہ سندس خصيا مٿي چڙهن ڏانهن کڄي ويندا. ساڳئي طرح سان جي هو ٿڌي پاڻيءَ بجاءِ گرم جاءِ ڏانهن ويندو تہ اهي پنهنجو پاڻ کي هيٺ لڙڪائي ڇڏيندا. ائين عام طور تي تڏهن بہ ٿيندو آهي، جڏهن شهوت ۾ پرجي وڃبو آهي ۽ جماع /سنيوگ ڪبو آهي تہ جيئن ڪين ايذاءُ يا تڪليف نہ رسي ۽ بچاءُ ملي سگهي ڇاڪاڻ تہ خصيا تمام نازڪ هوندا آهن.

ٻالڪپڻي ۾ وري اهي ڌپ وارين حالتن ۾ پيٽ اندر هليا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندا آهن ۽ پوءِ اهڙين حالتن جي نارمل ٿيڻ سان هيٺ لهي ايندا آهن. نوجوانن جي خصين سان جڏهن ائين ٿيندو آهي ته اها ٻالڪپڻي واريءَ عادت سبب سمجهيو ويندو آهي. نوجوانن ۾ ائين ورلي ٿڏ، پوءِ ۽ جماع دوران به ٿي سگهندو آهي. ڊپ سبب ائين ماڻهن کانسواءِ ڪوئن ۾ به ٿئي. ڪوئن ۾ اهي ڊپ وقت بلڪل پيٽ ڏانهن کڄي ويندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن اصل جاءِ تي دير سان لهي ايندا آهن.

ڪيترا نوجوان ڪڏهن ڪڏهن اهو به ڏسي پريشان ٿي ويندا آهن ته سندن هڪڙو خصيو ٻي کان (گهڻن ۾ کابو ته ڪن ۾ ساڄو) ڪجهه وڏو ۽ هيٺ لڙڪندو رهندو آهي. ان لاءِ پريشان ٿيڻ جي ضرورت نه هوندي آهي جو ان جو هڪ سائنسي سبب هي آهي ته کابي خصئي جي نس (vein) جنهن ۾ رت جي گردش ٿيندي رهيٽي اها نه رڳو وڏي آهي، پر منجهس رت به جهجهي رهيٽي. جنهن ڪري اهو ساڄي کان ٿورڙو وڌيڪ ڳورو ۽ لڙڪيل رهيٽو. خصين جي هيٺ مٿي هجڻ لاءِ ماهرن جو اهو به خيال آهي ته جيئن اهي عام حالتن ۾ هڪ ٻئي سان لڳي ٺهڪندا نه رهن.

خصين جي ننڍين وڏن هجڻ جو شهوت جي وڌڻ يا گهٽجڻ سان ڪو به واسطو نه هوندو آهي. عام طور تي اهو غلط تاثر ڏنو ويندو آهي ته وڏن خصين وارا ماڻهو، وڌيڪ شهوتي ٿين ٿا يا ڪي اها به ڊاڙ هڻندا آهن ته ڪين ٽي خصيا آهن. جڏهن ته اهڙو وڌيڪ خصيو پاڻيٺي ڳوڙهي (cyst سست هڪ قسم جي ڳوڙهي) هوندي آهي ۽ نه ڪي واڌو خصيو. سائنسي لحاظ کان اها هڪ اجائي ڳالهه ليکي ويندي آهي ته ڪنهن کي ٽي خصيا هجن، جڏهن ته انجي ابتڙ ڪن کي رڳو هڪڙو به ٿئي جيڪو پڻ ٻن جيترو موثر ثابت ٿي سگهندو آهي ۽ ان جو شهوت وغيره جهڙين ڳالهين تي ڪو ورلي اثر ٿيندو آهي.

2. اندڪوش (Scrotum)

اندڪوش (خصين جا پوش) اصل ۾ هڪ ڊگهي ڳوٿري آهي، جيڪا ٻن الڳ الڳ حصن ۾ ورهايل ۽ کابي ۽ ساڄي خصئي جو ڌار ڌار پوش هوندو آهي. ٻڍڙن ۾ اندڪوش جي چمڙي ڦڪي ۽ ڪونئري ٿئي. بالغ ٿيڻ سان گهري ۽ گهنجدار ٿيندي ويندي آهي، جنهن جو سبب مٿس مردانن هارمونن جو اثر پوڻ هوندو آهي. اها ڪراڙپ ۾ ته اڃان به وڌيڪ گهري ٿي ويندي آهي. اندڪوش جي ٻن گول اڌن واري ميلاپ وٽ چمڙي ۾ هڪ اڀار ٿئي، جيڪو ٽلهي بخئي جيان لڳندو آهي. اهڙو اُڀار آلت جي هيٺان شروع ٿي مقعد تائين هيلو ويندو آهي، جيڪو نوجوان ڇوڪرن ۾ وڌيڪ چٽو ٿئي.

جوانن جي پيٽ ۾ ٻالڪن جا خصيا گهٽو مٿي ٿين، جنهن ڪري سندن اندڪوش به ڦوڪيل لڳندا آهن. مرد ماڻهوءَ جا اندڪوش هيٺ تي ۽ وڏا هوندا آهن جنهن جو سبب خصين جو لهڻ هوندو آهي. جڏهن اندڪوش هوا نڪتل ڦوڪڻي جيان لڳندا هجن، تڏهن سمجهيو ويندو آهي ته مرد اڃان بالغ نه ٿيو آهي ۽ خصيا پوريءَ طرح سان نه لٿا آهن. اندڪوش عام طور تي جسماني ٽڪ، گرم ڏينهن ۽ ذهني ٽڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوران به هيٺ لڙڪي پوندا آهن. ان ڪانسواءِ انڊڪوش تي ڪن ٻين حالتن جو به اثر پوندڙ هوندو آهي، مثال طور: گرمائش، وڏي عمر ۽ هيٺائي ۾ اهي موڪرا ۽ ڍلهڙا ته ٿڌ سبب، نوجوانن ۽ سگهارن ماڻهن ۾ اهي ڪوئجي گهنججي خصين سان ملي ويندا آهن، ان جو سبب سندن مشڪون هونديون آهن.

انڊڪوش شروعات ۾ پيٽ واري خال (abdominal cavity) سان نري واري لنگهه (inguinal canal) رستي مليل هوندو آهي. هڪ دفعو جڏهن خصيا پيٽ مان لهي منجهس ايندا آهن ته پوءِ اهڙو لنگهه بند ٿي انڊڪوش ۽ پيٽ جي خانن کي هڪ ٻئي کان ڌار ڌار ڪري ڇڏيندو آهي. ورلي ائين به ٿيندو آهي ته نري وارو لنگهه صحيح طرح سان ٻنججي نه سگهندو آهي يا منجهس ڪو هنڌ ڪچو يا ڪمزور رهجي ويندو آهي، جنهنڪري پوءِ جڏهن به ڪو سخت زور بار وارو ڪم ڪبو آهي ته اهو کلي پوندو آهي. اهڙي اڻپوري طرح سان بند ٿيل خال کي يا پوءِ واري حالت ۾ کلي پوڻ کي ڇِن (inguinal hernia) سڏجي، جيڪو مردن ۾ هڪ عام قسم جو ٿي پوندڙ ڇن آهي. جڏهن ڇن وڏي ويندو آهي، تڏهن آپريشن رستي ان جو علاج ڪري ڪيس بند ڪرڻ ضروري ٿي پوندو آهي ته جيئن آنڊو هيٺ انڊڪوش ۾ لهي نه سگهي. هن قسم جو ڇن گهٽي قدر انسانن ۾ ٿئي، جو هو ٻن پيرن تي هلندڙ جانور آهي ۽ ان سبب پيٽ جي هيٺئن حصي تي وڌ ۾ وڌ دٻاءُ وجهندو رهي ٿو. هن قسم جو ڇن باقي ٿڻائتن جانورن ۾ ورلي ٿئي ـــــ جو اهي چوپايا آهن. جڏهن ته ڪي ٿڻائتا جانور اهڙا به آهن، جن جي انڊڪوش جو خال ڪجهه کليل رهندو آهي، جنهن سبب سندن خيصا اُجنمي (non-reproductive) مندن ۾ پيٽ ۾ هليا ويندا آهن.



ڇن جو اهو قسم جنهن ۾ آنڊي جو وکڙ
خصيائين خال وسيلي هيٺ لهي اچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تخمي جيو يا نر ٻج (Sperm)

سائنسي ٻوليءَ ۾ تخمي جيو کي اسپر ميٽوزوون(spermatozoon) سڏبو آهي. جڏهن ته عام طورتي اسپرم (sperm) سڏيا آهن.

تخمي جيو خصين جي تخمي نلين (سيمائينيفيريس ٽيوبيولس) مان پيدا ٿيندا آهن ۽ آني جي پيٽ ۾ گهڻا ننڍا ٿين. ايتري قدر جو اهي خوردبين (microscope) کانسواءِ ڏسي به نه سگهبا آهن.

هر هڪ تخمي جيو سائيز جي لحاظ کان انچ جي پنجين سوين پتيءَ جيترو مس ٿئي، يعني ته اهي جي پنج سو هڪ ٻئي سان ملائي رکبا تڏهن مس وڃي هڪ انچ جيتري جاءِ والاريندا. تخمي جيو ڏسڻ ۾ ڀيڏڪيءَ (ڏيڏريءَ جي ٻچڙ tadpole) جهڙو سندس مٿو چپترو ۽ ڇهنبيارو ٿيندو آهي، جو چمچي وانگي سامهون ويکرو ته پاسيرو بنهه ڏنگڙيءَ وانگر نظر ايندو آهي. تخمي جيو منيءَ جو هڪ اهم حصو هوندا آهن.

بناوت جي لحاظ کان تخمي جيون کي مٿي، ڀچ ۽ ڍڍر ۾ ورهائي سگهبو آهي. تخمي جيو جي مٿي تي هڪ سنهي ڇهنبياري ٽوپي ڦبيل هوندي آهي جنهنکي ائڪروسوم (acrosome) سڏجي. تخمي جيو جڏهن عورت جي آني ۾ گهڙڻ جي ڪوشش ۾ هوندو آهي ته اها ان مهل لهي ڪيس آني منجهه گهڙڻ ۾ مدد ڪندي آهي جو منجهس اهڙي قسم جون رسون موجود ٿين. ساڳئي وقت ائڪروسوم، ڪروموسومن جي بچاءَ جو به ڪم ڏيندي آهي. تخمي جيون جي چپتري تراڪڙي مٿي ۾ ڪروموسوم هوندا آهن. ڪروموسوم رادڻ جهڙا جسم ٿين جن ۾ جين (genes) ٿين، جيڪي ورثي يا اڳڇڪ (heredity) جا ايڪا آهن.

تخمي جيو جي ڍڍر ۾ ڪيس شڪتيءَ مهيا ڪرڻ لاءِ جوتا هوندا آهن جنکي مائٽو ڪانڊريا (mitochondria) سڏجي. تخمي جيو جي جسم جو ڊگهي ۾ ڊگهو حصو پڇ آهي، جيڪو سندس منڍيءَ جي پيٽ ۾ ڏهوٽو وڌو ٿئي. پڇ ۾ ڪيس پروٽيني تاندورا (protein fibres) ٿين جيڪي پاسن تي ڦڙڪي ۽ ڪوئجي ڪيس اڳتي هلڻ ۾ واهر ڪندا آهن. هي هڪ منٽ ۾ انچ جي ڏهين حصي جيترو مفاصلو طي ڪري سگهندا آهن.

تخمي جيون جا ڊول به مختلف ٿين. اهي جن جا مٿا بيضوي ۽ نارمل (عام رواجي) هوندا آهن سي عام انزال ۾ جملي تخمي جيون جو 80 کان 90 سيڪڙو ٿين. پر جڏهن اهڙن تخمي جيون جي حد 50 کان 90 سيڪڙو هجي ته پوءِ به اهڙيءَ حالت کي نارمل چئي سگهجي ٿو. منيءَ ۾ جيترا نارمل تخمي جيو گهٽ هوندا اوترا پيٽ ٿيڻ جا موقعا به گهٽ ٿي سگهن ٿا. ائبنارمل (غير رواجي) تخمي جيون جا مٿا گول، پتا يا ٻٽن پڇن سان هوندا آهن جڏهن ته ڪي وڏن مٿن ته ڪي سنهن مٿن سان به ٿي سگهن ٿا.

هي جيستائين مڪمل بالغ نه ٿيندا آهن تيستائين خصين مان خارج نه ٿيندا آهن. هر هڪ تخمي جيو کي مڪمل بالغ ٿيڻ ۾ اٽڪل 64 ڏينهن لڳي وڃن ٿا. ـــــ تلهي ليکي ته هر 24 ڪلاڪن ۾ ٻه سوملين تخمي جيو تيار ٿيندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهنتا. تخمي جيون جو ٺهندو رهڻ هڪ مسلسل عمل آهي جيڪو ڪراڙپ ۾ البت پنهنجي ڦڙتائپ گهٽائي ڇڏي ٿو. ائين بالغ ٿيڻ ڪانپوءِ مرڻ گهڙيءَ تائين مرد ماڻهو تخمي جيو پيدا ڪندو رهي ٿو. ٺهڻ ڪانپوءِ، ٻچڙ تخمي جيو اپيڊيڊائيمس ۾ گڏ ٿيندا ويندا آهن، جتي انهن جي وڌيڪ واڌ مڪمل ٿي پوءِ



(الف) ٿڻائتن جانورن جي تخمي جيون جو هڪ نمونو

(وڏو ڪري ڏيکاريل) ۽ (ب) ان جي اندرين جوڙجڪ

اتان انزال وقت جسم کان ٻاهر نيڪال ٿي ويندا آهن. جيڪي تخمي جيو انزال رستي خارج ٿي نه سگهندا آهن، سي ٽٽندا خصين ۾ ئي جذب ٿي ويندا آهن.

بالغ تخمي جيون جي سراسري عمر 1 کان 12 ڏينهن تائين ٿئي جڏهن ته هنن جي گهٽائي اپيڊيڊائيمس ۾ 7 کان 14 ڏينهن تائين زنده رهي سگهندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تخمي جيون جا مختلف ڊول

تخمي جيون جو نهڻ :

عورتن جا آنا، آنيدانيون پيدا ڪن ٿيون. آنيدانين ۾ اهڙا ڪچا آنا ڇوڪريءَ جي ڄمڻ کان اڳيئي موجود هوندا آهن. ڄمڻ کانپوءِ اهي پيدا ٿي نه سگهندا آهن. جڏهن تہ مرد بالغ ٿيڻ کانپوءِ تخمي جيو پيدا ڪندو آهي ۽ جيستائين زنده هوندو آهي تيستائين سندس خصيا، تخمي جيو پيدا ڪندا رهندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تخمي جيو جي پيدا ٿي راس ٿيڻ جا مختلف مرحلا.

تخمي جيو، خصين جي بنيادي سيلن (اسپرمٽوگونيا) ۾ ٺهن ٿا ۽ مڪمل ٿيڻ کان اڳ ڪيترن مرحلن مان گذرن ٿا. انهن مرحلن مان گذرندي آخر ڪار منجهن ڪروموسومن جو اصل تعداد گهٽجي اڌ ٿي وڃي ٿو. اهوئي سبب آهي جو هر هڪ مڪمل ۽ راس ٿيل تخمي جيو ۾ ڪروموسومن جو تعداد 23 ٿئي، جن مان 22 آٽوسوم ۽ هڪڙو جنسي ڪروموسوم سڏجي. تخمي جيون جي بنيادي سيلن ۾ ڪروموسومن جو تعداد ٻيڻو (46) ٿئي يعني تہ ان ۾ 44 آٽوسوم هڪ ايڪس (x) ۽ هڪ واءِ (y) ڪروموسوم هوندو آهي. جڏهن تہ منجهائن ٺهندڙ نون تخمي جيون مان ڪن ۾ ايڪس تہ ڪن ۾ وري واءِ ڪروموسوم هوندا آهي. ائين تخمي جيون جي جيڪا ڪُت پيدا ٿئي ٿي ۽ انزال وقت مرد خارج ڪري ٿو ان مان اڌ ۾ 22 آٽوسوم ۽ هڪ واءِ (y) ڪروموسوم تہ ٻئي اڌ ۾ 22 آٽوسوم ۽ هڪ ايڪس (x) ڪروموسوم هوندا آهن. انهن حالتن ۾ جڏهن ڪو اهڙو تخمي جيو جيڪو واءِ ڪروموسوم وارو هجي ۽ عورت جي آني کي ٻوڪي وجهي تہ اهڙي ٻوڪيل آني ۾ 44 آٽوسوم (22 آني جا ۽ 22 تخمي جيو جا)، هڪ ايڪس (آني جو) ۽ هڪ واءِ (تخمي جيو جو) ڪروموسوم هوندا. ائين جيڪو ٻچو پيدا ٿيندو، اهو نر(xy) هوندو. پرجي ڪو اهڙو تخمي جيو جنهن ۾ 22 آٽوسوم ۽ هڪ ايڪس ڪروموسوم هجي ۽ اهو آني کي ٻوڪي وجهي تہ پيدا ٿيندڙ ٻچي ناريءَ (xx) ۾ مٽجي ويندو ڇو تہ اهڙي ٻچي ۾ 44 آٽوسوم، هڪ ايڪس ۽ هڪ ٻيو بہ ايڪس ڪروموسوم موجود آهي. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ اهو پيءُ ئي آهي، جنهن جا تخمي جيو اهو فيصلو ڪن ٿا تہ پيدا ٿيندڙ ٻار جي جنس مؤنث ٿيندي يا مذڪر! ٻين لفظن ۾ تہ پيدا ٿيندڙ ٻار جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنس جو مدار، پدري تخمي جيو جي ان قسم تي هوندو آهي جيڪو عورت جي آني کي پوکي ٿو.



آني ۽ تخمي جيون ۾ موجود ڪروموسومن جو تعداد

اڄڪلهه اهو به ممڪن ٿي پيو آهي ته انساني سيل ۾ موجود ڪروموسومن جا فوٽو ڪڍي انهن جو سائنسي مشاهدو ڪري سگهجي. جنهن ۾ ڪيترين ڳالهيون اچي وڃن ٿيون جهڙوڪ: سندن سائيز ۽ جنس جي سڃاڻپ وغيره. انهن ۾ جيڪو جنسي ڪروموسوم ننڍو ٿئي اهو ڊول ۾ واءِ (y) اکر جهڙو ٿئي جنهنڪري انکي واءِ جنسي ڪروموسوم چئجي جڏهن ته ٻيو ايڪس(x) جهڙو آهي، ان سبب ايڪس جنسي ڪروموسوم سڏجي. ائين زنانو جسم جيڪو ڪروڙين سيلن جو ٺهيل آهي انهن مان هر هڪ سيل ۾ 44 آٽوسوم ۽ ٻه ايڪس ڪروموسوم موجود ٿين. جڏهن ته مردن جي حالت ۾ اهي 44 آٽوسوم ته هڪ ايڪس ۽ هڪ واءِ موجود هوندو آهي. اهوئي سبب آهي جو مرد ماڻهو، عورت کان، جسم جي ننڍي ۾ ننڍي سيل جي لحاظ کان به نرالو آهي جو سندس هر سيل ۾ واءِ ڪروموسوم موجود آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تخمي جيون جي ڦڙ تائپ جاچڻ لاءِ منيءَ جي تپاس ڪئي ويندي آهي. انزال وقت منيءَ جي هڪ ملي لٽر ۾ تخمي جيون جو تعداد ٻڙيءَ کانوٺي ٻه سو ملين تائين به ٿي سگهي ٿو. جڏهن اهي هڪ ملي لٽر ۾ 20 ملين کان مٿي هجن تڏهن اهڙي مني کنهن عورت جي کک سائي ڪرڻ لائق سمجهي ويندي آهي. اڪثر ڪري مرد ماڻهو انزال وقت منيءَ جا سراسري طور تي ٽي ملي لٽر خارج ڪريٿو (ننڍو چمچو ٽي ملي لٽر ٿئي) ۽ سراسري طور تي منيءَ جي هر ملي لٽر ۾ هڪ سو ملين تخمي جيو هوندا آهن. جڏهن اهي 20 ملين کان گهٽ تعداد ۾ هجن، تڏهن اهڙي حالت ۾ ڳپ پئجي نه سگهندو آهي. تازين کوجنائن مان اهو به ڏٺو ويو آهي ته تخمي جيون جي تعداد جي پيٽ ۾ سندن ڦڙتائپ وڌيڪ اهميت واري ٿئي ٿي. جڏهن اهي وڌيڪ ڦڙت هوندا آهن تڏهن ڳپ پوڻ جا موقعا به وڌيڪ هوندا آهن، تنهنڪري اهي ماڻهو به ڳپ وجهڻ لائق ڏٺا ويا آهن جن جي منيءَ ۾ انزال وقت هڪ ملي لٽر ۾ ٽن ملين کان به گهٽ تخمي جيو هيا.

جئين اڳ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته تخمي جيو عام جسماني ٽمپريچر کان گهٽ ٽمپريچر تي پيدا ٿي سگهندا آهن، ان سبب خصين جو ٽمپريچر باقي جسم کان 3 کان 4 ڊگرين تائين گهٽ هوندو آهي ۽ خصيا الڳ پوشن ۾ جسم کان ٻاهر هوندا آهن. گهٽي ٽمپريچر سبب نه رڳو تخمي جيو ٺهي نه سگهندا آهن پر اهو به ممڪن هوندو آهي ته جيڪي اڳ۾ ٺهي پنهنجي گدام ۾ پهچي چڪا هجن، اهي به تباهه ٿي وڃن، اهڙو اثر عارضي به ٿي سگهي ٿو ته دائمي به. گهٽي گهٽ ٽمپريچر هجڻ سبب وري اهو به ممڪن هوندو آهي ته سندن پيداوار ئي بند ٿي وڃي جڏهن ته اهڙي ڳالهه گدامن ۾ موجود تخمي جيون تي اثر انداز ٿي نه سگهندي آهي. اهو به ڏٺو ويو آهي ته موسم جو به تخمي جيون جي پيداوار تي اثر ٿي سگهي ٿو جهڙوڪ : گرم ڏينهن ۾ منيءَ ۾ تخمي جيون جو تعداد گهٽجي ويندو آهي. ٿلهي ليکي ته تخمي جيون جي گهٽ ٺهڻ جا هيٺيان سبب ٿي سگهن ٿا :

1- خصين جي چوڌاري گهٽي گرمي : جڏهن سوڙها انڊرويئر ۽ اهڙا ڪپڙا پاتا ويندا هجن. ڪم ڪرڻ وارا اهڙا هنڌ جتي گهٽي گرمي رهندي هجي.

2-جسماني ٿلهائپ.

3- عام طورتي سٺي صحت نه رهندي هجي، اٽپورو کاڌو کائڻ، ڪسرت نه ڪرڻ، گهڻو تماڪ ڇڪڻ ۽ گهڻو شراب پيئڻ.

4- جذباتي / نفسياتي دٻاءُ هيٺ رهڻ.

5- گهٽي وقت کان وٺي لاڳيتو جماع ڪندو رهڻ، جنهنڪري به تخمي جيو ٻي ڊولا پيدا ٿي سگهن ٿا.

حيئن رت جا مختلف قسم ٿين، تيئن تخمي جيون جي به درجي بندي ڪري سگهبي آهي ۽ اهڙي سائنسي طريقي کي اسپرم پرنٽس (sperm prints) سڏيو وڃي ٿو. زوريءَ زنا جي ڪيسن ۾ جيڪڏهن زنا ڪندڙ مرد جي مني، عورت جي مخصوص عضوي مان هٿ اچي وڃي ته انهيءَ منيءَ جي تپاس رستي اهو ثابت ڪري سگهجي ٿو ته اهو مرد ڏوهي آهي يا نه.

اڄڪلهه انساني منيءَ کي ڄمائي (frozen) تخمي جيون کي بئنڪن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ رکيو وڃي ٿو، بلڪل ائين جيئن رت، بلڊ بئنڪ ۾ رکي ويندي آهي ته جيئن مستقبل ۾ ڪنهن به وقت هٿرادو طريقن سان نسل جي واڌاري لاءِ اهي تخمي جيو ڪتب آڻي سگهجن يا ڪنهن ضرورتمند کي ڏئي سگهجن. اهڙا تخمي جيو ڪيميائي مرڪبن جي مدد سان سالن تائين سانڍي سگهبا آهن.

مني (Semen)

جيئن تخمي جيون لاءِ اڳ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اهي صرف خصيا ئي پيدا ڪندا آهن ۽ منيءَ ۾ موجود هوندا آهن، تيئن اها ڳالهه به هتي واضع ڪرڻ ضروري ٿي سمجهي وڃي ته منيءَ ۾ رڳو تخمي جيو نه پر ڪي ٻيون شيون به هونديون آهن، جو مني مختلف شين جي هڪ ڳوڙهي ڪيميائي ملاوت آهي، جنهن ۾ وڌ ۾ وڌ پروٽين ٿين. منيءَ ۾ ٿلهي ليکي ته هيٺيون شيون ٿين :

سيمائينل ويزائيڪل جي پاڻيٺ 60 سيڪڙو، پراسٽيٽ غدود جي پاڻيٺ 38 سيڪڙو، منيءَ ۾ موجود مخصوص بوءِ هن غدود جي پاڻيٺ سبب پيدا ٿيندي آهي. جڏهن ته منيءَ جي باقي 2 سيڪڙي ۾ تخمي جيو ۽ ٻيون پاڻيٺون آهن جيڪي ڪائوپرس (Cowper's) ۽ لٽرس(Litter's) غدود پيدا ڪن ٿا انهن ڪانسواءِ منجهس البيومن، فاسفورس، سوڊيم ڪلورائيڊ، انزائيمون ۽ فرڪٽوز به ٿئي، جيڪا هڪ قسم جي کنڊ آهي ۽ جسم جي ٻئي ڪنهن حصي ۾ ورلي ليي. ان لاءِ چيو ويندو آهي ته اها تخمي جيون کي شڪتي مهيا ڪري ٿي. ٿلهي ليکي ته منيءَ جو 90 سيڪڙو پاڻيٺي آهي جنهن ۾ موجود ٻين شين جي نسبت سان گهٽ ۾ گهٽ تخمي جيو هوندا آهن.

هڪ اجايو ۽ عام خيال اهو به پيش ڪيو ويندو آهي ته مني جسم جو هڪ عمدي قسم جو ست/تت آهي ۽ منيءَ جو هڪ ڦڙو رت جي چاليهن ڦڙن مان تيار ٿئي ٿو. اهو خيال قديم چينين ۽ هندو فلسفين جو هيو، جو هو پائيندا هيا ته مني ستن مرحلن مان گذرڻ ڪانپوءِ تيار ٿئي ٿي، جيڪي آهن : کاڌو، رسون، رت، ماس، سٿي، هڏا، مک ۽ مني.

جيئن مٿي چيو ويو آهي ته منيءَ ۾ موجود، مٿيون سڀ شيون هڪ مقرر مقدار ۾ موجود هونديون آهن. جي سڀ منيءَ ۾ انزال وقت ملنديون رهن ٿيون، جنهن جو سلسليوار عمل هيٺين ريت ٿئي ٿو:

چٽڻ کان اڳ ڪائوپرس غدود پنهنجي پاڻيٺ جا ڪجهه ڦڙا خارج ڪري ٿو جيڪي شفاف ۽ بي رنگ ٿين، جن جو مکيه ڪم پيشاب نليءَ ۾ موجود تيزابي اثرن کي ختم ڪرڻ آهي، جو ممڪن هوندو آهي ته پيشاب ڪرڻ ڪانپوءِ منجهس ڪجهه تيزابي اثر رهجي ويا هجن (جيئن ته هيءَ مني نه پرمڌي آهي تنهن هوندي به منجهس گهٽي تعداد ۾ تخمي جيو موجود ٿين. تنهن ڪري هن سبب به جماع دوران ممڪن هوندو آهي ته پيٽ ٿي وڃي پوءِ پلي ته انزال نه ٿيندو هجي) ان ڪانپوءِ انزال ٿيندو آهي جنهن ۾ :

پهريائين : پراسٽيٽ جي پتري ڪيرائين پاڻيٺ خارج ٿئي ٿي، جنهن ۾ ڪجهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تخمي جيو هوندا آهن.

ٻيو : اها پاٽيٽ خارج ٿئي ٿي جنهن ۾ تخمي جيو هوندا آهن.

ٽيون: سيمائينل ويزائيڪل جي ڦڪي ۽ لڳ لڳدار پاٽيٽ خارج ٿئي ٿي.

ائين انهن سيني شين جي ملڻ سان جيڪا شي پيدا ٿئي ٿي، اها مني آهي. جا ڏسڻ ۾ گهاٽي کير جهڙي، بوءِ جي لحاظ کان تيز ۽ ڪيميائي لحاظ کان نيوٽرل (معتدل) يا الڪلائين (کارائين) ٿئي.

تخمي جيون کانسواءِ باقي منيءَ کي سيمائينل فليوڊ يا منيءَ جي پاٽيٽ (seminal fluid)سڏجي، جيڪا پڻ هڪ ڳاڍڙ پاٽيٽ ۽ ٽن غدودن جي پيداوار آهي جيڪي آهن : سيمائينل ويزائيڪلس، پراسٽيٽ غدود ۽ ڪائو پرس غدود.

سيمائينل فليوڊ جا ڪيترائي ڪارج ٿي سگهن ٿا، پر ٿلهي ليکي ته ڪجهه مکيه هيٺيان آهن :

1. تخمي جيون جي نيڪال لاءِ وسيلو بڻجڻ.
2. اهي لنگهه جتان تخمي جيو لنگهن ٿا تن لاءِ مڪ جو ڪم ڏيڻ.
3. عورت جي جنمي ناليءَ ۾ موجود تيزابي اثرن کان تخمي جيون کي بچائڻ.
4. منجهن جهجهي مقدار ۾ کنڊ گهٽي ياڳي فرڪٽوز (ميون جي کنڊ) هجڻ ڪري، جاندار تخمي جيون جي خوراڪ جو ذريعو بڻجڻ، جو ته تخمي جيون ۾ غذا سانديڻ جي قوت گهٽ هوندي آهي.

سيمائينل پلازمن (Seminal plasmin)

ڪوجنائن دوران منيءَ ۾ هڪڙو نئون ڪيميائي مرڪب پڻ لڌو ويو آهي، جنهنکي سيمائينل پلازمن يا مني جي پلازمن سڏجي ٿو. هن ڪيميائي مادي لاءِ چيو ويو آهي ته اهو ايترو ئي طاقتور آهي، جيتري پينسلين دوا ٿي سگهي ٿي. اهو مادو انڊيا ۾ رڍن ۽ ٻڪرين کي هٽرادو طريقن سان افزائش نسل ڪرائيندي لڌو ويو هو.

سيمائينل پلازمن هڪ پروٽيني مادو آهي ۽ هڪ دفعو جڏهن ڪنهن به سيل ۾ گهڙي وڃي ٿو ۽ اتي جي ڪي زهريلا/روڳي جيو موجود هوندا آهن ته هي مادو انهن کي ناس ڪري ڇڏي ٿو. اهڙن روڳي جيون ۾ جيڪڏهن اسٽيفائيلوڪوڪاءِ (stephylococci) ۽ اسٽريپٽو ڪوڪاءِ (streptococci) جهڙا به جيو موجود هجن ته سيمائينل پلازمن انهن کي ناس ڪرڻ ۾ ايتري ئي قوت رکي ٿي جيتري پينسلين، اسٽريپٽومائيسن ۽ ٽيٽراسائيڪلن جهڙيون اينٽي بايوٽڪ دوائون.

سيمائينل پلازمن انسانن کانسواءِ ٻين به ڪيترن جانورن جي منيءَ ۾ لڌو ويو آهي. چيو ويو آهي ته عورت ۽ مرد جي جنسي صحت کي برقرار رکڻ ۾ هي مادو وڏو ڪردار ادا ڪري ٿو. هڪ ماهر جو چوڻ آهي ته هن جي منيءَ ۾ موجودگي ڪري، جماع وقت عورت جي يونيءَ ۾ جيڪي زهريلا جيو حملو ڪندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهن ٿا، تن کان هي مادو کين بچائيندو رهي ٿو. جاڪاڻ تہ عام رواجي طور تي منيءَ ۾ ڪي اهڙا جيو موجود ٿي سگهن ٿا جي گهٽ ۾ گهٽ مردن جي پاسي کان بار پيدا نہ ڪرڻ جو سبب بڻبا هوندا تنهنڪري لڳي ٿو تہ هن مادي جي موجودگيءَ ڪري اهڙن روڳي جيون تي ضابطو رهي ٿو ۽ ٻڪي پوندو رهي ٿو.

3. اپيڊيڊائيمس (Epididymes)

خصيا پنهنجي پيداوار اپيڊيڊائيمس (تخمي جيون جي ڳوٿريءَ) ۾ خالي ڪندا آهن. هن عضوي جو ڪم، تخمي جيون لاءِ عارضي گدام جو ڪم ڏيڻ هوندو آهي. اپيڊيڊائيمس خصين جي مٿان وڙوڪڙ نلين جيان ٿئي. جن جي ڊيگهہ ويهہ فوٽ ڪن ٿيندي.

تخمي جيون کي اپيڊيڊائيمس ۾ 3 هفتا ترسڻو پوندو آهي ۽ انهيءَ عرصي دوران پچت تخمي جيو، اپيڊيڊائيمس جي رتوبتن سبب رسجي مڪمل ٿيندا آهن. تخمي جيو جيستائين هن عضوي مان نہ لنگهندا آهن تيستائين اڻرت هوندا آهن.

اپيڊيڊائيمس جون نليون اڳتي هلي هڪ ٻئي عضوي، واس ڊفرينشيا ۾ چوڙ ڪن ٿيون، جيڪو هڪ ٿلهو ۽ مشڪائون عضوو آهي ۽ انجو ڪم تخمي جيون کي اڳتي پيشاب نليءَ ڏانهن ڌڪڻ هوندو آهي.

4. واس ڊفرينس (Vas deferens)

واس ڊفرينس (تخمي جيو نلي) جي ڊيگهہ 16انچ ڪن ٿيندي. هي نليون اپيڊيڊائيمس مان شروع ٿينديون وڃي پيشاب نليءَ (يوريٿرا) ۾ چوڙ ڪن ٿيون. ۾ هڪ خصئي مان نڪرندڙ هي نليون انڊڪوش ۾ سندن پاسن کان هونديون آهن. انڊڪوش ۾ انهيءَ هنڌ تي جڏهن تکو ڏئي کين سبي يا ڪٽي ڇڏبو آهي، تڏهن تخمي جيو اڳتي هلي نہ سگهندا آهن يعني تہ پوءِ منيءَ سان ملي نہ سگهندا آهن ۽ مرد ماڻهوءَ لاءِ ٻڪي وجهڻ جا موقعا ختم ٿي ويندا آهن. جڏهن تہ هو پوءِ بہ جنسي ۽ شهوتي لحاظ کان پڙ رهندو آهي. اهڙيءَ آپريشن کي نس بندي يعني وئسيڪٽامي (vasectomy) سڏجي. هيءَ آپريشن 1960ع واري ڏهاڪي کان وٺي مردن لاءِ ٻڪي روڪ جو هڪ بهترين طريقو سمجهيو وڃي ٿو. اهڙي آپريشن ڪرايل ماڻهوءَ جا خصيا تخمي جيو تہ پيدا ڪندا رهندا آهن، پر نس بنديءَ ڪري کين ٻاهر نڪرڻ جي واه نہ ملي سگهڻ ڪري اهي خصين ۾ ئي جذب ٿي ويندا آهن ۽ منيءَ يا آلت تائين پهچي نہ سگهندا آهن. مردن ۾ نس بندي جو هي طريقو ڪيترن ملڪن ۾ گهڻو مقبول ٿي رهيو آهي.



نس بَندي

5. سيمائينل ويزائيڪل (Seminal vesicle)

واس ڊفرينشيا ڪانپوءِ تخمي جيو سيمائينل ويزائيڪل (منيءَ جي ڳوٿريءَ) ۾ ايندا آهن. جنهن جو ڪم پڻ تخمي جيون لاءِ گدام جو ڪم ڏيڻ آهي. هي هڪ قسم جي پاڻيٺ پڻ پيدا ڪندو آهي، جنهن ۾ ڪنڊبون ٽين، جي تخمي جون لاءِ غذا ٻڻبيون آهن. انڪانسواءِ هي غدود پروسٽاگلئنڊين (prostaglandin) رتوبت پڻ پيدا ڪندو آهي. هن عضوي جي پيدا ڪيل پاڻيٺ لڳ لڳدار ۽ رنگ جي ڦڪي هوندي آهي، جو منجهس اهڙو رڱيندڙ مادو موجود ٿئي.

6. پراسٽيٽ غدود (Prostate gland)

هي غدود واس ڊفرينشيا ۽ پيشاب نليءَ جي چوگرد ٿئي. هي غدود پنهنجي پاڻيٺ ڪانسواءِ تيزابي رتوبتون، خفيف عنصر (trace elements) ۽ انزائيمون بہ پيدا ڪندو آهي، جنهن سبب مني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهاٽي ۽ ڪيرائين تي پوندي آهي. پراسٽيٽ جي پاڻيٺ نه رڳو تخمي جيون لاءِ غذا آهي، پر ڪين جسم ڪان ٻاهر ڪڍڻ جو وسيلو پڻ بڻبي آهي. پراسٽيٽ جي پاڻيٺ منيءَ ۾ هڪ مخصوص بوءِ پيدا ڪندي آهي.

پراسٽيٽ غدود رڳو مردن ۾ ٿئي جنهنکي ائڪسيسري يا اضافي غدود (accessory gland)به سڏبو آهي. پاڻيٺ پيدا ڪرڻ ڪانسواءِ هي غدود ٻه طرفي وال جو ڪم به ڪندو آهي پوءِ يا ته رڳو پيشاب کي يا رڳو منيءَ کي خارج ٿيڻ ڏيندو آهي، جنهن جو وڏيڪ مدار موقعي محل تي هوندو آهي. هڪ دفعي جي انزال ڪانپوءِ پراسٽيٽ غدود کي ڪجهه وقت گهربل ٿئي ته جيئن ٻئي دفعي جي انزال لاءِ پنهنجي ڪجهه رتوبت پيدا ڪري سگهي.

7. ڪائوپرس غدود (Cowper's gland)

چڻڻ ڪان اڳ هي غدود پاڻيٺ جا ڪجهه ڦڙا پيدا ڪندو آهي جي صاف ۽ شفاف ٿين. هن پاڻيٺ جو ڪم پيشاب نليءَ ۾ پيشاب سبب پيدا ٿيل تيزابي اثرن کي ختم ڪرڻ هوندو آهي. اهي ڦڙا اهڙو سٽياٺون مک هوندا آهن، جنهن ڪانپوءِ مني سولائي سان پچڪاريءَ جي صورت ۾ ترڪي نڪري سگهندي آهي. هيءَ پاڻيٺ "مذي" سڏبي آهي. هيءَ جيتوڻيڪ مني نا هي پر تنهن هوندي به منجهس ايترا جهجها تخمي جيو ٿين جو جماع وقت، چڻڻ ڪانسواءِ به هن سبب ڳڀ پئجي سگهي ٿو. مذي، انزال ڪان اڳ ۽ پوءِ به خارج ٿيندي رهندي آهي ۽ تڏهن پڻ پيدا ٿيندي رهندي آهي، جڏهن شهوتي خيال پيدا ٿيندا رهن. عام طور تي اهو چيو ويندو آهي ته مذيءَ سبب ڪمزوري پيدا ٿئي ٿي، جيڪو هڪ اجايو خيال آهي.

8. پيشاب نلي (Urethera)

هي مشڪائين نلي انگريزي اکر ايس (s) جهڙي ٿئي ٿي جا آلت جي وچمان گذرندي سندس منهن تائين هلي وڃي ٿي. هن نليءَ جي ڊيگهه اٺ انچ کن ٿيندي. ٿڻائتن جانورن ۾ هن نليءَ جو ٻٽو ڪارج ٿئي؛ هڪ پيشاب خارج ڪرڻ ۽ ٻيو ڳڀ وجهڻ لاءِ جماع وقت مني نيڪال ڪرڻ.

9. آلت (Penis)

انسان ۾ آلت جسم جي بلڪل وچتي ٿيندي آهي. جڏهن ته ٿلهي ليکي ٻين سيني جانورن ۾ اها وچتان ٿڙيل ٿئي. بناوت ۽ جوڙجڪ جي لحاظ ڪان آلت عورت جي ڪڪڙيءَ سان مشابهت رکندڙ آهي. آلت جو ٻٽو ڪم ٿئي. هڪ عام جيڪو مثاني ۾ گڏ ٿيل پيشاب کي ٻاهر نيڪال ڪرڻ جو

(reproductive) ۽ پيو خاص جنسي (urination / micuration) يعني تہ مني کي عورت جي يونيءَ ۾ داخل ڪرڻ جنهن ۾ مردن جا تخمي جيو ٿين.

آلت کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو (1) سوپارو (glans penis) جئين تہ آلت جو هي حصو سوپاري جهڙو ڏسڻ ۾ ايندو آهي، تنهنڪري سوپارو سڏبو آهي، (2) نري (shaft) جيڪا ڊگهي ۽ سسيل حالت ۾ سنهي ۽ ڍلي، ڪل سان ڍڪيل ٿئي ۽ سوپاري مٿان وڌڪ ڪائي ڪيس ڍڪيل رکندي آهي، جنهنکي ڪوپو (prepuce / foreskin) سڏجي ۽ ان جو طهر ڪري ڪيس ڪٽيو ويندو آهي (3) جڏهن تہ آلت جو ٽيون حصو پاڙ (root) آهي جيڪا نهائينءَ جي هڏي سان ڳنڍيل هوندي آهي. نريءَ ۽ سوپاريءَ جي ميلاپ واريءَ جڳهہ تي جيڪو گهيرو طوطي جي ڳانيءَ وانگي پر گهرو اونهو ۽ چوگرد ٿئي، اهي ٻئي يعني سوپارو ۽ ڳانو آلت جا وڌ ۾ وڌ حساس ۽ شهوتي حصا آهن.



آلت جي اندرين جوڙجڪ

سوپاري وارو گول حصو باقي انگ جو وڌاءُ ٿئي، سوپاري ڪانسواءِ باقي سڄي آلت عام قسمن جي سيلن جي ٺهيل هوندي آهي. جڏهن تہ سوپاري جي ڪل (ڪوپو نہ جنهن جو طهر ڪيو ويندو آهي) عام قسمن جي سيلن بجاءِ خاص قسم جي حساس سيلن جي پوش جي جڙيل هوندي آهي، عورت جي يوني بہ انهيءَ قسم جي پوش سان ويڙهيل ٿئي.

اهي ماڻهو جن جو طهر ٿيل نہ هوندو آهي، تن جو سوپارو ڪوپي سان ڍڪيل هوندو آهي. انگيز دوران سوپاري جو ڪوپو عام طور تي پنهنجي ڇڪجي وري ويندو آهي تہ جيئن سوپاري جي يونيءَ جي استر سان ڳاٽ سبب انزال ٿي سگهي.

سوپارو جيڪو آلت جو مٿو آهي، گول ۽ لچڪدار ٿئي. تمام حساس هجڻ ڪانسواءِ انگير ۾ ان جو رنگ زور ڳاڙهو ٿي ويندو آهي. سوپاري جي مٿئين پاسي وٽ ماس جو اڀار، ڪنيءَ جيان ٿئي، جنهن سبب سندس اهو حصو هڪ آزاد ٽوپيءَ جيان لڳندو آهي. سوپاري هيٺيان چمڙيءَ جو وڪڙ ٿئي، جنهنکي تند يا فرينم (frenum) سڏجي. اهو حصو سوپاري کي انگ سان ڳنڍيل رکندو آهي، جي اهو ٿيڪڙ لنبو هجي تہ انگيز پورو ٿي نہ سگهندو آهي ۽ اڻپوري انگيز هجڻ سبب گهڻ لست ايندي آهي جنهن ڪري ڪيترائي مرد جلد ڇٽي پوندا آهن. شهوتي نہ هجڻ واري حالتن ۾ آلت ڦلهڙائپ سان خصين مٿان لڙڪيل، هٿ لائڻ سان نرم ۽ ڪونئري لڳندي آهي. اهڙين حالتن ۾ اها نہ تہ سنيوڳ/جماع (coitus) لائق هوندي آهي ۽ نہ ئي يونيءَ ۾ لنگهي سگهندي آهي. شهوت ۾ اچڻ ڪانپوءِ بلڪل سخت، سوٽ ۽ نهائينءَ جي سڌ ۾ بيٺل هوندي آهي.

آلت انگيز ۾ ڇو ٿي اچي ان جو سبب هي آهي تہ آلت، پاڻيءَ جي زور (hydrolic power) تي ٿڪندڙ ۽ هلندڙ عضوو آهي. آلت کي هائڊرولڪ پاور انهن ٽن اسفنجي نالين مان ملي ٿو، جيڪي ڦوڪجندڙ سيلن جون ٺهيل ۽ سڄيءَ آلت مان ٽنيديون وڃي نهائين سان ملندڙ هونديون آهن. انهن مان ٻہ ناليون جن کي ڪارپورا ڪيورنوسم (carpora cavernosum= پورا جسم) سڏجي، آلت کي مٿان ۽ پاسن کان ٿين، جي آلت کي ٺڳائڻ ۽ سسائڻ جو ڪم ڪنديون آهن. جڏهن آلت انگيز ۾ نہ هجي تہ اهي رڳو پورا جسم ٿي رهنديون آهن پر جڏهن آلت انگيز ۾ اچڻ واري هجي تہ منجهس رت جي رسد وڌي ويندي آهي. آلت جي پاڙ وٽ هي ناليون مشڪائن چلن سان ويڙهيل ٿين تہ جيئن اهي رت جي وهڪ کي واپس ٿيڻ کان روڪي، ڊگهي وقت تائين انگيز برقرار رکي سگهن. هي نالي ٽئين نالي ڪارپس اسپنجيوسم (corpus spongiosum= اسفنجي جسم) کان نسبتاً ڊگهيون ٿين، جيڪا آلت جي هيٺين پاسي کان يوروينرا (پيشاب نلي) کي گهيريل ۽ آلت جي منهن ۾ ڦنڊي ان جو سوپارو ٺاهندي آهي. هيءَ نالي بہ انگيز دوران اسفنجي رهندي آهي ۽ سندس ڪم يوريٿرا جي بچاءَ لاءِ هڪ نرم تہ جهڙو هوندو آهي. انگيز دوران هي ٽئي نالين رت سان ڏٽجي، آلت کي سخت ڪري ڇڏينديون آهن. ائين انگيز ٿيڻ جو مکيہ سبب شريانن جي وڏيڪ رت جو، آلت ۾ اچي ڪيس ڦوڪڻ، ڊگهو، سخت ۽ ڪڙو ڪري ڇڏڻ هوندو آهي.

ڪل جيڪا هنن نالين (نريءَ) کي ڍڪيل رکي اها ڇهڻ ۽ دٻاءَ جهڙين ڳالهين لاءِ وڌ ۾ وڌ حساس هوندي آهي. آلت جي منهن، سوپاري ۾ اهڙي حس وڌ ۾ وڌ ٿئي ۽ باقي نريءَ ڏانهن اها گهٽبي ويندي آهي جيڪا جيئن پوءِ تيئن ڇهڻ جي پيٽ ۾ دٻاءَ لاءِ وڌ ۾ وڌ حساس ٿيندي ويندي آهي.

جيستائين بالغ نہ ٿو ٿجي، تيستائين انگ ننڍو هوندو آهي. پر جڏهن بالغ ٿجي

ٿو تہ نہ رڳو آواز ڳورو ٿي وڃي ٿو، نهانئين تي وار اپرن ٿا ۽ تخمي جيو پيدا ٿيڻ شروع ٿين ٿا، پر انگ بہ وڌڻ شروع ڪري ٿو. ڪن ۾ بالغ ٿيڻ سان انگ بہ تڪڙو وڌڻ شروع ڪندو آهي تہ ڪن ۾ وري آهستي آهستي آهستي. اهڙا مرد جن جو انگ آهستي واڌ ڪائي تن کي پريشان ٿيڻ نہ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ اهو آهستي آهستي واڌ ڪائي نيٺ پنهنجيءَ اصلي سائيز کي پهچي ويندو آهي. گهٽو ڪري 17 سالن جي عمر کي پهچڻ سان آلت ايتري وڌي ويندي آهي جيتري وڌڻ گهرجي، ان عمر کانپوءِ بہ آلت اڌ کان هڪ انچ تائين واڌ ڪائي سگهي ٿي.

ڪن حالتن ۾ آلت عارضي طور تي ننڍي بہ ٿي ويندي آهي جهڙوڪ: ٿڌن ڏينهن ۾، ٿڌي پاڻيءَ ۾ ٻوڙڻ کانپوءِ، گهٽي ٽڪ يا ساٿائي ۾ يا سنڀوڳ ۾ ناڪام ٿيڻ کانپوءِ. اهڙين حالتن ۾ اهو بہ ممڪن هوندو آهي تہ خصيا ۽ سندن پوش بہ ڇڪجي جسم سان لڳي وڃن. انڪانسواءِ ڪراڙپ ۽ گهٽي زماني کان وٺي سنڀوڳ نہ ڪرڻ وارين حالتن ۾ انگ دائمي سوس ڪائي سگهي ٿو.

ڪن ٿڻائتن جانورن جي انگ ۾ هڏ هوندو آهي. اهڙي انگ کي هڏائين آلت (Os penis) سڏجي. جڏهن تہ انساني آلت ۾ هڏ نہ ٿئي، جيڪو ڪيس نڪڻ ۾ مدد ڪندو هجي، ائين گهوڙي ۽ ماڻهوءَ وغيره ۾ انگ جي ئو ڳ، رت جي پريشر (دٻاءُ) سبب ٿيندي آهي. جڏهن تہ ڪن جانورن جهڙوڪ : ڳهڻ ۽ ٻڪرن جو انگ لچڪدار پر تنداڻون (fibrous) هوندو آهي، جنهنڪري اهو سسيل حالت ۾ بہ سخت محسوس ٿئي. اهڙي انگ جي ئو ڳ مشڪن سبب ٿيندي آهي. انهن مان ڪي انگ جهڙوڪ : ڪتي جو، جڏهن گهٽا ڦوڪجي ۽ ڦنبي ويندا آهن تہ ڳنڍ پيدا ڪري وجهندا آهن جنهنڪري گانڍرجڻ واري حالت پيدا ڪندا آهن ۽ ائين اهي جانور، لڳ دوران ڪجهہ وقت تائين هڪ ٻئي کان الڳ ٿي نہ سگهندا آهن.

سيني پرائيميٽس (primates = مٿئين درجي جا ٿڻائتا جانور) ۾ جسماني ڊول ۽ قدبت جي ڀيٽ ۾ انسانن کي ئي رڳو ڊگهي ۾ ڊگهي آلت ٿئي ۽ ان جي جيڪڏهن پرائيميٽ گروهہ جي ٻين جانورن سان ڀيٽ ڪبي تہ انساني آلت، انگيز کانپوءِ نہ رڳو گهٽي ۾ گهٽي ڊگهي پر ٿلهي بہ گهٽي ۾ گهٽي ٿي وڃي ٿي.

انگيز (Erection)

انگيز هر عمر ۾ ٿي سگهي ٿو. ڄمڻ جي ڪجهہ منٽن کانپوءِ تہ 80 سالن جي پوڙهن ۾ بہ انگيز ڏٺو ويو آهي. جڏهن تہ صحيح معنيٰ ۾ انگيز جو مزو، عام طور تي بالغ ٿيڻ سان ئي پيدا ٿئي ٿو جيڪو ڪراڙپ تائين هلي ٿو. انگيز آهستي آهستي تہ جلد ٽن سيڪنڊن اندر بہ ٿي سگهي ٿو. ساڳئي طرح سان اهو ختم بہ آهستي آهستي تہ يڪدم بہ ٿي سگهي ٿو. انگيز ڪيترو وقت رهي ٿو ان جو مدار هر فرد ۾ گهٽ وڌ ٿي سگهي ٿو جنهن جو وڌيڪ مدار موقعي محل تي پڻ هوندو آهي جڏهن تہ عمر سان گڏو گڏ ان جي سختي بہ گهٽبي ويندي آهي.

انگيز ٻن ڳالهين سبب ٿئي ٿو (1) آلت جي نريءَ وارن اسفنجي سيلن ۾

رت جو دورو عام حالتن جي پيٽ ۾ گھٽو ٿي وڃي ٿو، جو جنهن رفتار سان رت انهن ۾ ويندي رهي ٿي اوتري رفتار سان واپس ٿي نه سگهندي آهي، ڇاڪاڻ ته اسفنجي هجڻ سبب انهن ۾ بي تحاشا رت جذب ڪرڻ جي قوت هوندي آهي. ڪوجنائن دوران ڏٺو ويو آهي ته سوس واريءَ حالت جي ابتڙ انگيز دوران انگ ۾ پنجوٽي ڇهوٽي دفعا وڌيڪ رت جي وهڪ ٿيندي رهندي آهي (2) آلت ۾ هڪڙا خاص سيل ٿين جيڪي تاءُ ۾ اچي پکڙجي وڃن ٿا ۽ ڳالهه جا مددگار ٿين ٿا ائين سنهوڳ دوران آلت ڏانهن ويندڙ شريانون ڦوڪجي ۽ نسون ڪوئجي وينديون آهن، جيڪو تنتي سرشتي جي ڪنٽرول هيٺ ٿيندو آهي. شريانن رستي گھٽي مقدار ۾ رت، آلت جي اسفنجي سيلن ۾ گردش ڪندي رهندي آهي. آلت پڻ انهن ئي اسفنجي سيلن جي جڙيل هوندي آهي.

انگيز ٿيڻ جي عمل کي هيٺئين مثال سان پيتي اهو سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو.

جيڪڏهن اسفنج جي ڪنهن ٽڪري کي پاڻيءَ ۾ ٻوڙجي ته سندس وٿيون پاڻيءَ سان ڀرجي وڃڻ ڪري، اسفنج جو اهڙو ٽڪرو وڌندو ڦوڪبو ويندو ۽ ان حالت ۾ تيستائين رهندو، جيستائين سندس پاڻي خارج نه ڪيو وڃي. ساڳئي طرح سان آلت ۾ جهجهيءَ رت جي داخل ٿيڻ سان سندس سائيز ۽ ڊول ۾ فرق اچي وڃي ٿو.

آلت ۾ رت جي جهجهي رسد ٿيڻ جو ڪارڻ اهي حساس تنتون (nerves) آهن، جيڪي مغزي ڏوريءَ (spinal cord) ۾ ٿين، جيڪي آلت جي رت نلين کي ڦنڊائي ڪين رت جي ايتري ته گھڻي رسد مهيا ڪن ٿيون جو ان سبب آلت ڦلهڙيءَ حالت مان بدلجي سخت راڊ جيان ٿي پوي ٿي. آلت ۾ اهڙو ڦيرو جنسي خواهش ۽ شهوتي خيالن سبب اچي ٿو. آلت انگيز ۾ اچڻ ڪانپوءِ نه رڳو سخت ۽ لچڪدار پر ڪنهن قدر ونگيل پڻ رهي ٿي، سندس اهڙو ونگيل هجڻ عورت جي يونيءَ جي ونگيل هجڻ سان نهڪندڙ هوندو آهي.

آلت جو انگيز ۾ اچڻ جو اهڙو عمل رڳو ۽ رڳو تنتي سرشتي جي اثر هيٺ ٿئي ٿو، جنهن تي وري مغزي ڏوريءَ جي انهيءَ هيٺئين حصي جو اثر پوندو آهي جنهن جو مرڪز ڊونگريءَ ۾ ٿئي. ائين جڏهن اهو مرڪز تاءُ ۾ اچي ٿو ته آلت رت جي رسد سان ڏٽجي آخر ڪار انگيز ۾ اچي وڃي ٿي. انگيز ۾ اچڻ سبب رت جو گھٽو مقدار آلت جي اسفنجي ٽشوئن ۾ اچڻ، پراسٽيٽ غدود ۽ مشڪن جي ڀيڪوڙجي وڃڻ سبب اهو ناممڪن ٿي پوي ٿو ته رت جو وهڪرو واپس ٿئي، ائين نه رڳو انگيز برقرار رهندو آهي پر ساڳئي وقت، پيشاب نليءَ جو مثاني تائين لنگهه به بنججي بند ٿي ويندو آهي. ائين پيشاب نلي جنهن جو عام رواجي حالتن ۾ ڪارج پيشاب خارج ڪرڻ ٿئي اها ڪجهه وقت لاءِ بند ٿي رڳو سنهوڳ لاءِ مخصوص ٿي ويندي آهي. اهوئي سبب هوندو آهي جو آلت جڏهن بلڪل انگيز ۾ هوندي آهي تڏهن ان حالت ۾ سولائيءَ سان پيشاب ڪري نه سگهبو آهي، ڇاڪاڻ ته پيشاب سرشتي جو اهڙو سڄو لنگهه رڳو منيءَ خارج ڪرڻ لاءِ مخصوص ٿي ويندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صبح جو سوير انگيز ٿيڻ جو مکيه سبب، مثاني جو پيشاب سان پرجي وڃڻ هوندو آهي. جڏهن ته باقي ٻين وقتن تي انگيز ٿيڻ جو مکيه سبب، مغز کي تنتي مرکز کان اشارا ملڻ هوندا آهن. جيڪي نفسياتي يا شهوتي خيالن پيدا ٿيڻ سبب يا ڪن اندرئين عضون جهڙوڪ: سيمائينل ويزائيڪل جي ڀرجي وڃڻ يا انگ جي مهٽ سهٽ ڪرڻ سبب به ٿيندو آهي.

انگيز ڪانپوءِ آلت جي ڊيگهه ۽ ٿولهه ۾ گهڻو فرق اچي وڃي ٿو. ساڳئي وقت اهو ٻڌائڻ به ڏکيو هوندو آهي ته انگيز دوران ڪنهن ماڻهوءَ جي آلت ڪيتري ڊگهي ۽ ٿلهي ٿي سگهي ٿي البت سوس وارين حالتن ۾ انگ ساڍن ٽن انچن ($3\frac{1}{2}$) کان پوڻن چئن انچن ($3\frac{3}{4}$) تائين، ته نوڳ وارين حالتن ۾ انجي سراسري ڊيگهه چئن کان ڇهن انچن تائين ته ٿولهه جو گهيرو ساڍن ٽن کان ساڍن چئن انچن تائين ٿي سگهي ٿو.

هر فرد ۾ آلت جي ڊيگهه ۽ ٿولهه مختلف ٿي سگهي ٿي. ڪي مرد اهڙا ٿين، جن جو نوڳ دوران انگ خاص طور تي ٿلهو ٿي ويندو آهي. ڊيگهه جي نسبت سان اهڙيءَ آلت جي ٿولهه جو گهيرو وڌيڪ هوندو آهي، ڪن ۾ وري اهو رڳو ڊيگهه ۾ ڊگهو ٿي ويندو آهي. تازين ڪوجنائن مطابق ته گهڻن ماڻهن جي آلت جي ڊيگهه نوڳ وارين حالتن ۾ سوا چار انچ ته ڪن جي پنجن کان ستن انچن تائين پڻ ٻڌائي ويئي آهي. هن وقت تائين جيڪا ڊگهي ۾ ڊگهي آلت رڪارڊ ڪئي ويئي آهي، اها 12 انچ آهي، جڏهن ته ننڍي ۾ ننڍي انگ جي ڊيگهه (خصين سميت) اڌ انچ کان به گهٽ ڏٺي ويئي آهي ۽ اهڙي آلت پڻ ٻين جيان نارمل طرح سان ڪم ڪندڙ ٿي سگهي ٿي.

انگ جي ٿولهه ۽ ڊيگهه جو مردن جي قدبت ۽ هڏڪاٺ سان جئين عام خيال ڪيو ويندو آهي، ڪا به نسبت نه هوندي آهي ۽ نه ئي ڪنهن سُسيل آلت مان ان جي انگيز وقت پهچندڙ سائيز جو اندازو لڳائي سگهبو آهي. البت ايترو ضرور ڏٺو ويو آهي ته سُسيل انگ جڏهن سسيل حالت ۾ ئي ڊگها هوندا آهن ته اهي نوڳ ۾ اصل سائيز کان 75 سيڪڙي تائين وڌي سگهندا آهن جڏهن ته ننڍڙن سُسيل انگن جي اهڙي واڌ سو سيڪڙي تائين ته ڪڏهن ڪڏهن انهيءَ کان به وڌيڪ ٿي سگهندي آهي. ٿلهي ليکي ته ڪنهن ٿلهي ۽ ڊگهي ماڻهوءَ جو انگ اصل للڙي ته ٻندري ۽ سنهڙي جو گهڻو وڏو به ٿي سگهي ٿو.

آلت جي سائيز جو جماع جي لست سان به گهڻو واسطو نه هوندو آهي. ماهرن جو چوڻ آهي ته ڪنهن ماڻهوءَ جو انگ جيڪڏهن انگيز ڪانپوءِ ساڍا چار انچ بيهي ٿو ته اهو به ڪيس اوترو ئي مزو ڏئي سگهي ٿو، جيترو اٺن انچن وارو. ائين به ناهي جئين عام خيال ڪيو ويندو آهي ته ڊگهي آلت واري مرد کي عورتون وڌيڪ پسند ڪن ٿيون يا اهڙا مرد وڌيڪ شهوتي ٿين ٿا يا هو پنهنجي ساٿڻ کي ڀرپور طرح سان مطمئن ڪري سگهن ٿا. اهو ويساهه ڪرڻ بلڪل غلط آهي، ڇاڪاڻ ته اصل راز ان ڳالهه ۾ هوندو آهي ته عورت جي ڪڪڙيءَ کي تاءُ ۾ آندو وڃي، جو اهائي وڏ ۾ وڏ سيسراتيون ڏياريندڙ شهوتي لست پيدا ڪري ٿي ۽ ان جو مدار انگ جي ننڍ وڏائي سان نه پر ڪڪڙيءَ جي ٽيڪنيڪي (حرفت سان) مهٽ سهٽ ڪرڻ سان آهي. ساڳئي وقت سائنسي لحاظ کان اها ڳالهه به غلط سمجهي ويندي

آهي تہ ڪن مخصوص قومن جي آلت ڊگهي ٿئي، البت ايترو ضرور آهي تہ ڪنهن فرد جي آلت جي سائيز تي اڌ چڪ جو اثر پئجي سگهجي ٿو. جڏهن تہ سائنسي لحاظ کان ڪنهن بہ دوا درمل، ليپ يا اوزار رستي آلت جي ڊيگهہ ۾ واڌارو آڻي نہ سگهبو آهي.

انزال (Ejaculation)

انزال هڪ اهڙو سلسلوار عمل آهي، جنهن ۾ مني آلت مان زوراڻتي گوهي جي صورت ۾ نڪري ٿي. اهڙو زوراڻتو گوهو انگيز سان تہ بنا انگيز جي بہ نڪري سگهي ٿو، جڏهن گهڻي وقت کان وٺي جماع نہ ڪجي ۽ پوءِ انزال ٿئي تہ اهڙي انزال وقت گوهي جي پچڪاري ٽن فوٽن يا ان کان بہ وڌيڪ مفاصلي تائين وڃي سگهندي آهي. جڏهن تہ سراسري طور تي، گوهي جي پچڪاري 7 کان10 انچن تائين پري وڃي سگهي ٿي.

انزال جي زور جو مدار عمر، صحت، مشڪن جي طاقت ۽ انگيز جي پنهنجيءَ سختيءَ تي پڻ منحصر هوندو آهي. جڏهن جماع جلد جلد ڪبو آهي تڏهن انزال جو زور گهٽجي ويندو آهي، ڇو تہ اهڙين حالتن ۾ پراسٽيٽ غدود کي ايترو وقت ئي ملي نہ سگهندو آهي تہ اهو ايندڙ انزال لاءِ پنهنجيون رتوبتون پيدا ڪري سگهي. اهوئي سبب آهي جو گهڻي جماع ڪرڻ سبب منيءَ جو مقدار گهٽ ٿيندو ويندو آهي ۽ اهڙين حالتن ۾ جڏهن انزال ٿئي تہ منجهس تخمي جيو نہ جهڙا ۽ پاٽيٺ وڌيڪ هوندي آهي يا ائين سمجهجي تہ رڳو پاٽيٺ هوندي آهي.

جڏهن ٽن يا ٽن کان وڌيڪ ڏينهن تائين انزال نہ ٿئي تہ اهڙين حالتن ۾ منيءَ جو، سراسري طور تي ٽن کان ساڍن ٽن ملي لٽرن تائين مقدار خارج ٿي سگهندو آهي، مختلف ماڻهن ۾ اهو مقدار گهٽ وڌ بہ ٿي سگهي ٿو.

انزال وقت مني هڪ ٻئي پٺيان ڇهن گوهن جي صورت ۾ خارج ٿئي ٿي، جنهن ۾ پهريان گوها وڌيڪ ۽ پوءِ وارا گهٽ زوراڻتا هوندا آهن. انزال ۾ ڏهن سيڪنڊن تائين وقت لڳي سگهيٿو جنهن ۾ مکيہ دخل آلت جي پاڙ وٽ موجود مشڪن جي پيڪوڙ جو هوندو آهي. انزال وقت هڪ سلسلوار عمل وجود اچي ٿو جنهن ۾ ; پيشاب نلي جو منهن بند ٿي وڃي ٿو تہ جيئن منجهس پيشاب جو ڦڙو بہ اچي نہ سگهي ،سيمائينل ويزائيڪل ۽ خصين جي ڀين غدودن جون رتوبتون ٽڏي تي ملي هڪ ملاوت ٺاهين ٿيون ۽ مردن جي نهائين جون مشڪون پيڪوڙجي هڪ اهڙو سلسلو پيدا ڪن ٿيون جنهن سبب آلت کي اڳتي ٺيلها ڏيڻا پوندا آهن تہ جيئن اها عورت جي يونيءَ ۾ وڌ ۾ وڌ اونهائيءَ تائين پهچي سگهي، ائين سڄو جسم اڳتي پوئتي ٿيندو رهندو آهي.

طهر (Circumcision)

اٺطهريلن ۾ سڄي سوپاري هڪ سنهي ۽ ڍليءَ چمڙيءَ سان ڍڪيل ٿئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهنکي کوپو (prepuce) سڏبو آهي، جيڪو سوپاري کان پنتي سولائي سان ورائي سگهبو آهي. مسلمان ۽ يهودي مذهبي لحاظ کان ان جو طهر ڪرائيندا آهن. انڪاسواءِ ٻيا به ڪيترائي ماڻهو طهر ڪرائيندا رهن ٿا جو صحت جي لحاظ کان اهو ضروري سمجهيو وڃي ٿو.

آمريڪا ۾ ته ڄمندڙ ٻارن جي طهر ڪرائڻ جي رسم آهستي آهستي زور وٺي رهي آهي. ماهرن جو چوڻ آهي ته طهر ڪرائڻ ڪانپوءِ آلت ۾ يونيءَ جي ڪينسر يا اهڙن ٻين لاڳاپيل مرضن جي پيدا ٿيڻ جو امڪان نٿو رهي.

طهر جي رسم ايتري پراڻي آهي جيتري تاريخ. قديم مصري پنهنجن غلامن جو طهر ڪرائي ڇڏيندا هيا ته جيئن انهن جي سولائي سان سڃاڻپ ڪري سگهجي. سائنسي لحاظ کان طهر ڪرائڻ ڪانپوءِ آلت سٺيءَ طرح سان صاف رهي ٿي. اڻطهريل هجڻ جي حالت ۾ کوپي اندر سٽيو مادو (smegma) ۽ مَرُ وغيره گڏ ٿي وڃي ٿي، جنهنڪري ڪو خطرناڪ مرض يا انفيڪشن وغيره ٿي سگهي ٿو. اڻطهريل آلت جي چڱيءَ طرح سان صفائي نه ڪرڻ ڪري ان مان بدبوءِ پيدا ٿي سگهيتي. ورلي اهڙي به حالت پيدا ٿي سگهندي آهي جو کوپي کي سوپاري تي ورائي نه سگهبو آهي (phemosis) جيڪا مسلسل بيماريءَ ۽ انگيز ۾ اٽڪاءَ جو سبب بڻبي رهندي آهي. اهڙي ئي بيماري پئرافيموسس (paraphemosis) به ٿي سهگي ٿي، جنهن ۾ کوپو سوپاري تي ايترو ته زور سان چنبڙيل رهندو آهي، جو ان سبب آلت جي آخر تائين رت جي رسد پهچي نه سگهندي آهي.

اڻطهريل هجڻ سبب ممڪن هوندو آهي ته ڳچڻ (cervix) جي ڪينسر ٿي پوي ان ڪانسواءِ طهريل هجڻ جو وڏي ۾ وڏو فائدو هي هوندو آهي ته اهڙو ماڻهو جماع دوران بهترين لست ۽ مزو ماڻي سگهندو آهي جو طهريل هجڻ سبب سوپاري جي کل نه رڳو خشڪ ۽ صاف رهي ٿي پر ڪپڙن ۽ لٽن سان گسڻ ڪري، پنهنجي حساسيت به گهٽائي ڇڏي ٿي ۽ ائين جماع ڪرڻ سان انزال دير سان ٿئي ٿو. آفريڪا ۾ ڪي قبيلا پنهنجو طهر رڳو انڪري ڪرائيندا آهن ته جيئن ڪين انزال دير سان ٿي سگهي. جڏهن ته ڪيترن ماڻهن جو انهيءَ ڳالهه سان اتفاق ناهي. سندن چوڻ آهي ته طهريلن ۾ به اهڙيون تڪليفون ڏٺيون ويون آهن جيڪي اڻطهريلن ۾ ۽ وڏي ڳالهه ته جنسي لست حاصل ڪرڻ جو رڳو هنڌ سوپاري کي نٿا سمجهن.

مردانا جنسي هارمون (Male sex hormones)

جيئن اڳ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي ته خصيا تخمي جيون ڪانسواءِ هڪ ٻي به اهم شي پيدا ڪندا آهن، جنهنکي هارمون (hormone) سڏجي. اهڙو هڪڙو مکيه هارمون ٽيسٽو سٽيران آهي جيڪو مردانو هارمون سڏبو آهي. هي هارمون خصين ۾ موجود انٽر اسٽيشيل سيل پيدا ڪندا آهن، خصيا هن هارمون جو ٿورو ٿورو مقدار تڏهن ئي پيدا ڪرڻ شروع ڪندا آهن، جڏهن ٻار جي واڌ ٿيندي رهندي آهي، ٻار ۾ هن هارمون جو هجڻ انڪري به ضروري هوندو آهي ته جيئن ان

۾ مرداڻيون خاصيتون پيدا ٿيڻ شروع ٿين. جيستائين بالغ نٿو ٿجي، تيستائين هن هارمون جي پيداوار گهٽ هوندي آهي ۽ تخمي جيو بہ تيار ٿي نہ سگهندا آهن.

ٽيسٽوسٽيران کانسواءِ خصيا هڪ ٻيو بہ هارمون ايسٽروجن (estrogen) پيدا ڪندا آهن. هي اصل ۾ زناڻو هارمون آهي جيڪو عورتن ۾ گهڻي مقدار ۾ پيدا ٿيندو آهي. جسم ۾ هنن ٻنهي هارمونن جو توازن ۾ هجڻ ضروري هوندو آهي تہ جيئن مردن ۾ مرداڻيون خاصيتون غالب ٿي سگهن.

نرن ۾ ٽيسٽوسٽيران هارمون جو ڪارج بلڪل ساڳيو آهي، جيڪو ايسٽروجن ۽ پروجيسٽران هارمونن جو نارين ۾ ٿئي، بالغ ٿيڻ سان جڏهن ٽيسٽو سٽيران هارمون جو مقدار رت ۾ وڌڻ لڳي ٿو تہ ان سبب ڏاڙهي اچڻ، سيني تي وارن جو اپرڻ، آواز جو ڳورو ٿي وڃڻ ۽ مشڪن ۽ هڏن جو ٻلوان ٿي ڳپرو نوجوانن ۾ نارينّ جي پيٽ ۾ ڍگهي عرصي تائين واڌ ڪرائڻ هوندو آهي. اهو بہ هن هارمون جو ڪم آهي تہ هي جنسي سرشتي جي عضون جي سائيز ۽ سندن ڪم ڪي ڏائم قائم رکندو آهي. ٽيسٽوسٽيران هڪ ٻئي هارمون فولائيڪل اسٽيميوليٽنگ هارمون (FSH= هي هارمون پٽيوٽري غدود مان نڪري) سان ملي، تخمي جيون جي پيداوار کي تيز ڪري ڇڏيندو آهي.

اهي ماڻهو جن ۾ ٽيسٽوسٽيران جي پيدائش ٿي نہ سگهندي آهي، سي کدڙا (eunuch) رهندا آهن ۽ ان سبب منجهن سموريون مرداڻيون خاصيتون بہ پيدا ٿي نہ سگهنديون آهن. اهڙن مردن جو جڏهن ٽيسٽوسٽيران وسيلي علاج ڪيو وڃي تہ منجهن مردن واريون صفتون تہ پيدا ٿي سگهنديون آهن، پر هو تخمي جيو پيدا ڪري نہ سگهندا آهن.

ٻين جانورن ۾ جنسي هارمون شهوت ۽ لڳ ڪرڻ جهڙين ڳالهين لاءِ ڪين اڀاريندا رهندا آهن، جڏهن تہ انساني سياءِ ۾ ان ڳالهہ جي اجا تائين مڙيوئي ڄاڻ حاصل ٿي آهي. اهڙا ڪراڙا مرد ۽ عورتون جن جا جنسي هارمون گهٽيءَ حد تائين گهٽجي ويل هجن، تن ۾ بہ گهڻي شهوت ڏٺي وئي آهي انهن ۾ جيتوڻيڪ گهڻي وقت کان وئي جنسي قوت گهٽجي ويل هوندي آهي پر پوءِ بہ هو سنڀوڳي عمل مان مطمئن رهندا آهن.

هتي اها ڳالهہ ڪرڻ بہ دلچسپي کان خالي نہ ٿيندي تہ نرن ۽ نارين جا ڪي عضوا، ايسٽروائڊ هارمونن سبب وڌ ۾ وڌ متاثر ٿيندا آهن. عورتن ۾ اهڙا عضوا ڳپيرڻ ۽ اره تہ نرن ۾ پراسٽيٽ غدود اهڙا هنڌ آهن جتي عام طور تي ڪينسر ٿي پوندي آهي. جڏهن تہ ڪن حالتن ۾ اهو ممڪن هوندو آهي تہ پراسٽيٽ ڪينسر جو علاج ايسٽروجن هارمون سان ڪيو وڃي، جو ڏٺو ويو آهي تہ ٽيسٽوسٽيران جو اثر ايسٽروجن هارمون جي ابتڙ آهي. جيئن تہ انهن ڳالهين جي اجان تائين مڪمل ڄاڻ حاصل ٿي نہ سگهي آهي تہ جنسي هارمونن جو ڪينسرئي يا مرض سان ڪيئن لاڳاپو ٿي سگهي ٿو، پر تڏهن بہ هن قسم جي کوجنا تي وڏو ڪم هلي رهيو آهي.

ان سلسلي ۾ مردن ۽ عورتن جي جنسي هارمونن تي جيڪي کوجنائون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلي رهيون آهن، تن مان اهو ڏنو ويو آهي تہ گانجو (marijuna) جيڪو ڀنگ (cannabis) جو هڪ اهم جزو آهي، ان جو تاثير ايسٽروجن هارمون وارو آهي ۽ ان جي استعمال سان ڪوئن ۾ اَمذڪرائي (demasculinising) خوبيون پيدا ٿين ٿيون، جڏهن تہ انسانن ۾ ان سبب، رت ۾ ٽيسٽوسٽيران جي ليول گهٽجي ٿي ۽ ڏاڙهي جي واڌ نسرڻ لڳي ٿي.

بالغ ٿيڻ (Puberty)

بالغ ٿيڻ سان جسم ۾ وڏيون تبديليون اچن ٿيون. هي اهو وقت آهي، جڏهن ٻار پيدا ڪرڻ جي سگهہ پيدا ٿي چڪي هوندي آهي جو ڇوڪرن ۾ سندن خصيا تخمي جيو پيدا ڪرڻ لڳندا آهن. انڪانسواءِ ٻيون بہ ڪيتريون ئي اهڙيون تبديليون آهن جن جو جسم جي سيني حصن تي اثر پوندو آهي. ساڳئي طرح سان نفسياتي لحاظ کان بہ ڪي تبديليون ايندڙيون آهن. اهڙيون ڪي مخصوص ڳالهيون جيڪي بالغ ٿيڻ سان پيدا ٿين ٿيون هيٺيون آهن :

1- خصين ۽ انڊڪوش جو وڌڻ.
2- نهائين تي وار ظاهر ٿيڻ.
3- آلت جو وڌڻ شروع ڪرڻ.
4- قد ۾ تڪڙي واڌ ٿيڻ.
5- ڪلها موڪرا ٿيڻ.
6- آواز ڀُورو ٿيڻ.
7- ڪڇن جا وار ۽ منهن تي ريهہ ظاهر ٿيڻ.
8- تخمي جيو ايتريءَ حد تائين پيدا ٿيڻ جو رات جو تڙ بہ پئجي سگهي ٿو.
9- نهائين جا وار گهرا ٿيڻ.
10- پراسٽيٽ غدود جي واڌ ڪائڻ ۽
11- مرد جو طاقت ۾ سگهارو ٿيڻ.

انڪانسواءِ ٻيون بہ ڪي خاص تبديلون اچن ٿيون جهڙوڪ : چمڙيءَ جو وڌيڪ سٽيو، ڪهرو ٿي وڃڻ، پهريون دفعو ڪڇ ۽ جنمي عضون مان ٻوءِ جو پيدا ٿيڻ. ساڳئي وقت جسم جي ڪن ڪمن ۾ واڌ اچڻ جهڙوڪ: بلڊپريشر، رت جو مقدار ۽ رت جا ڳاڙها سيل وڌي ويندا آهن. دل جي ڌڙڪڻ، جسم جو ٽمپريچر ۽ ساهہ کڻڻ جي رفتار ڪجهہ گهٽجي ويندي آهي. جڏهن تہ ڦڦڙن جي طاقت وڌي ويندي آهي، هڏا وڌيڪ مضبوط ۽ ٽاڪٽا ٿي جسم جي ڊولاٽين ڦيرين گهيرين جي نسبت سان نهڪندڙ ٿي ويندا آهن. عام طور تي اٽڪل 18 سالن جي ڄمار تائين واڌ جو گهٽو دور پورو ٿي چڪو هوندو آهي. انڪانپوءِ قد ۾ بہ سيڪڙي تائين ٿيو بہ واڌارو ايندو آهي، جڏهن تہ ڪن حالتن ۾ اهي ڳالهيون ڪجهہ وقت ڪانپوءِ بہ هلنديون رهنديون آهن.

جسم ۾ اهڙيون جيڪي بہ تبديليون اچن ٿيون انهن جو مکيہ ڪارڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هارمون آهن بالغ ٿيڻ لاءِ جن هارمونن جو پيدا ٿيڻ ضروري آهي، اهي هائيپو ٿيلامس (hypothalamus) پيدا ڪري ٿو، جيڪو مغز جو هڪ حصو آهي. هائيپو ٿيلامس جو به اهڙن هارمونن پيدا ڪرڻ لاءِ ڪنهن حد تائين مڪمل هجڻ ضروري هوندو آهي ۽ جڏهن اهڙو وقت اچي وڃي ٿو ته هائيپوٿيلامس پٽوٽريءَ تي اثر انداز ٿئي ٿو، جيڪو مغز جي تري ۾ هڪ ٻيو اهم غدود آهي. انڪانسواءِ پچوٽري غدود به هارمون ف.ا.هه ۽ ل.هه (FSH and leutinizing hormone) پيدا ڪرڻ شروع ڪري ٿو (هنن ٻنهي هارمونن جو مختصر بيان عورت واري حصي ۾ ڪيو ويو آهي). عورتن ۾ به هي هارمون، ڪيس ساماڻجڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪن ٿا. جڏهن ته عورتن جي پيٽ ۾ ل.هه مردن ۾ گهٽو پيدا ٿيندو آهي. ڇوڪرن ۾ هنن ٻنهي هارمونن جو اثر سندن خصين تي ٿيندو آهي. اٽڪل سال کن ڪانپوءِ جڏهن هنن جو مقدار وڌڻ شروع ٿيندو آهي ته ل.هه جي ڇوڪ سبب خصيا ٽيسٽوسٽيران هارمون پيدا ڪرڻ لڳندا آهن. جيڪو مردن ۾ بالغ ڪرائڻ لاءِ مکيه هارمون هوندو آهي. ٽيسٽو سٽيران سبب آلت جو وڌڻ ۽ نهائين تي وارن جو نڪرڻ وغيره شروع ٿيندو آهي. جڏهن ته ف.ا.هه جو ڪم خصين مان تخمي جيون جي پيداوار ڪرائڻ هوندو آهي. جنسي ڪم ڪار ڪي ضابطي ۾ رکڻ لاءِ هنن ٻني هارمونن جي پيداوار ضابطي هيٺ رهندي آهي. هارمونن جي هن قسم جي ضابطي واري عمل کي نيگيٽو فيڊ بئڪ ڪنٽرول (negative feedback controol) سڏجي جنهن جي ٻين لفظن ۾ هينئن پچار ڪري سگهجي ٿي ته هنن هارمونن جي پنهنجي ئي اثر سبب سندن پيداوار بند ٿي ويندي آهي ۽ ٽيستائين گهٽبي ويندي آهي جيستائين ڪ اهي رت ۾ بلڪل ناپيد ٿي نٿا وڃن. جڏهن رت ۾ بلڪل ناپيد ٿي ويندا آهن ته وري پيدا ٿيڻ لڳندا آهن، مثال طور: ل.هه ٽيسٽوسٽيران جي پيداوار کي وڌائيندو آهي جيڪو هائيپوٿيلامس تي اثر انداز ٿيندو آهي. موٽ ۾ووري هائيپو ٿيلامس جي اثر سبب ل.هه جي پيداوار گهٽجي ويندي آهي. ائين پوءِ جڏهن ل.هه سبب ٽيسٽوسٽيران جي وڌيڪ پيداوار ٿي نه سگهندي آهي ۽ سندس مقدار گهٽجي ويندو آهي، ته ان سبب وري ل.هه جي پيداوار ٿيڻ لڳندي آهي.

سائنسدانن اهو به ڏٺو آهي ته هن صديءَ جا ماڻهو، اڳئين جي پيٽ ۾ جلد بالغ ٿي وڃن ٿا، جن جي ڪارڻن جي صحيح ڄاڻ ته حاصل ٿي نه سگهي آهي پر ڀانيو وڃي ٿو، ته ڪي ڳالهيون اهڙيون آهن جيڪي جلد بالغ ٿيڻ واري عمل تي اثر انداز ٿين ٿيون جهڙوڪ : ڪنهن ڪٽنب جون مخصوص موروثي يا اڳڇڪ واريون ڳالهيون، کاڌ خوراڪ جو اثر، عام رهڻي ڪهڻي ۽ ذاتي ۽ نفسياتي حالتون (ذهني پريشانيون ۽ ٻالڪپڻي جون ڏکيون بيماريون) به بلوغت ۾ دير جو سبب بڻجي سگهن ٿيون.

بالغ ڪهڙيءَ عمر ۾ ٿجي ٿو؟ ان تي هن ڳالهه جو به اثر ٿيندو آهي ته اهڙو ٻار جسماني لحاظ کان ڪهڙي ڊول وارو ٿئي ٿو اهي ٻار جيڪي جوانيءَ ۾ ميزو مارفس (mesomorphis) ٿين اهي جلد بالغ ٿين ٿا. ايڪٽومارفس (ectomorphis) دير سان ته اينڊومارفس (endomor pnis) ۾ بالغ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيڻ جو سلسلو شروع تہ جلد ٿئي ٿو پر اهو ختم دير سان ٿيندو آهي. انهن ڳالهين جو ڪنهن قوم، ذات يا موسمن وغيره سان ڪوبہ واسطو يا لاڳاپو نہ هوندو آهي. جڏهن تہ ايترو ضرور ڏٺو ويو آهي تہ بالغ ٿيڻ واري عمل تي سال جي مندن جو اثر ٿئي ٿو جهڙوڪ: بهار جي مند ۾ قد وڌڻ لڳي ٿو ۽ وزن ۾ پرجڻ سرءُ ۾ ٿئي ٿو جڏهن تہ حقيقت ۾ اهي ڳالهيون هر عمر ۾ ٿي سگهن ٿيون ۽ رڳو بلوغت تائين محدود نہ سمجهيون وينديون آهن.

بقراط جي دور کان وٺي ڏاها، انساني جسم جي مختلف ڍولن مطابق ورڇ ڪندا رهيا آهن. 1940ع ۾ هڪ آمريڪي سائيڪالاجسٽ، ڊبليو ايڇ شيلڊان هڪ نئون متو پيش ڪيو، جنهن ۾ هن انسان جي جسماني ڍولن جي درجبنديءَ کي سومٽو ٽاپنگ (somato typing) سڏيو. هن جو اهو چوڻ هيو، تہ اهڙي ڪا ڪسوٽي ڪانهي جنهن تي مختلف ڍولن کي پرکيو وڃي. جو هر ماڻهوءَ جو ڍول ان سان ميل ڪائيندڙ هجي، ان بجاءِ هن اهو بيان ڪيو تہ ايترن مختلف ۽ انيڪ ڍولن کي ٽن حالتن پٽاندڙ ڏسي سگهجي ٿو ۽ ائين ڪنهن بہ ماڻهوءَ جو ڍول انهن ٽنهي مان ڪنهن بہ هڪ سان ٺهڪندڙ مطابق بيان ڪري سگهجي ٿو.

اهڙين ٽن حالتن جي درجبندي هن اينڊومارفي، ميزو مارفي، ۽ ايڪٽومارفيءَ جي نالن سان ڪئي. اينڊو مارفي هن ان جسماني ڍول جي حالت کي سڏيو آهي جڏهن جسم ٿلهڙو ۽ گولائيءَ ۾ هجي. ميزو مارفيءَ ۾ جسم ٻلوان، مشڪائون ۽ ايڪٽو مارفيءَ ۾ سنهو ۽ سڌو هوندو آهي.



سومٽو جا قسم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيل (The Cell)

سيپيئي جاندار جسم هڪ بنيادي ايڪي جا جڙيل آهن جنهنڪي سيل (cell) سڏجي ٿو. سيلن جي پيٽ، ڪنهن عمارت جي سرن/بلاڪن سان ڪري سگهجي ٿي. جيئن ڪنهن عمارت جو سرن/بلاڪن کانسواءِ ٺهڻ ناممڪن آهي، تيئن جاندار جسم به سيلن کانسواءِ وجود نٿا رکي سگهن. جڏهن ته ڪي جاندار. هڪ سيلا (unicellular) يعني هڪ سيل جا خلقيل آهن ته ڪي وري گهڻ-سيلا (multicellular). هڪ سيلائن جاندارن ۾ اميبيا جو نالو وٺي سگهجيٿو. ان جي پيٽ ۾ اسان پنهنجي چوگرد جيڪي به جاندار جهڙوڪ: پوٽا ۽ جانور ڏسون ٿا، اهي گهڻن سيلن جا ٺهيل آهن، مثال طور: انساني جسم 60000000000000 سيلن جو هاٿي 6500000000000 سيلن جي ته ڪوئي جو جسم 7000000000 سيلن جو ٺهيل آهي.

هر هڪ سيل کي، پنهنجي زندگي آهي يا ائين ڪٿي سمجهجي ته هر سيل هڪ مشين جيان آهي. ڪي سيل آزاد زندگي گذارين ٿا ته ڪي وري پين سيلن جي سٿ کانسواءِ زنده رهي نٿا سگهن. ڪم ڪار جي لحاظ کان سيل کي انساني جسم جيان سمجهي سگهجي ٿو. جيئن جسم ۾ ڪي عضوا ٿين جهڙوڪ: چمڙي، ڦڦڙ، دل، بڪيون، جيرا ۽ مغز وغيره تيئن سيل کي به پنهنجا عضوڙا (organelles) ٿين. جيڪڏهن مثال طور، ڪنهن سيل جو خيالي خاڪو ڪڍي ان جي اندرين جوڙجڪ ۽ ڪم ڪار جو ذڪر ڪريون ته منجهس ڪيترا عضوڙا اچي ويندا.

ساڳئي وقت اها ڳالهه به ذهن ۾ رکڻ کپي ته ڪو به سيل، اهڙو نه ٿئي جهڙو هت مثال طور ڪري ڏيکاريو ويو آهي ۽ نه ئي هن جهڙو ڏسڻ ۾ ايندو آهي جڏهن ته تلهي ليکي سيني جاندارن جا سيل هن جهڙيءَ بناوت ۽ عضوڙن جهڙا ٿي سگهن ٿا ته سائيز جي لحاظ کان به اهي مختلف هوندا آهن.

جاندار سيل کي هيٺين ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجيٿو.

1. سيل ميمبرين: هيءَ سيل جي ٻاهرين کل/چمڙي آهي جنهنڪي جهلي سڏيو ويندو آهي.

2. سائيٽو پلازم: هي سيل جو چٽو، ليسر، چيڙهالو ۽ جيليءَ جهڙو ماس آهي. جنهن ۾ سندس ڪيترائي عضوڙا ٿين جيڪي سيل لاءِ مختلف ڪم بلڪل ائين ڪندا رهن ٿا جئين انساني جسم ۾ ڦڦڙ، دل، بڪيون، جيرو ۽ تلي وغيره جيڪي آهن: گولجي باڊيز، سينٽروسوم، سيٽروائلس، مائٽوڪانڊريا، اينڊوپلازمڪ ريٽيڪيولم، رائبوسوم ۽ وئڪيول وغيره.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

3. نيوڪليئس: هي سيل جو وڏ ۾ وڏ اهم ۽ مکيہ عضوو آهي. جنهنکي انساني مغز سان ڀيٽي سگهجي ٿو يا ڪيس، سيل جو مغز سمجهي سگهجي ٿو. نيوڪليئس کانسواءِ ڪوبہ سيل زنده رهي نٿو سگهي. نيوڪليئس جا ڪيترائي ڪم ٿين جهڙوڪ: سيل کي زنده رکڻ، ڪيترائي ڪم ڪاربون ڪرائڻ تہ والدين کان اولاد ۾ اڳ منتقل ڪرائڻ. جنهن لاءِ نيوڪليئس ۾ هڪڙا تچ ۽ ڏيئين جهڙا جسم ٿين جنکي ڪروموسوم سڏجي. ڪروموسوم وري جينن (genes) جا ٺهيل ٿين، جي ئي اصل ۾ ورثي جا ايڪا آهن. جينن جو ڪم هڪ نسل کان ٻئي نسل ۾ موروثي گڻ- اوگڻ منتقل ڪرڻ هوندو آهي.



سيل جو هڪ عام نمونو

هر جاندار، وڻن ٽوڙي جانورن جي سيلن ۾ ڪروموسومن جو هڪ مقرر تعداد موجود ٿئي جهڙوڪ: چيري جي وڻ ۾ 23، انساني سيل ۾ 46 ڪتن ۾ 78 تہ گهوڙن جي سيلن ۾ 66 هوندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيدا ٿيندڙ ٻار کي ورثي جو اڌ پيءُ کان تہ اڌ ماءُ کان ملي ٿو.
اهڙو ٻار شروعات ۾ ٻڪي جي صورت ۾ واڌ ڪائي ٿو ۽ ٻڪي تڏهن پيدا ٿئي ٿو جڏهن پيءُ جو تخمي جيو، ماءُ جي آني سان ملي ڪيس ٻوڪي ٿو. اها ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ ماءُ ۽ پيءُ جي جنمي سيلن: تخمي جيو ۽ آني ۾ ڪروموسومن جو اصل تعداد يعني 46 بجاءِ، هر هڪ ۾ اڌ يعني 23 ڪروموسوم هوندا آهن. جڏهن تہ ٻڪي ٺهڻ وقت، ٻڪي ۾ ڪروموسومن جو انگ وري اصل يعني 46 ٿي وڃيٿو ۽ اهوئي ڪروموسومن جو تعداد آهي جيڪو هر انسان جي سيل ۾ موجود ٿئي، تنهنڪري، اسين ائين بہ چئي سگهونٿا تہ انسان جي هر سيل ۾ ڪروموسومن جا 23 جوڙا موجود ٿين ۽ ڪروموسوم، جاندارن ۾ هيٺين ڳالهين لاءِ ذميوار هوندا آهن جو انهن رستي:

- موروثي گڻ-اوگڻ والدين مان اولاد ۾ منتقل ٿيندا رهن ٿا.
- موروثي خاصيتون، گڻ ۽ اوگڻ ڪروموسومن ۾ موجود ٿين.
- ڪروموسوم ماءُ جي آني ۽ تخمي جيو ۾ پڻ موجود آهن.
- اولاد کي ڪروموسومن جو اڌ ماءُ کان تہ اڌ پيءُ کان مليٿو.

سڀني انسانن جي سيلن ۾ ڪروموسومن جو تعداد 46 ٿئي، توهان جيڪي بہ انسان ڏسو ٿا انهن جي سيلن ۾ 46 ڪروموسوم هوندا آهن جڏهن تہ توهان اهو بہ محسوس ڪندا آهيو تہ ڪن لحاظن کان انسان هڪجهڙا آهن تہ ڪن لحاظن کان هڪ ٻئي کان مختلف ٿين، ائين ڇو آهي؟ هڪجهڙائپ ۾ بہ اکيون، بہ ڪن بہ هٿ بہ پير، ۽ اهڙيون ٻيون ڪيتريون ڳالهيون اچي وڃن ٿيون.

هڪجهڙائپ نہ هجڻ وارين ڳالهين ۾ سندن وارن، اکين، چمڙيءَ جو رنگ، ذهانت، قد بت، ڊول، هڏڪاٺ، وارن جي گهٽائي تورائي ۽ اهڙيون ٻيون ڪيتريون ڳالهيون اچي وڃن ٿيون. جن جو سبب سندن ڪروموسومن ۾ موجود مختلف جينن جو هجڻ هوندو آهي، جيڪي انسان ۾ اهڙا فرق پيدا ڪرائين ٿيون، جو اِهي ورثي يا اڏيڪ جا ايڪا آهن.

اڳ ۾ اهو چئي آيا آهيون تہ سڀني انسانن ۾ 46 ڪروموسوم آهن جڏهن تہ ڪروموسومن ۾ سڀ جينون هڪجهڙيون ناهن هونديون. اهوئي سبب آهي جو ڪن ماڻهن جو اکيون ڪاريون تہ ڪن جون شيريون آهن. ڪن جا وار سڌا ۽ نرم آهن تہ ڪن جا کهرا ۽ گهنڊيدار، ٿلهي ليکي تہ رت جي گروپ (قسم)، وران ۽ اکين جو رنگ، حساب ڪرڻ جي مهارت، ٻولين سکڻ جي قابليت، قد بت، نڪ نقشو ۽ هڏ ڪاٺ، خاصيتن، خصلتن،بيمارين ٻڙين، گڻن اوگڻن عادتن ۽ علتن وغيره جهڙين ڳالهين جي پيدا ڪرائڻ جو ڪارڻ جينون آهن جيڪي ڪروموسومن رستي، والدين کان اولاد ۾ منتقل ٿينديون رهن ٿيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جينن ڪانسواءِ ڪن سماجي اثرن جو پڻ اولاد تي اثر پوندڙ هوندو آهي. جيئن چوڻي آهي ته، "تخم تاثير صحبت اثر" ته ان لحاظ کان تخم اصل ۾ جينون آهن ته صحبت ڪي، سماجي معاشي حالتن جو نالو ڏئي سگهجي ٿو.

سائنسدانن جو اهو به چوڻ آهي ته هروڀرو ائين به ضروري ناهي ته جيڪڏهن انساني سيلن ۾ ڪروموسومن جا 23 جوڙا آهن ته انساني جسم به ڪي رڳو 23 خاصيتون منتقل ڪريٿو جڏهن ته ان بجاءِ اهوئي چيو ويندو آهي ته هر هڪ ڪروموسوم، جينن جي لڙهين جو ٿهيل آهي جنهن مان هر هڪ ڪنهن مخصوص خاصيت يا لڇڻ لاءِ مقرر هوندي آهي. هڪ تازي تحقيق مان اهو به اندازو لڳايو ويو آهي ته انسان جي هر هڪ ڪروموسوم ۾ ٽن هزارن کان متي جينون موجود آهن. ساڳئي وقت اهو به ضروري ناهي هوندو ته والدين جون موروثي ڳالهيون هوبهو، اولاد ۾ منتقل ٿي وڃن جڏهن ته منجهن ڪن سببن ڪري ڪي تبديليون پڻ اچن ٿيون ۽ جڏهن ڪو ورثو اهڙيءَ تبديل ٿيل حالت ۾ منتقل ٿي وڃي ته انکي ميوٽيشن (mutation) سڏجي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نارين جا جنسي عضوا، نرن جي جنسي عضون جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ پيچيده آهن، ڇو تہ هوءَ مردن جي ڀيٽ ۾ جنسي عمل ۾ وڏو ڪردار ادا ڪريٿي. مرد جو ڪم رڳو عورت جي جسم ۾ تخمي جيو پهچائڻ هوندو آهي، جڏهن تہ عورت هر مهيني هڪڙو آنو تيار ڪندي رهي ٿي ۽ اهو جڏهن تخمي جيو سان ملي ٻوڪجي ٿو تہ ان مان ٻُڃ ٺهي ٿو، جنهن جي هوءَ نون مهينن تائين پالنا ڪري ڪيس ڄڻي ٿي ۽ پوءِ بہ ڪو وقت سندس سار سنڀال لهندي رهي ٿي.

ڪيترين ئي عورتن کي پنهنجن جنسي عضون جي جوڙجڪ ۽ ڪرت جي مڙيوئي سڌ هوندي آهي، انجو هڪ سبب هي بہ آهي تہ مرد جي جنسي عضون جي ابتڙ، عورتن جا جنسي عضوا گهڻي ڀاڱي لڪل ۽ جسم اندر هوندا آهن. جنهن سبب جيستائين ڪ عورت بيٺل حالت ۾ هجي، تيسيتائين ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ نہ ايندو آهي، سواءِ نهائين جي وارن جي.

عورت جو جنسي سرشتو، ٻن حصن ۾ ورهائجي سگهجي ٿو: هڪڙو اهو جيڪو ٻاهران ڏسڻ ۾ ڪٽڪ جي داٽي جهڙو ۽ منجهس وچ ۾ چير هوندو آهي. انکي فرج (vulva) سڏيو ويندو آهي. ٻيو حصو لڪل ۽ اندر هوندو آهي، جنهنکي يوني (vagina) يا ڳرڀ نالي بہ سڏبو آهي.

اصل ۾ يوني، ڪپ يا مياڻ جيان آهي ۽ فرج انجو ڍڪ ٿئي. يوني ٻاهرئين حصي کان شروع ٿي، نهائين جي هيٺيان ڪانوٽي، ٻچيدانيءَ تائين ڊگهي هوندي آهي.

فرج، نارين جي جنسي سرشتي جو ٻاهريون حصو يا مهڙ هوندي آهي، جيڪو چپن جي ٻن جوڙن ٻاهرئين ۽ اندرئين سان ڍڪيل ٿئي. جماع دوران اهي نڙي، يونيءَ جو لنگهہ ظاهر ڪري وجهندا آهن. ٻاهرين چپن جو مکيہ ڪم جنسي ۽ پيشاب سرشتي کي ڍڪيل رکڻ ۽ بچاءُ ڏيڻ هوندو آهي.

ٻاهرين عضون ۾ اچي وڃن ٿا:

1. زهري/ نهائين جو اپار	(Mons Veneries)
2. ٻاهريان چپ	(Labia major)
3. اندريان چپ	(Labia minora)
4. ڪڪڙي	(Clitoris)
5. جي اسپاٽ	(G.spot)
6. پيشاب جي نالي	(Urethera)
7. چيرو	(Hymen)
8. بارٿولنس غدود	(Bartholin's gland)
9. ارهہ	(Breasts)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اندرين عضون ۾ شمار ڪيا وڃن ٿا:

10. يوني/ گرڀ نالي (Vagina)
11. ڳڀيرڻ/ ٻچيداني (Uterus)
12. فيلوپين نليون (Fallopian tubes)
13. آنيدانيون (Ovaries)



ڊونگريءَ ۾ عورت جي جنمي سرشتي جي جاءِ

1.زهري / نهائين جو اڀار (Mons Veneries)

نهائين جي اڀار کي مونس پيوبس، يا مائونٽ آف وينس (Mount of Venus) يا زهري جو اڀار به سڏبو آهي. هي نهائين تي چربيءَ جي هڪ گديءَ جيان ٿئي. ساماڻجڻ سان هي حصو وارن سان ڍڪجي ويندو آهي.

نرن ۽ نارين جي نهائين جي وارن ۾ فرق ٿئي. عورتن ۾ اهڙا وار ٽڪنڊيءَ ايراضيءَ ۾ پکڙيل ٿين ۽ وارن جي سطح لڪيل (concave) هوندي آهي. مردن ۾ به وار ساڳئي طرح سان واڌ ڪائيندا آهن، جڏهن ته انهن جي پکيڙ مٿي دن تائين ۽ هيٺ تي، سٿرن جي اندرين پاسن تائين به هوندي آهي ۽ نهائين جي هن حصي جو سطحي اڀار اڀريل (convex) ٿئي. نهائين تي گديءَ جيان هجڻ سبب سنڀوڳ دوران، شاڪ ائبزاربر جو ڪم ڏيندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

2.ٻاهريان چپ (Labia majora)

هي سٿڻ تشوئن يا ماس جا ٿهيل ٻه پڙا ڍڪ آهن. جنڪي يونيءَ جا ٻاهريان چپ به سڏجي. انهن جو ڪم جنمي سرشتي ۽ پيشاب جي نيڪال ناليءَ کي ڍڪيل رکڻ آهي، جيڪي سنڌن وچ ۾ هوندا آهن. عورت جي عمر سان گڏوگڏ، انهن چپن جي سائيز به بدلجي ويندي آهي. ساماڻجڻ ڪانپوءِ انهن جو ٻاهريون مٿاڇرو وارن سان ڍڪجي ويندو آهي. هي چپ عام قسم جي چمڙيءَ جا ٺهيل ٿين.

اهو به ممڪن هوندو آهي ته ٻاهرين چپن مان ڪو هڪڙو ٻئي کان وڏو هجي. ننڍي وڏي هجڻ سان ڪوبه فرق نه پوندو آهي ۽ نه ئي ان سبب پريشان ٿيڻ جي ضرورت هوندي آهي. هي ڪڪڙيءَ ڪانسواءِ، اندرين چپن کي به ڍڪيل رکندا آهن.

3.اندريان چپ (Labia minora)

ٻاهرين چپن جي ڪلڻ سان اندر تي پيا ٻه ننڍا چپ نظر ايندا آهن، جيڪي پڻ سٿڻ تشوئن جا ٺهيل ٿين، هي ڳاڙهسرا ۽ سڌائي ۾ هوندا آهن. انهن کي يونيءَ جا اندريان چپ به چئبجي، هي نفيس ۽ بنا وارن جي ٿين. ڇهاءَ سبب وقت ۾ وڌ ۽ شهوت جي مستيءَ دوران رنگ جا گهرا ٿي ويندا آهن. مهاڙين حصي وٽ هي ٻن وڪڙن ۾ ورهائجي وڃن ٿا، جيڪي ڪڪڙي کي گهيريل رکن. انهن مان مٿيون وڪڙ ڪڪڙيءَ اڳيان ۽ هيٺيون حصو، انجي پٺيان ويندڙ هوندو آهي مٿيون وڪڙ ڪڪڙيءَ جو ڪوپو (prepuce) ته هيٺيون سندس ڏانڊي(frenulum) ڻاهي ٿو.

اندريان چپ ۽ يونيءَ جو اندريون استر، ساڳئي قسم جي چمڙي سان ڍڪيل هوندا آهن، جنهن سان آلت (طهريل) جي سوپاري پڻ ڍڪيل ٿئي.

وڏن چپن جيان اندريون به ڪو ننڍو وڏو ٿي سگهي ٿو، جيڪا هڪ عام ڳالهه ۽ انلاءِ پريشان ٿيڻ جي ضرورت نه هوندي آهي، جڏهن عورت شهوت ۾ نه هوندي آهي، تڏهن اندريان ۽ ٻاهريان چپ، يونيءَ جي لنگهه کي مضبوطيءَ سان بند ڪيل هوندا آهن. اهڙيءَ حالت ۾ آلت جو، يونيءَ ۾ وجڻ ڏکيو ٿئي ۽ عورت کي درد محسوس ٿيندو آهي، شهوت ۾ هجڻ واريءَ حالت ۾ اندريان ۽ ٻاهريان چپ ڦٽدي پوندا آهن، جنهن سبب يوني اهڙو مکُ پيدا ڪندي آهي جو چپ ۽ لنگهه آلا ٿي، آلت کي اندر لنگهڻ لائق بڻائي ڇڏيندا آهن.

4. ڪڪڙي (Clitoris)

ڪلائيٽورس، اصل ۾ يوناني ٻولي جو لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي، چاٻي يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنجي. يوناني، ان ڪي جڏهن ڪنجي سڏين ٿا تہ انجو مطلب، شهوت جي چاٻيءَ جو هوندو آهي، جو عورت جو هي عضوو، جنسي لحاظ کان گهڻو حساس ٿئي. هي هڪ ننڍڙو پتڪڙو، مکڙيءَ جي شڪل جهڙو عضوو آهي، عورت جي سيني جنسي عضون ۾ وڌ ۾ وڌ حساس ۽ شهوت ڏيارينڌڙ ليکيو ويندو آهي.

پيٽ ۾ ٻچي جي واڌ دوران، ڪڪڙي انهن تشوئن مان نهندي آهي، جنهن مان مردن جي آلت نهي ٿي. بناوت ۾ بہ مردن جي آلت جهڙي هوندي آهي، سواءِ انجي تہ منجهس آلت جيان پيشاب نالي نہ ٿئي. ڪڪڙيءَ کي آلت جيان پنهنجو ڪوپو پڻ ٿئي جيڪو شهوت ۾ هيٺ ٿي، ڪڪڙي کي ظاهر ڪري وجهندو آهي. شهوتي حالتن ۾ ڪڪڙي رت جي رسد سان ڏٽجي وڃي ٿي.

ڪڪڙيءَ جو سوپارو، مٽر جي داڻي جيترو ٿئي ۽ منجهس تنتن جون بيشمار پيچڙيون هونديون آهن، جنهنڪري ڪنهن بہ هلڪي سلڪي مهٽ وغيره لاءِ گهڻو حساس هوندو آهي. اهوئي سبب آهي جو هي عورتن جي شهوت جي ڪنجي هوندو آهي. جڏهن تہ مردن جي اڪثريت کي، انجي اهميت جي سڌ نہ هوندي آهي.



عورت جي جنسي سرشتي ۾ ڪڪڙي وڏي ڪري ڏيکاريل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انجي سائيز، ڊيگهه ۾ انچ جي پنجين حصي کانوٽي مني حصي تائين به ٿي سگهي ٿي. ڪڪڙيءَ ۾ ساڳئي قسم جي ٻن پورن جسمن ۽ اسفنجي ٽشوئن جي نالين جو جوڙو ٿئي، جهڙا آلت ۾ هوندا آهن. عام طور تي هي عضوو شهوت جي مستيءَ ۾ وڏي وڏو ٿي ويندو آهي، جڏهن ته ڪي اهڙيون عورتون به هونديون آهن جن ۾ هيءَ شهوت دوران گهٽي ظاهر ٿي پوندي آهي.

جيتوٽيڪ، عورت جي جسم جو هي هڪ وڌ ۾ وڌ حساس ۽ شهوتي هنڌ آهي پر ٽنهن هوندي به ڪيترا ماڻهو، اهو هڪ اجايو خيال سمجهندا آهن، جو سندن خيال هوندو آهي ته اونهو گهيڙڻ ئي (آلت جو) عورت کي مطمئن ڪرڻ جو واحد سبب هوندو آهي جو هوپائيندا آهن ته جيئن ڪنهن وڏيءَ آلت وارو ماڻهو سنو پارٽنر ٿي نٿو سگهي تيئن عورت لاءِ به اهو ضروري نه سمجهيو ويندو آهي ته ڪيس ڊگهي ڪڪڙي هجڻ سان هوءَ وڌيڪ شهوتڻ يا سني پارٽنر ٿي سگهي ٿي. جڏهن ته ڪيتريون عورتون اهڙيون به ٿين جيڪي پنهنجي ڪڪڙي لهي نه سگهنديون آهن يا ڪين اها بلڪل تچ محسوس ٿيندي آهي، جيڪو هڪ اجايو خيال سمجهو ويندو آهي.

سنڀوڳ دوران، ڪڪڙي کي ڇهڻ، مهٽڻ ۽ دٻائڻ سان درد پيدا ٿي سگهي ٿو، يعني ته انکي مهٽ سهٽ ڪرڻ ضروري نه به هوندي آهي. جڏهن ته ڪيترين عورتن ۾ اهڙو عمل وڌ ۾ وڌ لست ڏياريندڙ ثابت ٿي سگهندو آهي. ڪيتريون عورتون انجي سڌي سنئين مهٽ سبب درد محسوس ڪنديون آهن، جو اهڙيون عورتون ان بجاءِ آس پاس جي ايراضيءَ جهڙوڪ: وڏن چپن، يونيءَ جي لنگهه ۽ نهائين جي وارن کي ڇهڻ وغيره جهڙين ڳالهين کي وڌيڪ ترجيح ڏينديون آهن.

جنسيات جي ماهرن جو چوڻ آهي ته عورت جي شهوت جي شروعات ڪڪڙيءَ کان ٿئي ٿي ۽ اها جڏهن چوٽ چڙهي وڃي ٿي تڏهن عورت شهوت جي اهڙي احساس کي بجليءَ جي هلڪيءَ وهڪ جيان محسوس ڪري ٿي.

ڪڪڙيءَ جو طهر:

اڄ ڏينهن تائين دنيا جون لکين عورتون پنهنجيءَ ڪڪڙي جو طهر به ڪرائينديون رهيون آهن. اهڙو طهر ڪڪڙيءَ جي هلڪيءَ مُڇ ڪانوٽي وڏيءَ وڍ تائين به ٿي سگهي ٿو. طهر ڪرائڻ جا ڪيترائي سبب ڏنا ويندا آهن. هن رسم کي دنيا جي ڪيترن ماهرن ۽ صحت جي عالمي اداري (W.H.O) پاران پڻ ننديو ويو آهي، جو ماهرن جي چوڻ مطابق ته عورتن کي طهر ڪرائڻ جي ڪا به ضرورت نه هوندي آهي ۽ اها هڪ اجائي ۽ بيهوده حرڪت آهي جنهن مان نه ته مرد ۽ نه ئي عورت کي ڪو فائدو رسي ٿو.

ڪڪڙيءَ جي طهر لاءِ چيو ويو آهي ته ماضيءَ ۾ هيءَ رسم ٽلهي ليکي، دنيا جي سيني ڪندن ۾ چالو هئي، اڄڪلهه هيءَ رسم آفريڪا جي ڪيترن ملڪن ۾ گهٽي مروج آهي، انهيءَ ڪانسواءِ مڊل ايسٽ ۽ هندوپاڪ به اچي ٿو. ڪاٿو لڳايو ويو آهي ته اهڙين طهريل عورتن جو تعداد ستر ملين جي لڳ ڀڳ هوندو. اجا به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن انگ جي صحيح چاڻ پئجي نٿي سگهي جو هيءَ رسم ڪجهيءَ طرح سان ادا ڪئي وڃي ٿي جنهن جو هڪڙو اجا بہ وڌيڪ خراب نتيجو هي نڪرندو آهي جو ڪيتريون عورتون اجل جو شڪار ٿي وڃن ٿيون.

تاريخي اڀياس مان خبر پوي ٿي تہ هڪ سو سال اڳ هيءَ رسم برطانيا ۾ بہ عام هئي، جو ان زماني ۾ عورتن جي مختلف بيمارين جهڙوڪ: مرگهيءَ، هسٽيريا، شهوت ۽ خودلزتيءَ کي گهٽائڻ لاءِ عورتن جو طهر ڪيو ويندو هو. ٿلهي ليکي تہ، عورتن جي هر بيماريءَ جو اهو علاج سمجهيو ويندو هو. آميريڪا لاءِ چيو ويو آهي تہ اڄ بہ اتي ضرورتاً ڪن هنڌن تي هيءَ رسم ادا ڪئي وڃي ٿي.

عورتن جو ٽن قسمن جو طهر ڪيو ويندو آهي. (1) ڪڪڙيءَ جي ڏانڊيءَ کي ميچڻ. (2) ڪڪڙيءَ کانسواءِ ننڍن چپن کي ٿورڙو يا بلڪل ڪٽي ڇڏڻ ۽ (3) يونيءَ کي سڄو سارو، ﭜنهي پاسن کان ڪٽي بند ڪري ڇڏڻ. جنهن ۾ ڪڪڙيءَ جا وڏا چپ، ننڍا چپ ۽ يونيءَ جي 2/3 اندرئين حصن کي بہ ڪٽيو ويندو آهي. ڪڪڙيءَ جي هن قسم جي آپريشن کي فرعوني طهر بہ سڏيو ويندو آهي.

جاهل ماڻهو ڪڪڙيءَ جي طهر کي عورتپڻي جي نشاني سڏين ٿا. ڪيترين قومن ۾ تہ انهيءَ رسم کي بالغ ٿيڻ ۽ سماج ۾ مانُ پيدا ڪرڻ لاءِ تمام اهم سمجهيو ويندو آهي.

گمبيا ۾، جنهن قسم جو طهر ڪيو وڃي ٿو انهيءَ ۾ سڄيءَ ڪڪڙيءَ کي پاڙان ڪٽيو ويندو آهي، جنهن لاءِ عورتن کي ڪنهن بہ قسم جو نشو بہ استعمال نہ ڪرايو ويندو آهي. اهڙين عورتن جي اکين تي پٽي ٻڌي پوءِ ڪنهن بہ تيز چاقوءَ سان، ساٽن اهڙي ويڍن ڪئي ويندي آهي. عورت جا مٽ مائٽ اهڙي رسم وقت وڏا دڦ وڄائيندا ۽ ڳائيندا رهندا آهن. طهر ڪانپوءِ عورت جي جڙين ﭜوٽين سان ملم پٽي ڪئي ويندي آهي.

هارن آف آفريڪا جي ڪيترن ملڪن ۾ تہ انهيءَ کان بہ وڌيڪ سنگين قسم جي آپريشن ڪئي ويندي آهي. انهن قومن ۾ اهڙي طهر لاءِ عمر جي حد ڇهن کان اٺن سالن جي وچ ۾ مقرر آهي. ڇوڪرين جي طهر ڪرڻ لاءِ کين هڪ رسمي تڏي تي سمهاري، ٽنگون ٽيڙي کين رسين وسيلي زمين سان سُڪ ﭜٽو ويندو آهي، جيڪو ڪم ڀڏيون عورتون ڪنديون آهن. انهيءَ ڪانپوءِ ڪابہ ڪراڙي پيپ، باقي رسم پوري ڪندي آهي. جنهن لاءِ عام ڇُري، ڪپ يا اهڙي ڪنهن اوزار سان يونيءَ جا ٻاهريان ۽ ظاهر ٿيندڙ سڀ جنسي حصا ميڇي ڇڏيندي آهي، جنهن ۾ اندريان چپ بہ اچي وڃن ٿا. انهيءَ ڪانپوءِ، ڦٽ کي ڪنڊن يا تارن وغيره سان سڄي حصي سميت سبي،ماچيس جي تيليءَ جيترو سوراخ ڇڏي ڏيندي آهي تہ جيئن ان مان جسم جون غلاظتون نيڪال ٿينديون رهن. رڳو ايترو نہ پر ڦٽ ڇٽائڻ لاءِ ﭜنهي ٽنگن کي بہ ڦٽ سان ٻڌي ڇڏينديون آهن تہ جيئن ڦٽ گهٽي ڪان گهٽو مڙي وڃي. جنهن جو اڪثر هلي نتيجو هي نڪرندو آهي تہ اها جاءِ بلڪل سخت ۽ سوڙهي ٿي ويندي آهي.

اهڙي آپريشن کي چوتو چاڙهڻ يا فرعوني آپريشن بہ سڏيو ويندو آهي، جو پانيو ويندو آهي تہ هن طهر جي رسم مصر مان شروع ٿي هوندي. اهڙي عورت کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي دفعا عذاب سهڻو پوي ٿو. سڀ کان پهريائين تڏهن، جڏهن سندس اهڙي آپريشن ڪئي ويندي آهي. ٻيو دفعو جڏهن ڪيس شينهن ڪلهي چاڙهيو ويندو آهي ۽ ٽيون دفعو جڏهن هوءَ پير لهندي آهي.

سخت نشان جيڪو فرعوني آپريشن ڪانپوءِ پيدا ٿيندو آهي، ان سبب نه رڳو جماع ڀيانڪ پر گهڻو خطرناڪ پڻ ثابت ٿيندو آهي، آپريشن ڪانپوءِ جيڪڏهن اهڙو سوراخ گهڻو سوڙهو ٿي وڃي ته انهيءَ لاءِ وري به چير ڏيڻ جي ضرورت پوندي آهي ته جيئن ڪيس موڪي موڪرو ڪري سگهجي.

انهيءَ ڪانسواءِ اهڙي عورت لاءِ سنڀوگ، سڄي عمر لاءِ هڪ عذاب ۽ پيڙا کان گهٽ نه رهندو آهي، هوءَ جڏهن به جماع لاءِ سوچيندي آهي ته اهو ڪيس ڀيانڪ ڀاسندو آهي اهڙو عذاب ٻار ڄڻڻ وقت اڃان به گهڻو وڌي ويندو آهي جو انهيءَ هنڌ جا حصا گهڻا سخت ٿي پوڻ سبب ٻار ڪي ٻاهر نڪرڻ نه ڏيندا آهن. جنهنڪري اهڙي لنگهه کي وڏيڪ ويڪرو ڪرڻو پوندو آهي. جڏهن ٻار ڄمڻ لڳندو آهي ته ٻار جي مُنڍي عورت لاءِ اڃان به وڌيڪ هاڃيڪار ثابت ٿي سگهندي آهي. ويم ڪانپوءِ به عورت لاءِ اهڙو عذاب ختم نه ٿيندو آهي، ڇاڪاڻ ته جي مرد ڪنهن ڪم سانگي ڪجهه عرصي لاءِ ڪانئس الڳ ٿيندو آهي ۽ جي هو چاهي ته ڪيس وري به چوٽي چاڙهڻ لاءِ مجبور ڪيو ويندو آهي.

اهو چئي نٿو سگهجي ته هن رسم جي شروعات ڪڏهن کان ٿي، ڇاڪاڻ ته مرد ۽ عورت جي طهر جي رسم گهڻي پراڻي آهي. هزارين سال اڳ عورتن جون جيڪي مميون لڌيون آهن، انهن جي به ڪڪڙيءَ جو طهر ٿيل ڏٺو ويو آهي. اهو به ڏٺو ويو آهي ته هيءَ رسم رڳو اڻپڙهيلن تائين محدود ناهي، پر پڙهيل به جنکي سڌريل سمجهيو وڃيٿو، هن رسم ۾ قائل آهن. ڪينيا جي هڪ اڳوڻي صدر جومو ڪينياٽا هڪ دفعي چيو هو ته، هيءَ رسم ٺي ته آهي، جنهن ڪانپوءِ ماڻهو صحيح اخلاق ۽ تعليم وارو بڻجي ٿو.

5. جِي اسپاٽ (G.spot)

عورت جي جنهن جنسي حصي کي ڪڪڙيءَ کان به وڌيڪ شهوتي- حساس سمجهيو وڃي ٿو اهو جِي اسپاٽ جي نالي سان مشهور ٿيو آهي. اهو اسپاٽ نهائين جي هڏي جي بلڪل پٺيان يونيءَ ۾ اڳين ڇيڙيءَ مثاني جي منهن وٽ ٿئي ٿو. جنهنڪي جرمنيءَ جي هڪ ماهر ڊاڪٽر ارنيسٽ گريفنبرگ (Ernest Grafenberg) 1944ع ۾ ڳولي لڌو ۽ سندس ئي نالي پٺيان اهو هنڌ، جِي اسپاٽ جي نالي سان مشهور ٿيو. سندس چوڻ مطابق ته هي هنڌ ايترو حساس ۽ شهوتي آهي جو انکي عورت جو وڏ ۾ وڏ لستي، شهوتي هنڌ سڏي سگهجي ٿو، 1944 ڪانپوءِ، سندس ان ڳالهه کي اجايو سمجهي درگذر ڪيو ويو، جڏهن ته 1982ع ۾ ان تي وري کوجنا شروع ٿي ۽ انکانپوءِ ٽن ماهرن هڪڙو گڏيل ڪتاب "The G.spot and other recent discoveries obout Human Sexuality" لکيو جيڪو نه رڳو مشهور ٿيو پر بيسٽ سيلر پڻ بڻيو.

جي اسپاڻ جي سائيز ۽ ماڳ مختلف نارين ۾ مختلف ٿي سگهي ٿو. هن جي ماڳَ کي سمجهڻ ۾ لهڻ لاءِ جيڪڏهن ائين کڻي سمجهجي ته يونيءَ ۾ هڪڙو ننڍڙو گهڙيال رکيو وڃي، جنهن جي 12 جو انگ مٿي دن ڏانهن ٿي بيهي ته اڪثر عورتن ۾ جي اسپاڻ 11 ۽ 1 بجي جي وچتي هوندو. ککڙي جي پيٽ ۾ جيڪا ٻاهر اڀريل ٿئي، جي اسپاڻ يونيءَ جي استر ۾ اونهائيءَ ۾ ٿئي ۽ اهڙيءَ حالت ۾ جڏهن اهو متحرڪ نه هجي تڏهن کيس لهڻ لاءِ سخت زورڙي ڏيڻ جي ضرورت پوندي آهي.

هن وقت تائين اهو پانيو ويندو آهي ته جي اسپاڻ رت نلين جي پيچيده ڄار، ڪن غدودن، نلين، تنتي چيڙن ۽ انهن تشوئن جو جڙيل آهي، جيڪي مثاني جي منهن کي گهيريل آهن. ساڳئي وقت هن ڳالهه تي به تضاد هلي رهيو آهي ته ڇا جي اسپاڻ کي مردن جي پراسٽيٽ غدود سان تشبيهه ڏئي سگهجي ٿي؟ (ڇاڪاڻ ته جنسي لست جي لحاظ کان، پراسٽيٽ غدود متحرڪ ٿيڻ ڪانپوءِ مردن ۾ به اهڙي لست پيدا ڪري وجهي ٿو). اهو تضاد قديم روم جي گئلن نالي هڪ مشهور طبيب سائنسدان جي زماني کان هلي رهيو آهي، جو هن به اهڙو سوال ٻي صدي عيسوي ۾ پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ ڪيو هو ۽ انجو جواب هائوڪار ۾ ڏنو هو. جڏهن ته وليم ماسٽرس 1981ع ۾ پيري ۽ ويل جي ڪيل کوجنائن تي راءِ ڏيندي چيو هو ته جِي اسپاڻ لاءِ پراسٽيٽ جو نالو موزون ناهي.

حقيقت ۾ پهريون پيرو جنهن ڏاهي، جِي اسپاڻ جو تفصيلي مشاهدو ڪيو اهو گريفنبرگ نه پر سٽين صديءَ جو هڪ ڊچ اٿاناماسٽ، ريگنيئر ڊي گراف (Regnier de Graff) هيو، جنهن نرن ۽ نارين جي جنمي ۽ جنسي عضون جي جديد وضاحت بيان ڪئي. هن جي اسپاڻ لاءِ اهو چيو ته، انکي عورت جو پراسٽيٽ غدود يا ڪارپس گلنڊيلو لوسم (corpus glandulosum) سڏي سگهجي ٿو.

جيتوڻيڪ جي اسپاڻ تي وڏيڪ کوجنا جاري آهي، پر تنهن هوندي به اها دعويٰ ڪئي ويئي آهي ته، عورت جي يونيءَ ۾ ماس جو هي هڪ اهڙو ته حساس ۽ شهوتي مچڪو آهي، جنهنکي مهٽڻ سان عورت، شهوت ۾ بي وس ٿي وڃي ٿي، جلد چٽي پوءِ ۽ تمام وٽندڙ لست محسوس ڪريٿي. ڪيل کوجنائن جي بنياد تي اهو به چيو ويو آهي ته، اهوئي سبب آهي جو هر عورت ۾ هڪجهڙي شهوت پيدا نٿي ٿئي ۽ جلد يا دير سان چٽڻ جو مدار به ان تي آهي ته، ڪن عورتن ۾ اهڙي حساس ۽ ڪامي ماس جو مچڪو ڇڏو، ته ڪن ۾ گهاٽو ٿئي. ان جي ڇڏائپ يا گهاٽائپ جي ڪارڻ جي اڃان سڌ پئجي نه سگهي آهي.

6. پيشاب نالي (Urethera)

هي پيشاب نالي جو هڪ پاسي کان جسم کان ٻاهر تي کلندڙ لنگهه آهي ته ٻئي پاسي کان مثاني سان مليل هوندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

7. چيرو (Hymen)

چيرو ڪنوارپ جي نشاني سمجهيو ويندو آهي. چيرو، يونيءَ جي لنگهه ڪانپوءِ هڪ سنهو پڙدو آهي. عام ماڻهن جو ويساه هوندو آهي تہ چيرو عام حالتن ۾ يونيءَ جي لنگهہ کي سيل ڪيو بيٺو هوندو آهي. جڏهن تہ ائين ناهي هوندو جو منجهس ننڍو سوراخ ٿئي تہ جيئن ان مان هر مهيني حيض جون رتوبتون جسم کان ٻاهر خارج ٿي سگهن. انسانن ۾ رڳو چيري جو هجڻ هڪ بي مثال ڳالهہ سمهجي ويندي آهي.

چيرو ڪيترن ڏولن ۾ سائيزن جو ٿي سگهي ٿو. ڪنوارين ۾ پهرئين ڀيري جي جماع دوران انجو سوراخ ايترو بہ انگهجي سگهي ٿو جو آلت ڪيس ڏارڻ-ڦاڙڻ ڪانسواءِ منجهانئس سولائيءَ سان لنگهي سگهندي آهي. جڏهن تہ ڪن جو ٽٽي پوندو آهي ۽ سور بہ محسوس ٿيندو آهي. هڪ دفعي جي ڦاٽڻ ڪانپوءِ چيرو هميشہ لاءِ ڦاٽي پوندو آهي. عام طور تي اهو بہ ڀانيو ويندو آهي تہ چيري جي ڦاٽڻ سان ڪجهہ رت وهي پوندي آهي، جڏهن تہ ضروري ناهي هوندو تہ هر عورت سان ائين ٿي سگهي.



ڪنوارپ ۾ — جماع سبب ٽٽل چيرو



اڻٽٽل چيري جا مختلف قسم



چيري جا مختلف قسم

چيري جي نہ هجڻ يا ٽٽي پوڻ جو جيئن عام طور تي تصور ڪيو ويندو آهي تہ اهڙي عورت ڪنواري ناهي، هڪ اجايو خيال آهي، ڇو تہ سائنسي اپياسن مان ڏٺو ويو آهي تہ چيرو نازڪ هجڻ سبب ٻالڪپڻي ۾ ڪسرت، نينگ ٽپا ڏيڻ، ڏاڪڻيون لهڻ، چڙهڻ، گهوڙي سواري ڪرڻ، ڪنهن انفيڪشن (بيماري) ٿيڻ يا پين ڪن اهڙن سببن ڪري پاڻمرادو بہ ٽٽي پوندو آهي.

ٻئي پاسي ڪان ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ چيرو ايترو ٿلهو ۽ لچڪدار هجي جو منجهانئس آلت لنگهي نہ سگهي، جنهن لاءِ آپريشن رستي ڪيس ڪٽرائڻو پوندو آهي. ان ڳالهہ ۾ بہ اچرج ڪرڻ نہ گهرجي تہ جي اهڙي ڪا عورت ويم لاءِ اسپتال پهچي تہ تڏهن بہ سندس چيرو سلامت هجي. بهرحال چيري جي هجڻ يا نہ هجڻ مان ڪنوارپ جو ثبوت ملي نہ سگهندو آهي. جڏهن تہ دنيا جون ڪي اهڙيون قومون بہ آهن جيڪي شاديءَ کان اڳ سنپوڳ نہ ڪرڻ ۽ ڪنوارپ واري ڳالهہ کي اهميت ڏينديون آهن ۽ انهن ۾ ڪي اهڙيون بہ آهي جهڙوڪ: جاپاني ۽ اٽالين جيڪي شادي کان اڳ، ٽٽل چيري هجڻ واري حالت ۾ ان جي سرجري ڪرائي، ان کي اصل حالت ۾ آڻائينديون آهن، تہ جيئن سندن ڪنوارپ جي نشاني موجود رهي سگهي.

8. بارٿولنس غدود (Bartholin's gland)

بارٿولنس غدود کي ويسٽيبيولر غدود (vestibular glands) بہ سڏيو ويندو آهي. هي غدود يونيءَ جي لنگهہ جي ٻنهي پاسن کان هوندا آهن. هنن جي مردن جي ڪائو پرس غدودن سان هڪجهڙائي آهي. ورلي هنن ۾ انفيڪشن بہ ٿي پوندو آهي.

9. ارهہ (Breasts)

ناريون، نرن کان هڪ ٻئي لحاظ کان بہ وڌيڪ من موهينڊڙ لڳن، جو کين ارهہ پڻ هوندا آهن. ارهہ، اصل ۾ پگهر جا غدود آهن، جيڪي سائيز ۾ وڏي خاص ڪم لاءِ مخصوص ٿي ويندا آهن يعني تہ ٿڃ پيدا ڪندا رهندا آهن. ڪاٻو ارهہ، ساڄي کان مڙيوئي سرس ۽ گهير ۾ وڌيڪ گول ٿئي. ارهہ جي سائيز جو مدار منجهس وہ جي مقدار سان نسبت ڪائيندڙ هوندو آهي. ائين ارهہ جي سائيز جو ٻالڪ-پالنا سان ڪوبہ واسطو نہ ٿئي، جو ننڍن ارهن واريون مائر بہ پنهنجن ٻارن کي ائين ئي پالي سگهنديون آهن، جيئن وڏن ارهن واريون. ٻارن کي لاڳيتو ڌارائڻ ڪري اهو بہ ممڪن هوندو آهي تہ اهڙيءَ عورت کي ڪجهہ مهينن تائين ڪپڙا نہ اچن جڏهن تہ ڌارائڻ بند ڪرڻ سان ويم کانپوءِ گهٽ ڪري 65 سيڪڙو عورتن کي حيض اچي ويندو آهي.

نارين جي ٽنٽي سرشتي جو سندن ارهن ۽ جنمي سرشتي سان سڌو سنئون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاڳاپو هوندو آهي. عام ۽ آشهوتي حالتن ۾ ارهن جون ٻنديون نرم ۽ سسيل رهنديون آهن پر جڏهن عورت شهوت ۾ پرجي ويندي آهي تہ ٻنديون سُجي ۽ سخت ٿي پونديون آهن، ائين جيئن ککڙيءَ سان ٿيندو آهي. ٻندين کي ٽڙا ۽ ڪتڪتايون ڪڍڻ سان بہ عورت کي هڪ مٺو مزو ايندو آهي، جيڪو پوءِ ککڙي ۽ ٻاهرين چپن تائين بہ محسوس ڪري سگهندي آهي. اهڙو تاءُ پيدا ٿيڻ ڪري ککڙي جا اڳيم جوش ۾ آيل نہ هوندي آهي، سا بہ ڪڙي ٿي پوندي آهي، ڪن نارين جي ٻندين ۽ ککڙيءَ ۾ گهري سٻنڌ ۽ لاڳاپو ٿئي، ايتري قدر جو انهن کي جڏهن ڪيڏائبو آهي تہ اُهي چٽي پونديون آهن. پر ڪي اهڙيون بہ ٿين، جن تي اهڙين ڳالهين جو اثر نہ پوندو آهي ۽ اهي پوءِ بہ آشهوتي رهنديون آهن.

شهوت جي شروع وارين گهڙين ۾ جيڪا پهرين ڳالهہ محسوس ڪري سگهبي آهي اها هيءَ تہ ارهہ جون ٻنديون ننڍين پٺڪڙين مشڪن جي پيڪوڙ سبب، تاءُ ۾ اچي وينديون آهن. منجهن اهڙي ڪڙائي بنا ڪنهن مهٽ جي بہ ٿي سگهندي آهي. عورت يا مرد جي مهٽ سبب اهي ڦنڊي پونديون آهن، جنهن سبب ڊيگهہ ۽ موڪر ۾ وڌي وينديون آهن، جو انهن ۾ ۽ سندن چوگرد رت گڏ ٿي ويندي آهي. سندن ڦنڊڻ جو اهو عمل بلڪل اهڙو هوندو آهي، جيئن مردن جي انگ ۾ ٿيندو آهي.

شهوتي حالتن ۾ ٻندين جي ڊيگهہ اڌ انچ تائين تہ موڪر انچ جي چوٿين حصي تائين بہ پهچي سگهي ٿي. مناسب سائيز واريون ٻنديون اهڙيءَ حالت کي جلد پهچي وينديون آهن، بنسبت انهن جي جيڪي گهٽيون ڊگهيون ٿين.

هڪ دفعي جي ڦنڊ سان، ارهہ بہ ڦنڊڻ شروع ڪندا آهن. ڪڏهن تہ اهي پنهنجي اصلي سائيز کان اسي سيڪڙي تائين بہ وڌي وڏا ٿي ويندا آهن. اهڙي واڌ انهن عورتن جي ارهن ۾ وڌيڪ چٽي ۽ ظاهر ٿئي، جيڪي ٻار کي ٿڃن تي نہ پالينديون آهن. اجان بہ اڳتي هلي اهڙيءَ تاءَ واري حالت ۾ ٻنڊ جي هيٺيان وارو گول پڙو (aerola) بہ وڌيڪ گهرو ٿي ويندو آهي تہ ائين بہ ٿي سگهندو آهي تہ ارهہ هلڪا ڳاڙها ٿي ڪاندارجي وڃن. اهڙي ڪاندار پيٽ ۽ ڳچيءَ تي بہ پيدا ٿي ويندي آهي. ڪيترين عورتن ۾ اهڙي شهوتي ڪاندار پيدا ٿي نہ سگهندي آهي. جڏهن تہ ڪن ۾ گهٽيءَ دير سان ظاهر ٿيندي آهي. ڪيترين عورتن ۾ اهڙي شهوتي ڪاندار چٽڻ کان اڳ پيدا ٿيندي آهي. ماهرن جو چوڻ آهي تہ ارهن جو شهوت سان وڏو واسطو آهي. اهوئي سبب آهي جو، چٽڻ دوران ڪيتريون عورتون چاهينديون آهن تہ سندن ارهن کي پيڪوڙيو ۽ ٻندين کي مهٽيو وڃي جو ان عرصي دوران ڪجهہ وقت جي مزي حاصل ڪرڻ لاءِ اهي هنڌ، سور لاءِ بي حس ٿي ويندا آهن. اهڙي مزي جو اهڙي عورت تي ڪوبہ فرق نٿو پوي تہ هوءَ ڪا ٿڃن تي پالنا ڪري رهي آهي، جو ڏٺو ويو آهي تہ اهڙين عورتن جا ارهہ بہ ايترائي حساس ۽ شهوتي ٿي ويندا آهن، جيتراڪ ڪنهن عام عورت جا. شهوت ۾ پرجي وڃڻ ڪري، ڪن عورتن جي ارهن مان کير ڦڙيون بہ وهي پونديون آهن. گهڻا ماڻهواهو بہ پائيندا آهن تہ ٿڃن تي پالنا ڪرائيندڙ عورت اهڙي شهوت لائق نہ رهندي آهي، جيڪا اجائي ڳالهہ آهي، جنهنڪري هو چاهيندا آهن تہ اهڙيون عورتون ٻالڪن کي ٿڃن تي نہ تاتين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارهن ڏارائڻ دوران گهڻيون عورتون شهوت ۾ تہ پرجي ويندين آهن، پرچڻ واري منزل کي پهچي نہ سگهنديون آهن. جيئن ڇتڻ دوران ٻيرڻ ڪوئجڻ، پنڊيون ۾ اره ڦنڊڻ لڳندا آهن، تيئن بلڪل ساڳئي نموني سان اهڙيون حالتون ارهہ ڏارائڻ ۾ ويمر وقت بہ پيدا ٿينديون آهن.

ارهہ تي پالنا ڪرائڻ جو هڪ فائدو هي بہ هوندو آهي تہ جيترو وقت ٻار کي ٿڃ تي پالبو رهبو اوترو عرصو پيٽ ٿيڻ جا موقعا بلڪل گهٽ ٿي سگهن ٿا. انهيءَ لحاظ کان ارهہ تي پالڻ کي ٻيرروڪ (contraceptive) جو هڪ بهترين وسيلو سمجهيو ويندو آهي. انڪانسواءِ، اهو بہ ڏٺو ويو آهي تہ ويمر کانپوءِ جڏهن ٻيرڻ گهٽي وڏي ويندي آهي تہ ٿڃ تي پالنا سبب اها سسي پنهنجيءَ اصلي حالت کي جلد پهچي ويندي آهي.

10. يوني / گرڀ نالي (Vagina)

يوني هڪ مشڪائين ۾ لچڪدار نالي آهي، جنهن جون پٽيون گهنجدار تہ سندس ڊيگهہ ڇئن کان پنجن انچن تائين بہ ٿي سگهي ٿي، جيڪا مثاني ۾ وڏي آنڊي وچ ۾ ٿئي. يونيءَ ۾ ايتري لچڪ هوندي آهي تہ پنهنجيءَ اصلي حالت کان ڪيترا دفعا وڏي ۾ انگهي بہ سگهيتي. اهوئي سبب آهي، جو منجهس آلت ڪانسواءِ ٻار جهڙي شي کي بہ ويمر وقت ڪڍڻ جي سگهہ ٿئي.

يونيءَ کي گرڀ نالي بہ سڏيو ويندو آهي جو هيءَ هڪ پاسي کان ٻيرڻ سان مليل تہ ٻئي پاسي کان جسم کان ٻاهر تي کلنڊڙ هوندي آهي. يونيءَ جو ڀتو ڪارج ٿئي. پهريون، آلت لاءِ کوني / کوناري آهي. جتي انزال وقت منجهس مرد جا تخمي جيو اڇي پوندا آهن ۾ ٻيو تہ اهوئي، اهو لنگهہ آهي جتان ويمر وقت ٻار ٻاهر نڪري ٿو ۾ ائين گرڀ ناليءَ جو ڪمر ڏئي ٿي. شهوت جي لحاظ کان هن جو ٻاهريون ٽيون حصو، وڌ ۾ وڌ حساس ٿئي.

شهوتي حالتن دوران يونيءَ جون پٽيون اهڙو سٽيو مک پيدا ڪرڻ لڳنديون آهن، جنهن سبب منجهس آلت کي اندر ٻاهر ٿيڻ ۾ سولائي ٿيندي آهي. اڳ ۾ اهو پانيو ويندو هو تہ اهو مک ٻيرڻ جي منهن ۾ ان جي غدودن مان خارج ٿئي ٿو جيڪي فرج جي چوگرد آهن. جڏهن تہ وليم ماسٽرس ۾ ورجينيا جونس اهڙي مک جي پيدائشي جو اصل هنڌ ڳولي لڌو ۾ ڏٺو تہ اهڙو مک پيدا ٿيڻ، شهوت ۾ اچڻ جي شروعات هوندي آهي.

اسنيوڳي حالتن ۾ يونيءَ جو لنگهہ بند رهندو آهي جو سندس چپ هڪ ٻئي سان لڳا بيٺا هوندا آهن ۾ گهڻي پاڳي لعاب (mucus) جي تيزابي اثرن سبب گهميل بہ رهندا آهن. اهڙيون رطوبتون جماع دوران گهڻيون خارج ٿينديون آهن. جڏهن ڪن سببن ڪري، يونيءَ ۾ تيزابي رطوبتن جو خارج ٿيڻ گهٽجي وڃي تہ عام طور تي منجهس انفيڪيشن ٿيڻ جا موقعا بہ وڌي ويندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

11. ڳيرڻ/ ٻچيداني (Uterus/Womb)

ڳيرڻ/ ٻچيداني، ناسپاتيءَ جي شڪل جهڙي، مشڪائين ۾ ٻانديو/ پورو عضوو آهي. جيڪو جسم جي وچتي نهائين ۾ مثاني جي پٺيان، نهائين جي مشڪائين ڏورين وسيلي ٻڌل ٿئي. عام طورتي جڏهن عورت ڳورهاري نه هوندي آهي ته هنجي سائيز، عورت جي مٺ کان ٿورڙي ڪا ننڍڙي ٿئي.

ڳيرڻ جو مکيه ڪم اوسر ڪندڙ ٻچي کي تاتڻ آهي ۽ ائين پيٽ ٽيڻ سان هيءَ به آهستي آهستي وڌندي ويندي آهي. قديم يونانين جو ويساهه هوندو هيو ته ڳيرڻ کي پنهنجي ليکي هڪ زندگي آهي، جيڪا پيٽ ۾ آزاديءَ سان هلندي رهيتي ورلي پيٽ ڇهه (diaphragm) کي به پيڪوڙي ٿي ۽ جڏهن ائين ٿئي ٿو، تڏهن مُونجهه ۽ اداسائي پيدا ٿئي ٿي. جنهنکي هنن هسٽيريا (hysteria) جو نالو ڏنو جيڪو پڻ يوناني ٻوليءَ جو لفظ آهي. جڏهن ته اصل ۾ هي هڪ هنڌ ڪتل مشڪائون عضوو آهي ۽ سندس مشڪائين ڪوءِ سبب جيڪا سنيوڳ دوران ۽ سينوڳ کانپوءِ پيدا ٿئي، تنهن سبب تخمي جيون کي اڳتي فيلوپين نلين ڏانهن ڌڪجڻ ۾ واهر ٿئي ٿي، جتي آنو هوندو آهي. پيٽ ٽيڻ کانپوءِ، ويم وقت به اها سندس مشڪن جي پيکوڙ ئي هوندي آهي جيڪا ٻار کي ڌڪي ٻاهر ڪيندي آهي.

ڳيرڻ کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. جنهن جي مٿين حصي کي سندس جسم (fundus) سڏجي، هي حصو سامهون ڏسڻ سان ٽڪنبو لڳندو آهي. اهوئي اهو حصو آهي، جتي ٻوڪيل آنو اچي ساٽس ڇهتي پوندو آهي. هن حصي جي ٻنهي پاسن کان ڳيرڻ، فيلوپين نلين سان ڳنڍيل هوندي آهي. سندس ٻئي هيٺين حصي کي ڳهڻ (cervix) سڏجي. هي حصو سوڙهي منهن سان ٿئي. ڳهڻ جو مکيه ڪم ٻچي کي تيستائين جهلڻ هوندو آهي، جيستائين ڪ ويم نٿو ٿئي. ڳهڻ کي ٻچيدانيءَ جو منهن به سڏجي، جيڪو مشڪائون ۽ يوني ۾ هڪ ڳُڙکي جيان ڪلندڙ آهي، جتي جماع دوران تخمي جيو اچي پوندا آهن. ڳهڻ جي نالي عام طورتي هڪ قسم جي مادي؛ لعاب سان پريل رهندي آهي ته جيئن ڪو به ذرڙو مٿي ڳيرڻ ڏانهن وڃي نه سگهي. جڏهن ته آنجڻ (ovulation آني جي نڪرڻ) وقت اهو لعاب پترو پاڻيٺي ٿي وڃيٿو ته جيئن، تخمي جيو سولائيءَ سان اڳتي وڌي سگهن.

حمل ۾، ٻار جي تياريءَ لاءِ سندس عام وزن 28 گرامن مان وڌي 900 گرامن تائين پهچي ويندو آهي. ويم جي سورن وقت هيءَ بي پناهه طاقت پيدا ڪري، ٻار کي ٻاهر ڪيندي آهي. اهڙيءَ طاقت کي وڌائڻ لاءِ ڪا به صحتمند عورت پيٽ جي مشڪن کي پيڪوڙي، اهڙي زور جي طاقت وڌائي ٻيٽي ڪري سگهندي آهي. ويم جي چند هفتن کانپوءِ ڳيرڻ وري لڳ ڀڳ ته پنهنجيءَ اصل سائيز کي پهچي ويندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳيرڻ جي استر کي بہ ٽہ ٿين، جن مان ٻاهريون ٿلهو ۽ مشڪائون ٿئي ٿـ اندرين تہ کي اينڊوميٽريم (endometrium) سڏجي. جڏهن پيٽ ٿيندو آهي تہ اينڊوميٽريم اڳتي هلي اوَر (placenta) جو هڪ حصو بڻجي ويندو آهي. استر ۾ ڳپ چھٽي واڌ ڪاٽڻ لڳندو آهي ۽ ٻار کي تيستائين تاتيندو آهي، جيستائين ڪ چر نٿو ٿئي. پيٽ نہ ٿيڻ جي حالت ۾ اهو هر مهيني ماهواريءَ جي صورت ۾ نيڪال ٿي ويندو آهي.

اهو بہ ممڪن هوندو آهي تہ ويمر دوران ڳچڙ ڦاٽي پوي ۽ ورلي منجهس انفيڪشن بہ ٿي پوندو آهي. گهڻي ٻاڳي عورتن کي ڳچڙ جي ڪينسر ٿي پوي ٿي. انلاءِ ضروري سمجهيو ويندو آهي تہ وقت بہ وقت تپاسون ڪرائي اهڙي روڳ جي پيدا ٿيڻ کان هوشيار رهجي، چو تہ ڳچڙ جي ڪينسر ڪنهن وقت بہ ٿي سگهي ٿي. جڏهن تہ اهڙو وڌ ۾ وڌ امڪان 35۽ 40 سالن جي ڄمار وچير ٿي سگهي ٿو. اهي عورتون هن قسم جي ڪينسر جو وڌ ۾ وڌ شڪار رهن ٿيون، جن جي عام صحت گندي رهي، جنکي گهڻا ٻار ڄجن يا جيڪي گهڻي وقت کانوٺي ڳچڙ جي سوزش يا انفيڪشن جو شڪار رهنديون آهن يا اهي جيڪي اهڙن مردن سان سنيوڳ ڪنديون رهنديون آهن، جن جو طهر ٿيل نہ هوندو آهي ۽ اهي پنهنجيءَ آلت جي صفائي رکي نہ سگهندا آهن. ڪنوارين ۾ ڳچڙ جي ڪينسر ورلي ٿيندي آهي.

12. فيلوپين نليون (Fallopian tubes/Oviducts)

فيلوپين نلين کي يوٽيرائين يا ڳيرڻ جون نليون (uterine tubes) بہ سڏبو آهي. هنن مشڪائين نلين جو جوڙو ٿئي ۽ ڳيرڻ جي مٿين هر هڪ پاسي کان هڪ هوندي آهي. هر هڪ نليءَ جي ڊيگهہ چارکن انچ ٿيندي. سنڌن مکيہ ڪم آنيدانين مان نڪرندڙ آني کي ڳيرڻ تائين رسائڻ جو هوندو آهي.

هر هڪ نليءَ کي جهاليدار منهن ۽ آڱرين جهڙا اپار هوندا آهن، جي آنيدانيءَ جي رسجندڙ آني مٿان ٿين. جن جو ڪم آني کي جهٽي نليءَ اندر اماڻڻ هوندو آهي تہ جيئن آنو، پيٽ ۾ ٻئي ڪنهن پاسي وڃي نہ سگهي. هر نليءَ جي استر ۾ وارن جهڙا اپار بہ ٿين، جيڪي آني کي اڳتي ڌڪڻ ۾ مدد ڪندا آهن. اهڙو ڪم فيلوپين نلين جي مشڪائين ڪوءَ سبب بہ ٿيندو رهندو آهي. ساڳئي وقت اپارن جو اهو بہ ڪم ٿئي تہ اهي آني کي اڳتي ڳيرڻ ڏانهن تڪڙو وڌڻ نہ ڏين تہ جيئن آني کي ايترو وقت ملي سگهي تہ اهو تخمي جيو سان ملي ٻوڪجي سگهي. نلين جي استر ۾ اهڙو مادو پڻ هوندو آهي جنهن ۾ پرو ٽيني جزا جهجها ٿين، تہ جيئن اهي تخمي جيون لاءِ غذا مهيا ڪري سگهن.

جيئن تہ فيلوپين نلين جو آني کي ڳيرڻ تائين پهچائڻ ۾ اهم ڪم هوندو آهي، تنهنڪري هنن ۾ ڪابہ رنڊڪ ٻار نہ ٿيڻ جو سبب ٿي سگهيتي. ڪيتريون عورتون پنهنجين فيلوپين نلين کي يا تہ ٻڌرائي يا ڪترائي ڇڏيون آهن (tubal liagation) تہ جيئن انهن وسيلي آنو ڳيرڻ تائين پهچي نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهي. اهو عورتن لاءِ فيملي پلاننگ (ڪٽنبي رٿا بندي) ڪرڻ جو هڪ بهترين طريقو آهي.



ٽيوبل لئگيشن

13. آنيدانيون (Ovaries)

آنيدانين يا ٻيجٽين جو جوڙو ٿئي، جيڪي نهائين ۾ ڳپيرڻ جي ٻنهي پاسن، ڪابي ۽ ساڄي کان هونديون آهن. بناوتي لحاظ کان اخروٽ جيترين، هر هڪ اٽڪل روءِ ڏيڍ کان ٻہ انچ ڊگهي، موڪر ۾ انچ ڪن ۽ ٿولهہ ۾ اڌ انچ ڪن ٿيندي. مردن جي خصين جيان انهن جو ڪم بہ عورتاڻا جنسي هارمون (female sex hormones)، ايسٽروجن ۽ پروجيسٽيران ڪانسواءِ آنا پڻ پيدا ڪرڻ هوندو آهي.

مردن جي تخمي جيون جي ابتڙ، عورتن ۾ آنن جي ٺهڻ جو عمل ڄمڻ کان اڳيئي شروع ٿي چڪو هوندو آهي. اهوئي سبب آهي جو جڏهن ڇوڪري ڄمندي آهي، تڏهن ئي ڪيس آنيدانين ۾ ڏهن لکن تائين آنا موجود هوندا آهن. پوءِ جڏهن ڇوڪري ساماڻجي ويندي آهي تہ اهي گهٽجي وڃي ٿي لک ڪن رهندا آهن، جيڪي پوءِ رسجڻ شروع ڪندا آهن. يا ائين ڪٿي سمجهجي تہ آنيدانيون ڪچن آنن جا چُڪا آهن ۽ ائين هر مهيني واري وٿيءَ سان، هر هڪ آنيدانيءَ مان هڪڙو آنو (ovum) رسجي تيار ٿيندو آهي. آنيدانيءَ مان، آني جي نسري نڪرڻ واري عمل کي آنجڻ سڏجي ٿنهنڪري اهو سمجهڻ گهرجي تہ

آنيدانين جو ڪم، هر مهيني ڙڳو هڪڙي آني کي رسائڻ جو هوندو آهي ۽ نہ ڪي ڪين پيدا ڪرڻ جو. هر هڪ آنو عجب جي حد تائين پوري وقت تي رسبو رهندو آهي. يعني تہ گهڻين عورتن ۾ 28 ڏينهن ڪانپوءِ تہ ڪن ۾ 26-27 يا 29 ڏينهن تي تہ ڪن ۾ 30 ڏينهن تي بہ رسجي پوندو آهي.

رسجي ڇڄڻ ڪانپوءِ آنو، فيلوپين نلي جي مُهاڙئين جهالدار حصي رستي فيلوپين نليءَ مان ڳپيرڻ ڏانهن هلڻ شروع ڪندو آهي. تڏهن ممڪن هوندو آهي تہ اهڙي سفر دوران اهو مرد جي تخمي جيو سان ملي ٻوڪجي پوي، بشرطيڪ اهڙي عرصي دوران جماع ڪانپوءِ اهو ڪيس ٻوڪي سگهي.



متحرڪ ٿيل آنيدانيءَ جي فولائيڪلن مان

آني جو رسجي خارج ٿيڻ

ورلي ائين بہ ٿيندو آهي تہ آنو، آنيدانيءَ مان ڪرڻ ۽ ٻوڪجڻ ڪان سنت ئي پوءِ فيلوپين نليءَ يا ڪنهن ٻئي هنڌ واڌ ڪرڻ شروع ڪندو آهي. جڏهن ٻوڪيل آني جي اهڙيءَ طرح سان واڌ ٿيندي رهي تہ انکي ايڪٽوپڪ پرگننسي (ectopic pregnancy) سڏبو آهي.

عام رواجي حالتن ۾ عورتن جو آنو، مرد جي تخمي جيو سان ڪنهن بہ هڪ فيلوپين نليءَ ۾ ٻوڪبو آهي ۽ پوءِ اهڙو ٻوڪيل آنو ڳپيرڻ ۾ اچي، پنهنجي وڏيڪ واڌ ڪرڻ شروع ڪندو آهي. جڏهن تہ ايڪٽوپڪ حمل جي حالت ۾ ڳپيل آنو، ڳپيرڻ بجاءِ يا تہ ڪنهن فيلوپين نليءَ يا وري آنيدانيءَ ۾ ئي واڌ ڪرڻ شروع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



عورت جو آنو (وڏو ڪري ڏيکاريل) ۽ انجي اندرين جوڙجڪ

ڪندو آهي. اها هڪ خطرناڪ حالت هوندي آهي، جنهن سبب نه رڳو ماءُ مري سگهندي آهي پر ٻوڪيل آنو به، وڌيڪ واڌ ڪائي نه سگهندو آهي. هن قسم جي حمل ۾، رت ايندي آهي ۽ سور پيدا ٿيندو آهي، انجو علاج اهوئي هوندو آهي ته اهڙي نليءَ کي ٻوڪيل آني سميت، آپريشن رستي ڪڍي ڇڏجي. جيئن ته عورت کي هڪ ٻي به فيلوپين نلي هوندي آهي، تنهنڪري هوءَ وري اميد سان ٿي سگهندي آهي.

ساماڻجڻ :

ٻالڪپڻي ڪانوڻي ساماڻجڻ جي وچواري عرصي کي نوجواني سڏيو وڃي ٿو. سائنسي لحاظ کان اهڙو عرصو 10 سالن جي عمر ڪانوڻي 19 سالن تائين ليکيو ويندو آهي. ساماڻجڻ سان ڇوڪريءَ ۾ جيڪا خاص تبديلي اچي ٿي، اها حيض اچڻ آهي. جيڪو 10 ۽ 16 سالن جي عمر ۾ ڪڏهن به اچي سگهي ٿو.

پهرئين دفعي جي حيض اچڻ کي مينارڪ (menarche) سڏجي. عام طور تي پهرئين حيض اچڻ کي علامت سمجهيو ويندو آهي ته هاڻ ڇوڪري، عورت ۾ تبديل ٿي، عورتپڻي جو ذميواريون سنڀالي سگهڻ جي لائق ٿي ويئي آهي. ورلي ائين به ٿيندو آهي ته سنيءَ ڪاڌ خوراڪ سبب ڇوڪري حيض واري عمر کي سوير ئي پهچي ويندي آهي. ساڳئي وقت اهو به ڏٺو ويو آهي ته اهي ڇوڪريون جن جا والدين خوشحال هجن، تنڪي غريب گهراڻن جي ڇوڪرين جي ڀيٽ ۾ حيض مڙيوئي سوير اچي ٿو. جڏهن ته ٻنهي قسمن جي گهراڻن جي ڇوڪرين جي حيض اچڻ ۾ اهڙو فرق 6 کان 9 مهينن جي وچ ۾ ڏٺو ويو آهي. هڪڙو خيال اهو به پيش ڪيو ويندو آهي ته اهي ڇوڪريون جيڪي گرم علائقن ۾ رهن ٿيون تنڪي حيض

اچڻ جي شروعات گهڻو اڳ ٿئي ٿي، جڏهن تہ اهو خيال صحيح ناهي. ان بجاءِ ثابت ٿيو آهي تہ انتي والدين جي سماجي - اقتصادي حالتن جو وڌيڪ اثر پوندڙ آهي.

حيض اچڻ ٿي رڳو اهو سبب آهي، جنهنڪري ڇوڪرين جي ڪيترين ڳالهين تي اثر پوينٿو ۽ اهي ڳالهيون ڪين نوجوان عورتن ۾ تبديل ڪري ڇڏين ٿيون. انهن تبديلين پيدا ٿيڻ جو سبب، جسم جا اهي انيڪ غدود آهن جيڪي هڪ ٻئي تي اثر انداز ٿين ٿا. اهڙو هڪڙو غدود جيڪو سيني ڳالهين تي ضابطو رکيٿو، هائيپوٿيلامس سڏجي، جيڪو مغز جو هڪ مخصوص حصو آهي. هي غدود هڪ ٻئي غدود پٽيوٽريءَ (pitutary) سان سرت ۾ ڪم ڪندي باقي سيني ڳالهين تي ضابطو رکيٿو.

حيض شروع ٿيڻ کان اٽڪل چار سال اڳ ڪن سببن ڪري، جن جي اڃان تائين چاڻ پئجي نہ سگهي آهي هائيپوٿيلامس ڪي رتوبتون پيدا ڪرڻ شروع ڪريٿو، جنڪي رليزنگ هارمون (releasing hormones) سڏجي. اهي هارمون خارج ٿيڻ کانپوءِ انهن رت نلين رستي، جن سان هائيپوٿيلامس ڳنڍيل آهي، پٽيوٽري غدود تائين پهچن ٿا، جنهن سبب ٻيا ڪيترا هارمون خارج ٿين ٿا. انهن ۾ هڪڙو، گروٿ هارمون (growth hormone) آهي، جنهن جي خارج ٿيڻ سبب واڌ وارو عمل تيز ٿي، حيض آٽڻ جي شروعات ڪرائي ٿو، ائين حيض اچڻ کان اٽڪل چار سال اڳ ڇوڪري واڌ ڪرڻ شروع ڪريٿي. واڌ وارو اهڙو سلسلو، پهرين ٻن سالن دوران وڌ ۾ وڌ هوندو آهي ۽ پوءِ جيئن جيئن حيض اچڻ وارو وقت ويجهو ايندو ويندو آهي تہ اهو، ڍلو ٿيندو ويندو آهي.

اٽڪل 12 سالن جي عمر ۾ پٽيوٽري غدود هڪڙو هارمون خارج ڪرڻ لڳي ٿو، جنهنڪي گوناڊوٽرافن رليزنگ هارمون يا گ.ر.هہ (gonadotrophin releasing hormone or G.R.H) سڏجي. هي هارمون گوهن جي صورت ۾ هر نوي منٽن کانپوءِ خارج ٿئي ٿو. گ. ر. هہ جو ڇوڪريءَ جي جنسي لحاظ کان اسرڻ/ مڪمل ٿيڻ تي وڏو اثر پوندڙ هوندو آهي. اهو هارمون جڏهن پٽيوٽري غدود ۾ پهچي ٿو تہ انجي ڪن مخصوص سيلن ۾ هڪڙو رد عمل پيدا ٿئي ٿو، جنهن سبب بہ ٻيا هارمون پيدا ٿين ٿا، جن جو عورت جي آنيدانين تي اثر پوندڙ هوندو آهي.

ڄمڻ وقت ڇوڪريءَ جي آنيدانيءَ جي ڪيترن آنن وارن سيلن ۾ پاٿيٺ گڏ ٿي ويل هوندي آهي، جنکي ايگ فولائيڪلس (egg follicles) سڏجي. اهڙو پهريون هارمون جيڪو آنيدانيءَ جي سيلن تي اثر ڪندڙ آهي اهو فولائيڪل اسٽيميوليٽنگ هارمون يا ف.ا.هہ (follicle stimulating hormone or F.S.H)سڏجي، جو ان جو ڪم ڪن فولائيڪلن جي واڌ ڪي اڀارڻ/ تحرڪ ۾ آڻڻ هوندو آهي. ائين شروعات ۾ رڳو ڪي فولائيڪل واڌ ڪائي سگهندا آهن ۽ اهي جيئن واڌ ڪائيندا ويندا آهن تہ سندن آس پاس وارن سيلن جا مٿاڇرا (mantles) وري هڪڙو ٻيو هارمون، ايسٽروجن پيدا ڪري وجهندا آهن. اهوئي، اهو هارمون آهي جنهن جي اثر سبب ڇوڪري، عورت ۾ مٽجي ويندي آهي. ائين تحرڪ ۾ آيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



هارمونن جي اثر هيٺ حيض ايندو رهي ٿو

فولائيڪل، اٽڪل مهيني تائين ايسٽروجن هارمون پيدا ڪرڻ ڪانپوءِ ختم ٿي ويندا آهن. جڏهن تہ انهيءَ عرصي دوران ڪي ٻيا فولائيڪل تحرڪ ۾ اچي، ايسٽروجن هارمون پيدا ڪرڻ شروع ڪري ڏيندا آهن، ائين پوءِ جيئن جيئن وقت گذرندو ويندو آهي، تيئن تيئن هر مهيني وڏيڪ فولائيڪل (اٽڪل 12 ۽ 20 جي وچ) تحرڪ ۾ ايندا ويندا آهن. جنهن جو نتيجو هي نڪرندو آهي تہ، آنيدانين جي پيدا ڪيل ايسٽروجن هارمون جو مقدار آهستي آهستي جهجهو ٿي ويندو آهي. ايسٽروجن هارمون جا ڪيترائي اثر پيدا ٿيندا آهن جهڙوڪ: أرهن

جون نليون (ducts) تہ ٻنڊين جي هيٺيان واري ايراضي واڌ ڪائڻ لڳندي آهي، جنهن سبب سڄو ارهہ وڌڻ لڳندو آهي، فيلوپين نلين، ٻچيرڻ ۽ يونيءَ جي واڌ ڪي تحرڪ ۾ آڻي ڇڏيندو آهي تہ ساڳئي وقت يونيءَ ۾ آلاڻ پيدا ڪرڻ جو عمل بہ شروع ڪرائيندو آهي. ڇترن تي چربي گڏ ٿيڻ لڳندي آهي، واڌ وارو عمل جيڪو پٽيوٽري غدود جي واڌ واري هارمون سبب اڳ۾ شروع ٿي چڪو هوندو آهي، انکي بہ ماٺو ڪري ڇڏيندو آهي تہ جيئن ساماڻجندڙ ڇوڪري ايتري قداور ٿي نہ سگهي، جيترا عام طور تي ڇوڪرا ٿين.

وقت گذرڻ سان گڏوگڏ رت جي گردشي سرشتي ۾ ايسٽروجن جو مقدار تيزيءَ سان وڌندو ويندو آهي ۽ ائين پهرئين حيض اچڻ جو وقت بہ ويجهو ايندو ويندو آهي. ايٽسروجن جي وڌندڙ مقدار سبب، ٻچيرڻ جو اينڊوميٽريم تهہ واڌ ڪائڻ لڳندو آهي، ساڳئي وقت فيڊبئڪ عمل هيٺ ف.ا.هہ جيڪو پٽيوٽري غدود پيدا ڪريٿو انجو مقدار بہ گهٽجي وڃي ٿو. هڪ دفعو جڏهن ف.ا.هہ جو مقدار گهٽجڻ لڳندو آهي تہ آنيدانين ۾ فولائيڪلن جي واڌ ۽ ايسٽروجن جي پيداوار بہ گهٽجي وڃي ٿي. اهي رت نليون جيڪي ٻچيرڻ کي رت مهيا ڪن ٿيون ڇُهري ٿٽي پون ٿيون، جنهن سبب ٻچيرڻ ۾ رت وهڻ لڳندو آهي ۽ اينڊوميٽريم ٽٽڻ لڳندو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ رت، ٽشوئن جي پاٽيٺ ۽ اينڊوميٽريم جا ٽٽل سيل ٻچيرڻ ۾ گڏ ٿي، ڪِهڻ مان يونيءَ رستي خارج ٿي وڃن ٿا ۽ ائين حيض اچڻ جي شروعات ٿي وڃي ٿي. مٿئين ڳالهہ مان اهو واضح نٿو ٿئي تہ اهي ڪهڙا ڪارڻ آهن جن سبب هائيپوٿيلامس ۾ اهڙو ردعمل پيدا ٿئي ٿو ۽ حيض اچڻ شروع ٿي وڃي ٿو؟.

تازين کوجنائن مان پڌرو ٿيو آهي تہ اهڙو ردعمل پيدا ڪرائيندڙ، جسم ۾ چربيءَ جو مقدار آهي جاڪاڻ جو ڏنو ويو آهي تہ جيسيتائين ڪ، جسم ۾ چربي ڪنهن مخصوص نسبت واري مقدار جيتري گڏ ٿي نٿي وڃي، تيستائين حيض اچڻ جي اهڙي سلسلي ۾ دير پوندي رهي ٿي. اهوئي سبب آهي جو نہ رڳو سنهين سيپڪڙين ڇوڪرين ۾ پر اهي جيڪي بئلٽ ڊانسر هونديون آهن نہ رڳو سنهڙيون ٿين، پر گهٽي ڪسرت پڻ ڪنديون رهن ٿيون، جنهن سبب کين پهريون حيض دير سان اچي ٿو. هيٺ ان سراسري عمر جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جن ۾ ڇوڪرين ۾ ڪي تبديليون پيدا ٿين ٿيون:

9 کان 10 سال: ڍونڪريءَ وارو هڏو، واڌ ڪائڻ شروع ڪريٿو ۽ عورتاڻي ڊول جو ٿي وڃي ٿو. جسم ۾ چربي گڏ ٿيڻ لڳي ٿي۽منجهس ان مطابق تبديلي اچي عورت جي ڊول کي وڏيڪ مستحڪم ڪري ڇڏي ٿي.

10 کان 11 سال : ارهن جو ٻنڊيون اڀرن ٿيون، ٻنڊين جي سائيز ۾ واڌارو اچي ٿو ۽ نهائئين تي وار اڀرڻ شروع ڪن ٿا.

11 کان 13 سال : ٻنڊين جي هيٺيان واري ايراضيءَ ۾ واڌ اچڻ لڳي ٿي اندريان جنمي ۽ ٻاهريان جنسي عضوا نسرڻ ۽ واڌ ڪائڻ لڳن ٿا. يونيءَ جون پتيون ٿلهيون ٿي وڃن ٿيون ۽ ممڪن هوندو آهي تہ يونيءَ جون رتوبتون خارج ٿيڻ لڳن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

12 ڪان 14 سال : اُرهن جي وڌيڪ واڌ ٿئي ٿي ۽ ڄنگهن جو رنگ وڌيڪ گهرو ٿي ويندو.
13 ڪان 15 سال : نهائين تي گهٽا وار اڀري اچن ٿا ۽ ڪڇن وارا به ظاهر ٿيڻ لڳن ٿا. ان عمر ۾ اٽڪل ڇوڪرين جي اڌ تعداد ۾ منهن تي موهيڙا پيدا ٿيڻ لڳن ٿا. پهريون پيرو حيض اچي ٿو. پهريان چند حيض، بي قاعدگيءَ سان اچن ٿا.
15 ڪان 17 سال : ارهن ۽ چتڙن تي وڌيڪ چربي گڏ ٿيڻ لڳي ٿي ۽ ماهواري باقاعدگيءَ سان اچڻ لڳي ٿي.
16 ڪان 18 سال : هڏائين پڃري جي وڌيڪ واڌ ٿيڻ بند ٿي وڃي ٿي ۽ ڇوڪري پنهنجي قد جي انتها کي پهچي وڃي ٿي.

حيض اچڻ (Mensutration)

شروعات ۾ حيض اچڻ جي ابتدا بي قاعدگيءَ سان ٿئي ٿي ۽ پوءِ جيئن جيئن وقت گذرندو وڃي ٿو تيئن تيئن حيض اچڻ جو اهڙو سلسلو به باقاعدي ٿيندو وڃي ٿو. اٽڪل 4 ڪان 6 سالن اندر (يعني تہ پهرين حيض اچڻ کان پوءِ عمر جي لحاظ کان 17 ڪان 19 سال) ڇوڪريءَ جي ماهواريءَ وارو عمل بلڪل قائم ٿي وڃي ٿو. هر عورت ۾ حيض اچڻ جو اهڙو عمل پنهنجيءَ نوعيت جو ٿي سگهي ٿو، جڏهن تہ گهڻي ڀاڱي عورتن کي 45 سالن تائين (سواءِ ڳوڙهارپ واري عرصي جي)ماهواري ايندي رهي ٿي. ان عمر کانپوءِ اها وري آهستي آهستي بي باقاعدي ٿي وڃي ٿي. سهوليت خاطر، ماهواريءَ جي وقت جو ڪاٿو هيئن ڪيو ويندو آهي تہ: ماهواري جي ڳٽپ جي شروعات، ماهواري جي پهرئين ڏينهن کان ڪئي ويندي آهي، يعني تہ جنهن ڏينهن تي اها ايندي آهي. (پهريون ڏينهن) ۽ ٻيءَ ماهواري اچڻ جي پهرئين ڏينهن کان هڪ ڏينهن اڳ، تائين ڪئي ويندي آهي. ائين ماهواري جي ڏينهن ۾ نہ رڳو اهي ڏينهن شمار ڪيا ويندا آهن، جن ڏينهن تي رت ايندي رهندي آهي، پر انهن ڏينهن جي بہ ڳٽپ ڪئي ويندي آهي، جيڪي ٻن ماهوارين جي وچوارا هوندا آهن. گهڻين عورتن جي ماهواري 22 کان 35 ڏينهن جي هوندي آهي، جڏهن تہ سراسري طور تي اها 29 ڏينهن جي ٿئي. ساماڻجڻ وقت جيستائين ڪ اهڙو سلسلو باقاعدگيءَ سان شروع ٿئي، حيض بي قاعدگيءَ، وقفي وقفي سان ايندو آهي ۽ عام رواجي حالتن جي ابتڙ ڊگهي عرصي وارو هوندو آهي، ورلي اهو گهڻو جلد جلد بہ ٿي سگهي ٿو. پهرئين حيض اچڻ جي پهرئين سال يا ٻن کانپوءِ، اهو بہ ممڪن هوندو آهي تہ سال ۾ حيض رڳو ٻہ يا ٽي پيرا اچي ۽ جڏهن ايندو آهي تہ، گهڻي مقدار ۾ هوندو آهي جيڪو پوءِ اوير يا سوير باقاعدگيءَ سان اچڻ لڳندو آهي.

ماهواري (The Menstrual cycle)

عام طور تي چيو ويندو آهي تہ ماهواري ڦيرڻ جو روٽڻ آهي ڇاڪاڻ تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءِ "گرڀوتي ٿي نٿي سگهي". جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي تہ ماهواريءَ ۾ رت اچڻ، نتيجو هوندو آهي ٻچيرڻ جي استر جي ٽٽڻ ۽ نيڪال ٿيڻ جو ۽ اهڙو سلسليوار عمل تڏهن پيدا ٿئي ٿو جڏهن ٻچيرڻ ان ڳالهہ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿي تہ اها ٻوڪيل آني کي پنهنجو ڪري حامل ٿي سگهي، پر جڏهن حمل ٿي نہ سگهندو آهي تڏهن اهڙو تيار ٿيل استر ٻچيرڻ مان نيڪال ٿي وڃي ٿو ۽ سندس تياريءَ وٺڻ جو اهڙو سڄو سلسلو نئين سر تيار ٿيڻ لڳي ٿو. اهڙي سلسليوار عمل پيدا ڪرائڻ جو رڳو ۽ رڳو ذميوار هائيپوٿيلامس آهي ۽ مغز جي هن حصي تي جذبن ۽ چنتائن جو بہ اثر پوندڙ هوندو آهي، جنهن جو ثبوت هن ڳالهہ مان ملي سگهيٿو تہ جڏهن ڪا ڇوڪري پنهنجو گهر ڇڏيندي، ڏنڊو/ نوڪري بدلائيندي يا جڏهن ڪنهن سنگين قسم جي جذباتي ردعمل جو شڪار ٿيندي آهي، تڏهن ممڪن هوندو آهي تہ سندس حيض اچڻ بند ٿي وڃي. حيض اچڻ ڪيتري وقت لاءِ بند ٿي وڃي ٿو، اهو گهٽ وڌ بہ ٿي سگهي ٿو، جڏهن تہ عام طور تي وري حيض اچڻ جي شروعات ٻن ٽن مهينن اندر ٿي ويندي آهي. ورلي ائين بہ ٿيندو آهي تہ ڪيترين عورتن کي سال تائين حيض اچي نہ سگهندو آهي. عام طورتي اهڙي حيض نہ اچڻ جو سبب، جيئن عام طور تي سمجهيو ويندو آهي ڪا بيماري وغيره نہ هوندي آهي. عام طور تي اهو بہ هڪ خيال پيش ڪيو ويندو آهي تہ حيض اچڻ معنيٰ جسم جي صفائي آهي، جيڪو هڪ اجايو خيال آهي. ساڳئي وقت جڏهن حيض نہ ايندو هجي تہ انجو اهو مطلب بہ سمجهڻ نہ گهرجي تہ ڪو، هاجيڪار/ زهريلو مادو جسم ۾ گڏ ٿي وڃيٿو. اهو سمجهڻ لاءِ تہ ماهواري ڪيئن ٿي اچي؟ بهتر ٿيندو تہ اهڙي مختصر وضاحت حيض اچڻ جي ڏينهن ڪان ڪئي وڃي ۽ اهو ڏنو وڃي تہ وري نئين سر، ايندڙ ماهواري تائين جسم ۾ ڪهڙيون تبديليون پيدا ٿين ٿيون.

ماهواريءَ دوران هائيپوٿيلامس، گوناڊوٽرافن رليزنگ هارمون جو ڪجهہ مقدار خارج ڪريٿو، جنهن سبب ف.ا.هہ پيدا ٿين ٿا. رت ۾ ف.ا.هہ جو مقدار وڌي وڃيٿو ۽ آنيدانين ۾ فولائيڪلن جي ڪجهہ تعداد کي متحرڪ ڪريٿو. اهي فولائيڪل واڌ ڪائين ٿا ۽ جيئن جيئن واڌ ڪائين ٿا، تيئن تيئن ايسٽروجن هارمون بہ پيدا ڪرڻ لڳن ٿا، ائين هن عورتاڻي جنسي هارمون جو رت ۾ مقدار وڌڻ لڳي ٿو، جيئن اڳ ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ هن هارمون جا جسم جي جنسي عضون جي سيلن تي ڪيترائي اثر پيدا ٿين ٿا، جڏهن تہ اهڙو هڪڙو اثر جنهن سان اسانجي هتي دلچسپي آهي، اهو آهي سندس ٻچيرڻ جي استر تي مخصوص اثر. ايسٽروجن هارمون جو ڪم ٻچيرڻ جي استر کي متحرڪ ڪرڻ هوندو آهي، ماهواريءَ جي آخر تائين، ٻچيرڻ جو استر گهٽي پاڳي ٿئي، ڳري رت سان ملي حيض جي صورت ۾ نيڪال ٿي وڃيٿو. ٻچيرڻ جي استر ۾ ڪيترين ئي ننڍڙين پتڪڙيون رت نليون ٿين، جنکي ايندو ميٽريل غدود (endometrial glands) سڏجي، اهي غدود ڪيترن ئي تهن جي صورت ۾ سٽيل هوندا آهن، جنکي ايندوميٽريل اسٽرومل سيل (endometrial stromal cells) سڏجي. ايسٽروجن هارمون انهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غدودن جي واڌ ڪرائي ٿو ۽ اسٽرومل سيل وڌي گهڻا ٿي وڃن ٿا. اهڙيءَ واڌ سبب ڳپيرڻ ۾ بہ تبديليون اچن ٿيون ۽ ڳپيرڻ ۾ پيدا ٿيندڙ اهڙيءَ واڌ کي، ماهواريءَ جي واڌ وارو دور (proliferative phase) سڏبو آهي. فولائيڪلن جي واڌ ڪائڻ سبب رت ۾ ايسٽروجن هارمونن جو مقدار بہ وڌڻ لڳي ٿو ۽ ائين ماهواري شروع ٿيڻ جي 13 ڏينهن تي ان جو مقدار چهوٽو ٿي وڃيٿو. هارمونن جي اهڙي مقدار جو هائيپوٿيلامس تي ابتو اثر پويٿو، جنهن سبب سندس ف.ا.هہ جي پيداوار گهٽجي وڃي ٿي تہ، هائيپوٿيلامس وري هڪ ٻيو هارمون، ايل ايچ (L.H) رليزنگ هارمون خارج ڪرڻ شروع ڪريٿو، اهو هارمون انهن رت نلين رستي نيو ويندو آهي جيڪي هائيپوٿيلامس کي پٽيوٽريءَ سان ڳنڍيل رکن ٿيون، پٽيوٽريءَ ۾ پهچڻ ڪانپوءِ، اتي جا ڪي مخصوص سيل هڪ نئون هارمون، ليوٽينائيزنگ هارمون يا ل.هہ (L.H) خارج ڪن ٿا. هن هارمون کي ليوٽينائيزنگ ان سبب سڏجي جو سندس ڪم ڪنهن بہ هڪ فولائيڪل کي چوڪ ڏيئي منجهانئس آنو خارج ڪرائڻ هوندو آهي. انهي جي خارج ٿي وڃڻ ڪانپوءِ، خالي رهجي ويل فولائيڪل جو سيل، ڪليل پيلي رنگ ۾ بدلجي وڃيٿو. جيئن تہ لئٽن ٻوليءَ ۾ ڦڪي لاءِ ليوٽس (luteus) جو لفظ استعمال ٿئي ٿو، انڪري هن هارمون کي ليوٽينائيزنگ يا پيلو ڪندڙ هارمون سڏبو آهي. حيض شروع ٿيڻ جي 14 ڏينهن تي ليوٽينائيزنگ هارمون جي هڪ اوچتي گوهي جي سير، رت جي گردشي سرشتي ۾ پيدا ٿئي ٿي، جيڪا آنيدانين ۾ پهچي فولائيڪل جي انهيءَ سيل کي چوڪ ڏئي ٿي جنهن جو آنو وڌ ۾ وڌ نسري آيل هجي، اهو پوءِ ائين مٿي اڀري اچي ٿو جڻ تہ سختيءَ سان ڦوڪيل ڪو ننڍڙو ڦوڪڻو هجي. واڌ دوران اها مخصوص فولائيڪل، سڄي آنيدانيءَ مان مٿي اڀري مٿاڇري تي ڏسڻ ۾ لڦ جيان اچي ٿي.

ليوٽينائيزنگ هارمون جي اوچتي اثر سب فولائيڪل ڦسي آني کي ڌڪي ٻاهر ڪيدي ٿي، جنهن سان گڏ ڪجهہ پاڻيٺ بہ خارج ٿئي ٿي، جنهن ۾ آنو چنبڙيل هوندو آهي. اهو پوءِ فيلوپين نليءَ جي آگرين جهڙن اڀارن ۾ جيڪي انوقت آنيدانيءَ جي بلڪل مٿان هوندا آهن، ڇهٽي وڃي ٿو ۽ آهستي آهستي فيلوپين نليءَ ۾ اڳتي هلڻ شروع ڪريٿو. پوءِ جيڪڏهن آنو ٻوڪجڻو هوندو تہ اتي ٻوڪجي پوندو آهي.

هڪ دفعو جڏهن آنو خارج ٿي وڃي ٿو تہ انجي خالي ڦٽل فولائيڪل، سسي ڪرمائجي وڃي ٿي، جنهن جي پٺيان تي ليوٽيائيزنگ جو اهو اثر پويٿو جو اهو پيلو ٿي وڃي ٿو. اهڙي ڪرماڻيل فولائيڪل کي ڦڪوجسم يا طبي ٻوليءَ ۾ ڪارپس ليوٽم (corpus luteum)سڏبو آهي. ڪارپس ليوٽم جي سيلن جي رنگ ۾ ڦيري اچڻ جو مطلب هوندو آهي تہ سندس ڪارج ۾ ڦيرو اچي ويو آهي. (ٻين متحرڪ ٿيل فولائيڪلن جو پڻ جيڪي جلد واڌ ڪائي نہ سگهيا هيا) هاڻ انهن سيلن جو ڪم نہ رڳو ايسٽروجن هارمون پر ساڳئي وقت هڪ نئون هارمون بہ خارج ڪرڻ هوندو آهي. اهڙي نئين هارمون کي پروجيسٽيران (progesterone) سڏجي هن هارمون تي پروجيسٽيران جو نالو انڪري پيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي جو سندس ڪم ڳپيرڻ کي حمل (progestos) لاءِ تيار ڪرڻ ٿئي. عورت جيڪي جنسي هارمون پيدا ڪريٿي، انهن ۾ پروجيسٽيران ٻئي نمبر تي مکيہ جنسي هارمون آهي. هن هارمون جا ڪيترائي مکيہ ڪم ٿين. جن مان ڪي هي آهن: تابعدار (involuntary) مشڪن کي ماٺو رکڻ، چمڙيءَ جي سٽي جهڙي مادن کي خارج ڪرڻ ۽ جسم جو ٽمپريچر بہ وڌائي ڇڏڻ. اهوئي سبب آهي جو ماهواريءَ جي پوئين اڌ ۾ جڏهن عورتن جي جسم جو ٽمپريچر، عام رواجي ٽمپريچر کان وڌيڪ يعني 37.4°C هوندو آهي تڏهن بہ اهو سندس لاءِ نارمل ٿئي.

پروجيسٽيران جوسڀ کان اهم ۽ مکيہ اثر ڳپيرڻ تي هوندو آهي، جو ان سبب ڳپيرڻ جو استر سہر ٿي وڃي ٿو، ڳپيرڻ جي غدودن کي ان ڳالهہ لاءِ متحرڪ ڪري ٿو تہ اهي غذائي رسون پيدا ڪن ۽ ڳردار ٿي وڃن تہ جيئن اهڙين حالتن ۾ جڏهن پوڪيل آنو سندس استر سان اچي لڳي تہ ڪيس گهربل غذا ملندي رهي. ماهواريءَ جي ٻئي حصي کي، جڏهن آنو نسري اچي ٿو (آنجڻ) تہ انکي ليوٽيل يا پروجيسٽيشنل يعني حمل وارو دور (progestational phase) سڏيو ويندو آهي.



ماهواريءَ دوران اينڊوميٽريم جون چار مختلف حالتون ڏيکاريل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن آنو ٻوڪجي، ٻڪيرڻ سان لڳي نٿو سگهي ته اهڙين حالتن ۾ آنيدانيءَ جو پيلو حصو ختم ٿي وڃي ٿو (ائين ٻيا متحرڪ ٽيل فولائيڪل به ختم ٿي وڃن ٿا)، اهڙين حالتن ۾ رت ۾ ايسٽروجن ۽ پروجيسٽيران جو مقدار گھٽجي وڃي ٿو، جنهن جا ٻه اثر پيدا ٿين ٿا: (1) هائيپو ٿيلامس غدود جي گ-ر-هه تي وڌيڪ جهل نٿي رهي ۽ پٽيوٽري غدود، ف-ا-هه گھٽي مقدار ۾ خارج ڪرڻ شروع ڪري ٿو. (2) ايسٽروجن ۽ پروجيسٽيران جي تحرڪ بنان ئي ٻڪيرڻ جو نئون، ٿلهو ۽ غذائيت سان ڀرپور استر ڪومائجڻ شروع ڪري ٿو ۽ ڪومائجڻ وقت، سندس اهي سنهيون رت نليون، جيڪي ڪيس رت پهچائينديون رهن ٿيون، ڪوئجڻ شروع ڪري ٽٽي ڀُري وڃن ٿيون، جنهن سبب استر جي اونهن تهن ۾ رت هير (رت وهڻ) ٿيڻ لڳي ٿي. ان سبب مٿيون ٻاهريون حصو ٽٽڻ لڳي ٿو ۽ ڇڄي ڌار ٿي ٻڪيرڻ جي پاندي ۾ ڪرڻ لڳي ٿو. ان سان گڏ رت ۽ اها پاٽيٽ پڻ هوندي آهي، جيڪا اينڊوميٽريم مان سمي اچي ٻڪيرڻ ۾ پوندي آهي. هن وقت جيڪا رت خارج ٿيڻ لڳندي آهي، سا حيض ۾ خارج ٿيڻ واري رت جو اڌ يا ٽين پتي هوندي آهي. جڏهن ته انڪانپوءِ، چند ڪلاڪ اندر ٻڪيرڻ ۾ ايتري رت خارج ٿيڻ لڳندي آهي جو ان سبب اها ڳهڻ رستي يونيءَ ۾ اچي پوندي آهي ۽ ائين حيض اچڻ شروع ٿي ويندو آهي.

گھٽين ڇوڪرين کي حيض بابت ڄاڻ مائر مهيا ڪنديون آهن. جڏهن ته ڪيتريون مائر اهڙيون به هونديون آهن،جن کي پاڻ به حيض بابت گھٽي سڌ نه هوندي آهي يا جڏهن سندن ڌيئرن کي پهريون ڀيرو حيض ايندو آهي ته هو کين ان بابت اصلي حقيقتن کان آگاهه ڪرڻ نه چاهينديون آهن. جنهن جو نتيجو هي نڪرندو آهي ته ڪيتريون ڇوڪريون اهوئي پائينديون آهن ته اها ڪا خطرناڪ ڳالهه آهي. جنهن ڪري کين حيض بابت اجايا وهم ۽ گمان پيدا ٿيندا آهن ۽ پائينديون آهن ته کين ڪا بيماري ٿي پيئي آهي، خاص طور تي جڏهن اهڙن ڏينهن ۾ هوءَ چيڙاڪ ٿي پيئي هجي يا ساٽائي محسوس ڪندي هجي. ائين هو پريشان رهنديون آهن.

ماهواريءَ جو مختصر هيئين طرح سان ذڪر ڪري سگهجي ٿو:

عورت جي سڄيءَ جنمي زندگيءَ ۾ يعني ته زندگيءَ جا اهي سال جڏهن هوءَ اميد سان ٿي سگهي ٿي، سندس جنمي عضون ۾، هر مهيني ڪي لاڳيتون تبديليون پيدا ٿينديون رهن ٿيون. جن جي نشاندهي سندس ٻڪيرڻ مان رت جي نيڪال ٿيڻ جي صورت ۾ ٿيندي آهي، جيڪا چئن يا پنجن ڏينهن تائين ايندي آهي، اهڙي ماهوار عمل کي، ماهواري سڏجي ٿو.

ماهواري جنمي سرشتي جي آنيدانين جي اثر هيٺ رهي ٿي. ماهواري جي شروعات ۾ يعني ته حيض اچڻ جي اٽڪل پهرئين ڏينهن تي، آنيدانين جي فولائيڪلن جا ڪي مخصوص سيل ۽ منجهس موجود آنو، آهستي آهستي وڌي، آنيدانيءَ جي مٿاڇري تي نسري اچي ٿو. اٽڪل 14 ڏينهن تي اهو فولائيڪل ڦسي پوي ٿو ۽ آنو ٻاهر نڪري فيلوپين نليءَ ۾ داخل ٿي پنهنجو سفر ٻڪيرڻ ڏانهن شروع ڪري ٿو. فولائيڪل جي ڦسڻ کانپوءِ سڪٽي تي ويل ان فولائيڪل ۾ ڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تبديليون اچڻ ڪري ٿيون ۽ پروجيسٽيران هارمون پيدا ڪرڻ شروع ڪري ٿي. هن هارمون جو اثر ڳڀيرڻ تي پوي ٿو. جنهن سبب ڳڀيرڻ جو استر سڀر ٿي ان لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو ته اهو، ٻوڪيل آني کي پاڻ سان چهٽائي سگهي، بشرطيڪ اهو آنو ٻوڪجي سگهيو هجي. ماهواريءَ جي ان سلسلي ۾، اهڙو عمل 28 ڏينهن تي عروج تي پهچي وڃي ٿو. اهڙين حالتن ۾ جڏهن آنو ٻوڪجي نٿو سگهي، تڏهن ڳڀيرڻ جو استر ڳري، حيض جي صورت ۾ نيڪال ٿي وڃي ٿو جنهن ۾ رت ڪانسواءِ منجهس اڻٻوڪيل آنو به هوندو آهي. ائين هر مهيني ماهواري وارجائبي رهي ٿي. پر جي آنو ٻوڪجي وڃي ٿو ته اهو ڳڀيرڻ جي استر سان چهٽي وڌڻ ويجهڻ شروع ڪري ٿو. ساڳئي وقت اها ڳالهه به ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته آنجڻ واري عمل ڪانپوءِ آني جو فيلوپين نليءَ ۾ داخل ٿيڻ، ماهواريءَ جي اٽڪل 14 ڏينهن تي عمل ۾ اچي ٿو ۽ اهوئي آني جي ٻوڪجڻ جو بهترين وقت سمجهيو ويندو آهي.

اٽڪل هر مهيني جي 28 ڏينهن تي، 12 سالن جي عمر کانوٺي 45 سالن جي ڄمار تائين عورت کي حيض ايندو رهندو آهي، جنهن ۾ رت ۽ ڳڀيرڻ جو استر يونيءَ رستي جسم کان ٻاهر خارج ٿي وڃي ٿو. اهو به ممڪن هوندو آهي ته، حيض شروع ٿيڻ کان اڳ يا ان سان گڏو گڏ ڪي ٻيا اهڃاڻ به پيدا ٿي پون جهڙوڪ: مٿي جو سور ۽ اوڪارا وغيره جيڪي ان ڳالهه جا اهڃاڻ هوندا آهن ته معمول مطابق عورت جو آنو تيار ٿي رهيو آهي ۽ عورت جي جسم ۾ هارموني تبديليون به پيدا ٿي رهيون آهن. ائين ساماٿجڻ کانوٺي سنڌ ٿيڻ (menopause) تائين عورت کي حيض ايندو رهي ٿو.

عام عورتي حيض لاءِ عجيب غريب خيال ۽ ڏند ڪٿائون پيش ڪيون وينديون آهن ۽ اهڙو سلسلو قديم دور کان وٺي اڄ تائين ڪيترين تهذيبن ۾ هلندو اچي. ماڻهو پائيندا آهن ته اهڙي عورت جيڪا حيض ۾ هجي تنهن جي هٿ لائڻ سان کير ڦٽي، ڪاڌو پليت ٿي وڃي ٿو، فصلن کي نقصان رسي ٿو ۽ ڍڳا جانور به ٿيجي پون ٿا. ڪٿي ڪٿي ته اهڙين عورتن کي باقي سماج کان الڳ ڪري ويران جاين ۾ رهايو ويندو آهي. اڄ جي ماڊرن دور ۾ به ڪن سوسائٽين ۾، اهڙن وسوسن وارا ماڻهو موجود آهن. جڏهن ته سائنسي لحاظ کان اهي سڀ اجايون ڳالهيون آهن. جو ته جديد کوجنائن ڪانپوءِ ظاهر ٿيو آهي ته اهڙي عورت جيڪا حيض ۾ هجي اها وهنجي تري، پنهنجا وار ڌوئي ۽ جيڪڏهن چاهي ته سنيوڳ به ڪري سگهي ٿي.

جڏهن حيض سبب ڪي پيچيدگيون پيدا ٿينديون هجن ته انهن جا ڪي اهڃاڻ پيدا ٿيندا آهن جهڙوڪ: مٿي، پنيءَ جو سور، اوڪارا، ارهن جو ڏکڻ، نفسياتي دٻاءُ ۽ ڊپريشن وغيره. عام طورتي اهڙيون نشانيون حيض شروع ٿيڻ کان هفتو کن اڳ شروع ٿي سگهنديون آهن. جڏهن ته ڪن عورتن ۾ حيض جي شروعات کان اڳ اهڙيون نشانيون پيدا ٿي نه سگهنديون آهن.

حيض نه اچڻ (Amenorrhea)

حيض نه اچڻ جا به سبب ٿي سگهن ٿا. (1) ابتدائي (primary) ۽ (2)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ثانوي (secondary). ابتدائي آمينوريا اها حالت آهي جڏهن ڪڏهن به حيض نه آيو هجي. جنهن جا ڪيترائي ڪارڻ ٿي سگهن ٿا. جهڙوڪ: ڳپيرڻ يا آنيدانيـن جي اڻپوري واڌ، رت جي پوٽائي (anaemia)، ورلي فـرج جي سـوزش يـا اينڊوڪرائين غدودن جي پيداوار ۾ گڙٻڙ به ٿي سگهي ٿي.

ثانوي آمينوريا، انهن عورتن ۾ پيدا ٿيندي آهي، جنکي هونئن تـه حيض ايندو رهندو آهي پر ڪن ڪارڻن سبب اهو بند ٿي ويندو آهي. جهڙوڪ: حمل سبب عورتن کي حيض نه ايندو آهي ۽ ورلي تبستائين شروع ٿي نه سگهندو آهي، جيستائين ڪ ويم کي ڪجهه هفتا نتا گذرن. خاص طورتي تڏهن، جڏهن اهڙي عورت ٻار کي ڌڪ ڌارائيندي رهي. انکانسواءِ ڪن جذباتي پاون جهڙوڪ: سڪتي (شاڪ)، پور، سفر، ڪنهن ڌباءَ، ڌپ، رت جي پوٽائيءَ ۽ اينڊوڪرائين غدودن جي بي ترتيب عمل سبب به ائين ٿي سگهندو آهي.

حيض تڪليف سان اچڻ (Dysmenorrhea)

هن حالت ۾ حيض تڪليف سان ايندو آهي. هيءَ تڪليف ٻن قسمن جي ٿي سگهي ٿين (1) اها حالت جڏهن، حيض شروع ٿيڻ سان سور پيدا ٿيندو هجي. جنهن جو سبب ڳپيرڻ ۾ ڳيڙيون پوڻ، ڳپيرڻ جي ڳٽ، هارمونن جو غير متوازن هجڻ يا ڪي جذباتي ڳالهيون به ٿي سگهن ٿيون. (2) اهي عورتون جن کي اڳ ۾ ڪڏهن به اهڙو سور نه ٿيو هجي. هن سور جي پيدا ٿيڻ جا ڪارڻ، ڪيترا ئي زنانا روڳ ٿي سگهن ٿا. اهڙو سور جڏهن لاڳيتو رهندڙ هجي، تڏهن ڪي مخصوص تپاسون ڪيون وينديون آهن.

حيض گهٽو اچڻ (Metorrhagea)

هيءَ اها حالت آهي جڏهن ڳپيرڻ مان بي قاعدگيءَ سان رت ايندي رهندي آهي. هن روڳ جي ٽن قسمن ۾ درجيبندي ڪري سگهجي ٿي. (1) حيض ۾ گهٽي مقدار ۾ رت خارج ٿيندي رهي يا جڏهن حيض ڊگهي وقت تائين هلندو هجي، تڏهن اهڙي عورت رت جي پوٽائيءَ جو شڪار ٿي ويندي آهي. جنهن جو علاج اهڙا ڪاڌا کائڻ هوندا آهن، جن سان رت جي پوٽائيءَ جي کوٽ کي پورو ڪري سگهجي. (2) حيض جي وچواري عرصي ۾ بي وقتائتي رت اچڻ. هن حالت جي پيدا ٿيڻ جو هڪ عام سبب هارمونن جي پيداوار جو بي ترتيب ٿي وڃڻ هوندو آهي ته اهو ڪنهن ٽيومر (ڳوڙهيءَ) جو ڳپيرڻ ۾ هجڻ جي نشاني به ٿي سگهي ٿي. (3) اها حالت جڏهن، سنڍ ٿيڻ کانپوءِ به رت ايندي هجي.

سنڍ ٿي وڃڻ (Menopause)

عورت جي حياتيءَ جو اهو دور جڏهن ڪيس حيض اچڻ هميشه لاءِ بند ٿي وڃي ته اهڙيءَ حالت کي سنڍ ٿي وڃڻ سڏبو آهي. عام طورتي عورت 45 کان 50 سالن جي عمر ۾ سنڍ ٿي، منجهانئس هميشه لاءِ ٻار ڄڻ جي سگهه ختم ٿي وڃي

ٿي. اهڙو وقت ڪجهه اڳ يا پوءِ به اچي سگهي ٿو جنهن جو وڏيڪ مدار اڳيڪ (موروثي ڳالهين) تي پڻ مدار رکندڙ هوندو آهي. عام طور تي اهوئي ڏٺو ويو آهي ته جن عورتن کي حيض اچڻ جي شروعات سوير ٿئي ٿي، سي سنڌي دير سان ٿين ٿيون. ورلي اهو به ممڪن هوندو آهي ته سنڌ ٿيڻ جو عمل، عمر جي چوٿين ڏهاڪي ۾ ئي شروع ٿي وڃي، يعني ته وقت کان اڳي سنڌ ٿي وڃڻ به ڪا غير معمولي ڳالهه نه هوندي آهي.

عام طورتي سنڌ ٿيڻ واري عمل جي شروعات هيٺين طرح سان ٿئي ٿي:

1- جڏهن حيض اچڻ هڪدم بند ٿي وڃي ۽ وري ڪڏهن به نه اچي.

2- ماهواريءَ جو اهڙو مقدار آهستي آهستي ٿي گهٽبو وڃي ۽ پوءِ اهو هميشه لاءِ بند ٿي وڃي ۽

3- ايندڙ حيض ڪيترن مهينن تائين لاڳيتو ايندو رهي ۽ پوءِ هميشه لاءِ بند ٿي وڃي.

سنڌ ٿيڻ جي عمل جي پيدا ٿيڻ جو سبب آنيدانين جي ڪم ۾ تبديلي اچڻ هوندي آهي، جنهن جا جسم ۾ ڪيترائي اثر پيدا ٿين ٿا جهڙوڪ : جنسي عضوا سوڪهڙو ڪائڻ شروع ڪن ٿا، جنهن سبب ارهه سسڻ ۽ يوني خشڪ ٿي ويندي آهي جو ان جون رتوبتون خارج ٿيڻ بند ٿي وينديون آهن. جنهن ڪري سنيوڳ دوران، درد پيدا ٿيندو آهي ۽ بيمارين سان مقابلي ڪرڻ جي قوت گهٽجي ويندي آهي.

جيئن ته عمر جي هن عرصي دوران، جسم جي هارمونن جي توازن ۾ تبديلي ٿيڻ لڳندي آهي، تنهنڪري جسم ۾ وڌيڪ چربي گڏ ٿيڻ، چمڙي گهنججڻ ۽ منهن تي وار پيدا ٿيڻ لڳندا آهن. انڪانسواءِ اهو به ممڪن هوندو آهي ته متي جو سور، چڙ ۽ اداسائپ جهڙيون ڳالهيون پيدا ٿي سگهن. گهڻي ڀاڱي، عورتن ۾ اهڙا هارمون وري آهستي آهستي متوازن ٿي وري ٺيڪ ٿي ويندا آهن، عورتون چڱيلائيءَ واريءَ حالت ۾ اچي وينديون آهن ۽ سنيوڳ ڪرڻ جي خواهش پيدا ٿيڻ لڳندي آهي. ڪيتريون عورتون اهڙيون به هونديون آهن جيڪي، سنڌائپ واري وقت کي پنهنجيءَ زندگيءَ جو بهترين وقت سڏينديون آهن.

آني جو ٻوڪجڻ- زندگيءَ جي شروعات:

عام طور تي آنو، ڪنهن به هڪ فيلوپين نليءَ جي آخري ٽئين حصي ۾ ٻوڪبو آهي. (ٻوڪجڻ= جڏهن مرد جو تخمي جيو، عورت جي آني ۾ گهڙي واڌ ڪرڻ لڳي). آنو، آنيدانيءَ مان نسرجي /انڳورجي ڪرڻ ڪانپوءِ، فيلوپين نليءَ جي ڪيف ۾ سندس آگر جهڙن اڀارن جي مدد سان نليءَ ۾ داخل ٿيندو آهي ۽ پوءِ نليءَ ۾ هلندو ويندو آهي. ڪيس اڳتي هلڻ ۾ نليءَ جي مشڪائين ڪوءَ ته منجهس وارن جهڙا اڀار به مدد ڪندا آهن. ٻوڪجڻ کان اڳ سندس اهڙو سفر نسبتاً سست هوندو آهي.

تخمي جيون جو سفر، آني جي بلڪل ابتڙ ۽ ڏگهو ٿئي، جو ڪين اهڙو سفر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيئنان يعني، يونيءَ کان شروع ڪرڻو پوندو آهي. جنهن ۾ ڪيس ڳهڻ جي نالي ٽپي، ڳپيرڻ مان ٽپندو، انهيءَ ہواٽي مان ورڻو پوندو آهي، جيڪو ڳپيرڻ ۽ فيلوپين نليءَ کي ڳنڍي ٿو. ڪيس ذري گهٽ سڄي فيلوپين نلي لتاڙي آخر ۾ آني تائين پهچڻو پوندو آهي. تخمي جيون جي پنهنجي، قدبت (سائيز) جي پيٽ ۾ اهڙو سفر ۽ پنڌ ڪائنات هزارين پيرا ڊگهو ۽ ڳوڙهو هوندو آهي تنهن هوندي بہ ڪين اهڙو ڪشالو ڪڍڻو پوندو آهي. تخمي جيو ڪي جيئن تہ ڦڙڪندڙ پڇ بہ ٿئي، تنهنڪري 17صدي ع جا ماهر پائيندا هيا تہ تخمي جيو آني تائين تري پهچن ٿا. پر تازين ڦولهائن مان ڏٺو ويو آهي تہ جڏهن تخمي جيو اهو سفر، اهڙيءَ ريت ٿي چو نہ ڪندا هجن، تڏهن بہ ڪين آني تائين پهچڻ ۾ 12 کان 24 ڪلاڪن تائين وقت لڳي وڃي ٿو. جڏهن تہ ان خيال جي ابتڙ پنهنجي سفر دوران، اهي ڪڏهن ترندا ويندا آهن تہ ڪڏهن ائين نيا ويندا آهن. اهي جڏهن ڳهڻ ۾ پهچندا آهن، جا لعابي استر سان ڍڪيل هوندي آهي تڏهن، اهو حصو پنهنجيءَ مڙسيءَ سان اڪلائي ڳپيرڻ ۾ پهچندا آهن. ڳپيرڻ ٽپڻ لاءِ ڳپيرڻ جون مشڪائيون لهرون ڪين اڳتي ڌڪي چڏينديون آهن. فيلوپين نليءَ ۾ گهڙڻ لاءِ وري بہ ڪين پنهنجيءَ مڙسي کان ڪم وٺڻو پوندو آهي، پر هڪ دفعو جڏهن فيلوپين نليءَ ۾ پهچي ويندا آهن تہ پوءِ انهن نلين جا اندريان وارن جهڙا اپار، جيڪي سدائين لهرائبا رهندا آهن، ڪين آني تائين ڌڪڻ ۽ پهچائڻ ۾ مددگار ٿيندا آهن جيئن تہ تخمي جيون لاءِ اهڙو سفر ۽ پنڌ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي تنهنڪري انهيءَ ويساه ڪرڻ ۾ ڪوبہ عجب ناهي تہ چو رڳو ڪجهہ تخمي جيو اوسيتائين پهچي سگهندا آهن. جيتوڻيڪ انزال وقت يونيءَ ۾ خارج ٿيندڙ تخمي جيون جو تعداد ڪروڙن ۾ هوندو آهي، پر تنهن هوندي بہ اهو ٻڌائڻ تہ انهن مان ڪيترا ڳپيرڻ ۾ پهچندا هوندا ڏکيو آهي. جڏهن تہ تلهي ليکي اهي ڏهہ لک کن ٿيندا. اهوئي سبب آهي جو مرد ماڻهو ڪروڙين تخمي جيو پيدا ڪري ٿو. جن مان هزار کن وڃي فيلوپين نليءَ ۾ پهچن ٿا ۽ آخر آني تائين پهچندي پهچندي، انهن جو تعداد آڱرين تي ڳڻڻ جيترو وڃي رهي ٿو. باقي تخمي جيون لاءِ پانيو ويندو آهي تہ انهن مان ڪيترا يونيءَ کان ٻاهر ڪسڪي ويندا هوندا تہ ڪي، ڳپيرڻ ۾ پهچندي پهچندي رت جي اڇن سيلن جي ور چڙهي سندن ڪاچ ٻڌجي ويندا هوندا تہ ڪي، خالي فيلوپين نليءَ ڏانهن هليا ويندا هوندا. پوءِ بہ جيڪي تخمي جيو بچندا آهن اهي 24 کان 48 ڪلاڪن تائين سڦل ۽ ڦڙت رهندا آهن.

هڪ ٻيو بہ سوال ذهن ۾ اڀرندو رهندو آهي تہ جڏهن هڪڙو ئي تخمي جيو آني کي ٻوڪڻ لاءِ ڪافي هوندو آهي تہ پوءِ گهڻا چو ٿا فيلوپين نليءَ ۾ داخل ٿين؟ انهيءَ جي جواب ۾ هي چيو وڃي ٿو تہ، بہ تہ ٻارنهن جي مصداق، اهڙي جکهٽي هجڻ ڪري اهي سڀ گڏجي سڏجي رڳو هڪڙي کي ئي انهيءَ لائق بڻائيندا آهن تہ جيئن اهو آني ۾ گهڙي ڪيس ٻوڪي سگهي. جنهن جي وڌيڪ وضاحت هيئن ڪري سگهجي ٿي تہ: اهي سڀ تخمي جيو، جيڪي فيلوپين نليءَ ۾ آني جي چوڌاري پهچي ويندا آهن، سي سڀ هڪ ئي وقت پنهنجي ائڪروسومل ٽوپي ڪيرائي ڇڏيندا آهن، جنهن لاءِ چيو ويندو آهي تہ منجهن اها رتوبت ٿئي جا آني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com





ڳپ پوڻ

جي ٻاهرئين پڙدن کي ڳاري سگهندي آهي ۽ ائين ڪيترن تخمي جيون جي ائڪروسومل ٿوڻيءَ جي رتوبت گڏجي، اهڙو تہ ڪم سولو ڪري ڇڏيندي آهي جو پوءِ بہ رڳو اهو تخمي جيو آني ۾ سولائيءَ سان گهڙي سگهندو آهي جيڪو سين ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڌيڪ سگهارو ۽ ٻلوان ٿئي. تخمي جيو جو آني جي ماس ۾ گهڙڻ ڪانپوءِ آني جا ٻاهريان پڙدا هڪدم سخت ٿيڻ شروع ٿيندا آهن تہ جيئن منجهس ٻيو ڪو تخمي جيوگهڙي نہ سگهي. آني جا پڙدا ٽپي سندس اندر ڳڙ تائين پهچڻ ڪانپوءِ تخمي جيو پنهنجو پڇ ۽ ڍڍر ڇنڊي ڇڏيندو آهي ۽ رڳو سندس منڍي واڌ ڪرڻ شروع ڪندي آهي، منجهس پهريون پيرو تخمي جيو جا ڪروموسوم (موروثي ايڪا /جزا) ظاهر ٿيڻ لڳندا آهن، ساڳئي طرح سان آني جي ڪروموسومن ۾ بہ اهڙي تبديلي ايندي آهي، جو اهي سائيز ۾ وڌڻ ۽ ظاهر ٿيڻ لڳندا آهن. ائين جڏهن نر ۽ ماد جا ڪروموسوم پاڻ ۾ ملي ويندا آهن تڏهن اهڙي ٻوڪيل آني ۾ ڪروموسومن جو تعداد وري ساڳيو يعني 46 ٿي ويندو آهي. جن ۾ 2 جنسي ڪروموسوم تہ باقي 44 آٽوسوم هوندا آهن ۽ اهائي اها مهل هوندي آهي جڏهن ٻچي جي نر يا ماد ٿيڻ جو فيصلو ٿيڻ وارو هوندو آهي، جنهن جو مدارهن ڳالهہ تي هوندو آهي تہ آني کي ڪهڙي قسم جي تخمي جيو ٻوڪيو آهي، يعني تہ اهو ايڪس آهي يا واءِ.

آني جو تخمي جيو سان ٻوڪجڻ ڪانپوءِ، اهو ٻوڪيل آنو ڪيترن ئي پاڳن ۾ ڦاٽجڻ شروع ٿيندو آهي. جيئن ڦاٽبو ويندو آهي تيئن فيلوپين نليءَ ۾ اڳتي بہ هلندو ويندو آهي ۽ اچي ڳپيرڻ ۾ پوندو آهي. ائين ٻوڪجڻ جي هڪ هفتي ڪانپوءِ آنو ڳپيرڻ ۾ پهچي ويندو آهي ۽ تيسيتائين 46 سيلن جو بال ٺهجي ويندو آهي، سيلن جي هن بال ۾ پاٽيٽ بہ پيدا ٿي ويندي آهي تہ سيل الڳ ٿي سندس مٿاڇري تي اچي ويندا آهن. سيلن جي ڦانديل هن جهڳٽي کي بلاسٽوسسٽ (blastocyst) سڏجي، جيڪا اوڙجي ٿڃڻ جي شروعات پڻ هوندي آهي.

هتي هن ڳالهہ جو بہ ذڪر ڪرڻ مناسب ٿيندو تہ جڏهن ڪنهن گهر ۾ رڳو ڇوڪريون ڄمن ٿيون تہ انهن ۾ عورت جو ڏوهہ نہ هوندو آهي، جيئن عام طور تي پانيو ويندو آهي ۽ انجا ڪيترين ئي حالتن ۾ ڏکدائڪ نتيجا پڻ نڪرندا آهن جو ان سبب مرد ماڻهوءَ جو پنهنجيءَ ونيءَ سان سنو سلوڪ نہ رهندو آهي. جڏهن تہ ڇوڪرين يا ڇوڪرن پيدا ڪرڻ جو رڳو جوابدار مرد آهي، ڇاڪاڻ تہ مرد جيڪي تخمي جيو پيدا ڪري ٿو، اهي ٻن قسمن جا آهن ۽ سندس هڪ نہ ٻئي قسم کي، پوءِ چاهي اهو ايڪس هجي يا واءِ، آني کي ٻوڪڻو پوندو آهي. يعني تہ اهو مرد تي هوندو آهي تہ سندس ڪهڙو تخمي جيو سگهارو ۽ آني کي ٻوڪڻ لائق آهي. ان لحاظ کان عورت بي وس هوندي آهي جو عورت جيڪي بہ آنا پيدا ڪري ٿي. انهن ۾ اهڙي مکياري نہ هوندي آهي.

ساڳئي وقت کي ماڻهو اها بہ دعويٰ ڪندا آهن تہ جي مڙس رعب تاب وارو آهي تہ اهڙي مڙس جي زال رڳو ڇوڪرا ڄڻيندي رهندي پر جيڪڏهن زال برک ۽ رعبدار هوندي تہ هوءَ رڳو ڇوڪريون پيدا ڪندي رهندي. اهي سڀ اجايا خيال آهن ۽ سائنسي لحاظ کان انهن ۾ ڪابہ حقيقت ناهي.

جڏهن کان سائنسدانن کي اها خبر پيئي آهي تہ تخمي جيو ٻن قسمن جا آهن تڏهن کان هو اهڙيءَ کوجنا ۾ مشغول آهن تہ جيئن انهن مان ڪنهن بہ هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهربل قسم کي پنهنجيءَ مرضيءَ سان استعمال ڪري ٻار پيدا ڪري سگهجن. جو ڪيترائي والدين چاهيندا آهن ته سندن ڪٽنبي رٿابندي سندن مرضيءَ مطابق هجي. ڪجهه وقت اڳ تجربن لاءِ اهڙيون سيون به تيار ڪيون ويو هيون جيڪي مردن کي هٽڻ سان، ڪجهه وقت لاءِ سندن تخمي جيو جي ڪنهن به هڪ قسم کي نبل بڻائي ٿي سگهيا. مثال طور: جي ڪنهن کي گهٽيون ڊيئر جمي رهيون آهن ته هو اهڙي سئي هٽائي پنهنجن ايڪس تخمي جيون کي ڪجهه وقت لاءِ سست ۽ نبل ڪرائي ٿو سگهي، جنهن سبب واءِ تخمي جيو وڏيڪ ڦڙت رهي، آني کي ڀوڪي چوڪر پيدا ڪرڻ جا وڌيڪ موقعا پيدا ڪري سگهن ٿا. ساڳئي وقت اهو به ڏٺو ويو آهي ته، ايڪس تخمي جيو، واءِ تخمي جيون کان پنجوٽا وڏا آهن، انهيءَ ڪري اهو به ممڪن ٿي سگهيو ته انهي قسمن کي الڳ الڳ ڪري سگهجي.

جاڙا ٻار (Twins)

ٿڻائتن جانورن لاءِ اها هڪ عام رواجي ڳالهه ليکي ويندي آهي ته اهي هڪ ئي وقت، هڪ کان وڌيڪ ٻچا پيدا ڪري سگهن. انسان عام طور تي جاڙا ٻار به پيدا ڪري سگهندو آهي ته سندس لاءِ ٽيلهڙا، چولهڙا يا پنجڙيا به ڄڻڻ ڪا غير فطري ڳالهه نه ليکي ويندي آهي. جاڙا ٻار ٻن قسمن جا ٿي سگهن ٿا. طبي سائنس ۾ جاڙن جي هڪ قسم کي مونوزائگوٽڪ يا آئڊينٽيڪل (monozygotic/identical) سڏجي ته ٻئي قسم کي ڊائزائگوٽڪ يا فرئٽرنل (dizygotic/fraternal) چئجي.

آئڊينٽيڪل جاڙن پيدا ٿيڻ جو ڪارڻ هي آهي ته هڪڙو ٻوڪيل آنو، ٻن آنن ۾ ورهائجي به الڳ الڳ فرد پيدا ڪريٿو (هڪڙي آني کي هڪ ئي تخمي جيو ٻوڪي ٿو). جيئن ته اهڙا فرد، هڪ ئي ٻوڪيل آني مان جنم وٺن ٿا، انڪري هن قسم جا جاڙا ساڳئي جنس ۽ جينن وارا ٿين ۽ موروثي خاصيتن جي لحاظ کان بلڪل هڪجهڙا هوندا آهن. ايتري قدر جو منهن مهاندن کانسواءِ سندن هٿن جون ريکائون به بلڪل ساڳئي قسم جون ٿين.

فرئٽرنل جاڙن پيدا ٿيڻ جو ڪارڻ وري هي آهي ته آنيداني، هڪ بجاءِ هڪ کان وڌيڪ رسيل آنا خارج ڪري وجهي ٿي. اهڙو هر هڪ آنو، الڳ الڳ تخمي جيون سان ٻوڪجي ڳپ ناهي وجهي ٿو، مثال طور: جڏهن هڪ بجاءِ ٻه آنا، ساڳئي وقت تي، ٻن تخمي جيون سان ٻوڪجن. هن حالت ۾ اهو به ضروري ناهي هوندو ته جمندڙ ٻار ساڳئي جنس وارا هجن! اهوئي سبب آهي جو اهي هڪ ٻئي سان مشابهت رکندڙ نه هوندا آهن. موروثي خاصيتن جي لحاظ کان ڀين ڀائرن-ڀينرن جهڙا هوندا آهن.

اهڙن جاڙن کي جيڪڏهن ڄمڻ کانپوءِ الڳ الڳ پاليو ۽ سندن مختلف هنڌن تي پرورش ڪئي وڃي ته پوءِ به هو اهڙي طرح سان وڌندا ويجهندا رهندا جو منجهن عجب جي حد تائين هڪجهڙائپ موجود ٿئي. اهڙو هڪڙو مشهور عام



(الف) آئڊينٽيڪل جاڙا، هڪ آني مان ڦاٽندڙ ٻن هڪجهڙن ٻچن ۾ ٺهي ٺاهيا وڃن ٿا.

(ب) فرئٽرنل جاڙا، ٻن آنن جي ٻوڪجڻ سان پيدا ٿين ٿا.

مثال، جم جاڙن (Jim Twins) ڀائرن جو آهي جن مان هڪ جو نالو جئمس ليويز (James Lewis) ته ٻئي جو جئمس اسپرنگر (James Springer) هيو.

جنوري 1979 ۾ ليويز، ليما- اوهايو ۾ سڪيورٽي گارڊ هيو جنهن پنهنجي جاڙي ڀاءُ اسپرنگر کي نيٺ ڳولي لڌو. جو هي ٻئي ڀائر 5 سالن جي عمر ۾ هڪ ٻئي کان تڏهن الڳ ڪيا ويا هيا جڏهن اسپرنگر کي ڪنهن پالڻ لاءِ ڪورٽ کان ڀني ورتو هو جيڪو پوءِ ڊئٽان- اوهايو ۾ رڪارڊ ڪلارڪ جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيو هو. 39 سالن جي وڇوڙي کانپوءِ ٻنهي ڀائرن جي ملاقات ٿي. حالي احوالي ٿيڻ کانپوءِ خبر پيئي ته: هنن جن عورتن سان شادي ڪئي هئي انهن ٻنهي جا نالا لنڊا (Linda) هيا. ڪجهه عرصي کانپوءِ ٻنهي ڀائرن، پنهنجين زالن کي طلاق ڏئي جن عورتن سان ٻي شادي ڪئي هئي انهن ٻنهي جا نالا به هڪ جهڙا يعني ته بيٽي (Betty) هيا. ليويز پنهنجي پهرين پٽ جو نالو ائلن (Alan) ته اسپرنگر پنهنجي پهرين پٽ جو نالو ائلان (Allan) رکيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڻمس پائرن، ٻاراڻي وهيءَ ۾ ڪتا پاليا ۽ ٻنهي ڪتن کي ترائي جي نالي سان سڏيندا هيا. ٻنهي پائرن پارٽ ٽائيم طور، ڊپيوٽي شيرف تي ڪم ڪيو هو ۽ مشهور مئڪڊونالڊ ڪمپنيءَ ۾ ڪجهه وقت لاءِ نوڪري ڪئي هئي. انهيءَ کانسواءِ ٻئي، ڪنهن وقت ۾ پيٽرول پمپ تي نوڪر رهي چڪا هيا. اسڪول جي زماني ۾ ٻنهي پائرن جو ساڳيوئي وڻندڙ سبجيڪٽ هيو يعني تہ رياضي. ٻنهي کي ننڍ جا ساڳيا مسئلا، تماڪ ڇڪڻ ۽ پيئڻ جون هڪ جهڙيون عادتون هيون. ٻنهي کي ٻنپهرن جي وقت ڪانوئي مٺي جو سور پوندڙ هيو، جيڪو اڳتي هلي مئگرينس ۾ مٽجي ويو هون ٻنهي کي ٻہ دفعا هارٽ اٽيڪ ٿي هئي ۽ موڪن جو مرض هيو. جاڙا جمر انهن 300 جاڙن مان هڪ عجيب جاڙو آهي، جن تي يونيورسٽي آف مينيسوٽا ۾ کوجنا هلي رهي آهي.

دنيا جي مختلف ملڪن ۾ جاڙن جي ڄمڻ جو انگ بہ مختلف ڏٺو ويو آهي. اميريڪا ۾ هر 80 ويمن ۾ هڪ جاڙو ڄمي ٿو. جڏهن تہ برطانيا ۾ هر 90 ويمن ۾ هڪ، اسڪينڊينيوين ملڪن ۾ هر 65 ويمن ۾ هڪ، اسپين ۾ 110 تي هڪ تہ مشرق ۾ 170 ۾ هڪ جاڙو ڄمي ٿو. اهو بہ ڏٺو ويو آهي تہ نوجوان مائرن جي پيٽ ۾، پڪيءَ عمر جي مائرن کي وڌيڪ جاڙا ڄمن ٿا (يعني تہ 18 سالن جي ڄمار واري ماءُ جي پيٽ ۾ 38 سالن جي ماءُ کي جاڙن جي ڄمڻ جو وڌيڪ امڪان ٿئي). اهو بہ اندازو لڳايو ويو آهي تہ 90X90 ويمن ۾ ٽيلهڙا (triplet) تہ 90X90 X90 ويمن ۾ چولهڙا (quadruplet) پيدا ٿين ٿا.

سيني ڄمندڙ جاڙن ۾ 3/4 ڄمندڙ جاڙا فرئٽرنل ٿين. جڏهن تہ 250 جاڙن ۾ رڳو هڪ آئڊينٽيڪل جاڙو ڄمي ٿو. جاڙن جي ڄمڻ جي اها نسبت سڄيءَ دنيا ۾ ساڳي ۽ سيني ماڻهن ۾ هڪجهڙي ڏٺي وئي آهي.

جاڙن جي ڄمڻ سان سندن لاءِ ڪي خاص طبي مسئلا پيدا نٿا ٿين، سواءِ انجي تہ ڄمڻ وقت سندن وزن عام ڄمندڙ ٻارن جي سراسري وزن کان گهٽ ٿئي. ساڳئي وقت ماهر، والدين کي اها بہ صلاح ڏيندا آهن تہ اهڙن ڄمندڙ ٻارن کي مٽرن جي ڦٽندڙ سالن جيان نہ سمجهن ۽ نہ ئي کين اهڙو احساس ڏيارجي. ان بجاءِ کين همٿايو وڃي تہ جيئن هو پنهنجي شخصيت ۽ انفراديت پاڻ پيدا ڪرڻ جي سگهہ پيدا ڪري سگهن. جيڪڏهن والدين سري سگهندا هجن تہ هو، اهڙي هر هڪ جاڙي کي الڳ الڳ قسمن جي پوشاڪ پارائين تہ جيئن پيا بہ منجهن فرق محسوس ڪري، کين الڳ الڳ نالن سان سڏي سگهن، جو خاص طورتي اهڙا جاڙا ٻار جيڪي فرئٽرنل ۽ ساڳئي جنس وارا ٿين تن ۾ ڏيکاءُ سان فرق محسوس ڪري سگهبو آهي.

جنسي ڪروموسومن سبب پيدا ٿيندڙ بيماريون:

اڳ ۾ اهو ٻڌائي آيا آهيون تہ جسم جي هر هڪ سيل ۾ ڪروموسومن جا 23 جوڙا ٿين، جن مان 22 هڪجهڙا هوندا آهن ۽ هڪڙو انهن کان نرالو ٿئي. عورتن جي حالت ۾ اهڙو 23 جوڙو پڻ باقي 22 جوڙن جهڙو ٿئي پر انکي ايڪس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



1 کان 22 تائين ڪروموسومن جي جوڙن جو ساڳيو ٻول ٿئي جيڪي آٽوسوم آهن. جڏهن تہ ايڪس ۽ واءِ جوڙي ۾ ايڪس، واءِ کان وڏو آهي، جن کي جنسي ڪروموسوم سڏجي.

ايڪس (xx) جنسي ڪروموسوم سڏجي. مردن ۾ بہ ڪروموسومن جو اهڙو جوڙو ٿئي، جيڪو باقي ڪروموسومن کان انيڪ آهي يعني تہ ان جوڙي ۾ هڪڙو ايڪس ڪروموسوم ٿئي جهڙوڪ: عورتن ۾ هوندو آهي ۽ ٻيو واءِ ڪروموسوم ٿئي جيڪو عورتن ۾ نہ هوندو آهي. آني جو ٻوڪجڻ وقت ڪروموسوم پاڻ ۾ ملي يا تہ ايڪس ايڪس (xx) ٿي ٻچي کي ڇوڪريءَ ۾ مٽائي ڇڏيندا آهن يا ايڪس واءِ (xy) ملي ٻچي مان ڇوڪرو پيدا ڪنتا. ائين ڪروموسومن جو ڪل تعداد وري 46 يا 23 جوڙن جو ٿي ويندو آهي.

ورلي ائين بہ ٿيندو اهي تہ ڪن سببن ڪري، ٿهنڊ ٻچي ۾ ڪو گهربل جنسي ڪروموسوم يا تہ داخل ٿي نہ سگهندو آهي يا ڪو وڌيڪ داخل ٿي ويندو آهي جنهنڪري جنسي ۽ ڪي ٻيون پيچيدگيون پيدا ٿي پونديون آهن، جيڪي هيٺين ٽن قسمن جون ٿي سگهن ٿيون.

ٽرنرس سنڊروم (Turner's syndrome)

هيءَ حالت ڇوڪرين ۾ تڏهن پيدا ٿيندي آهي، جڏهن سندن ٻچي ٿهڻ وارو هوندو آهي جو ڪن سببن ڪري ٻچي ۾ هڪ جنسي ڪروموسوم يعني ايڪس (x) شامل ٿي نہ سگهندو آهي، جنهنڪري اهڙو ٻچي عام رواجي حالتن جيان ايڪس ايڪس (xx) هجڻ بجاءِ رڳو ايڪس وارو هوندو آهي، انکي ايڪس او (xo) وارو بہ سڏجي جڏهن تہ او جو مطلب ٻڙي هوندي آهي. جنهن جو مطلب ٿيو تہ ٻچي ۾ هڪ جنسي ڪروموسوم جي کوٽ آهي. هر 5 هزارن ڇوڪرين ۾ هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇوڪري هن حالت ۾ پيدا ٿئي ٿي. اهڙيون ڇوڪريون، عام طور تي بندريون، ننڍي هڏڪاٺ واريون، سندن ڪنڌ مٿل، ڳچيءَ جون مشڪون تاڻيل ٿين (سڄي عمر ائين رهن جو سندن واڌ ڪرائيندڙ هارمون بي اثر ٿئي)، جنهن جو ڪارڻ اهڙين مشڪن جي غير رواجي واڌ هوندي آهي. اهڙيون ڇوڪريون جنسي لحاظ کان سامائجي نہ سگهنديون آهن، ڪين ٻاهريان جنسي عضوا عورتڻا ٿين پر اندريان جنمي عضوا نہ هوندا آهن. انڪانسواءِ ڪين ڇاتي جم جا ڪي ٻيا روڳ بہ ٿي سگهن ٿا، جهڙوڪ: دل، بڪين ۾ اڪين جون تڪليفون، جن جو اڄ جي دور ۾ ڪامياب علاج ممڪن آهي، ساڳئي وقت اهڙن ٻارن جي والدين کي هن ڳالهہ کان بہ هوشيار رهڻ گهرجي تہ اهڙن ٻارن کي ٻڌڻ جي تڪليف بہ ٿي سگهيٽي، حسابن ۽ زمان ۾ مڪان جهڙين ڳالهين جي پرورڻ ۾ جڏيون ٿين. اهڙين عورتن کي جملي 45 ڪروموسوم ٿين.

ڪلينيفيلٽرس سنڊروم(Klinefelter's syndrome)

هي بہ هڪ قسم جو جنسي ڪروموسوم سبب ڇائي جم کان ڇوڪرن۾ پيدا ٿيندڙ روڳ آهي. اهڙن ڇوڪرن جو جڏهن ڳيپ ٺهندو آهي، تڏهن سندس ڳيپ ۾ عام رواجي حالتن جيان ايڪس ايڪس (xy) ڪروموسوم هجڻبجاءِ ايڪس ايڪس واءِ (xxy) ڪروموسوم هوندا آهن يعني تہ اهڙي ٺهندڙ ڳيپ ۾ 46 ڪروموسومن بجاءِ 47ڪروموسوم ٿين. منجهس اهڙو هڪڙو واڌو جنسي ڪروموسوم يا تہ ماءُ جي آني مان يا تخمي جيو مان خارج ٿي، واڌ ڪائيندڙ ڳيپ سان ملي ويندو آهي. جنسي ڪروموسومن سبب پيدا ٿيندڙ روڳن ۾ هي وڌ ۾ وڌ پيدا ٿيندڙ هڪ عام روڳ آهي.

هن روڳ جون نشانيون تڏهن ظاهر ٿين ٿيون جڏهن ڇوڪرو بلوغت جي عمر کي رسي ٿو. ڪروموسومن جي ان گڙٻڙ جو اثر سندس جنسي اوسر تي ٿئي ٿو. جنهن سبب سندس آلت ننڍڙي ۽ خصيا گهٽا ننڍڙا پيدا ٿين، جنهنڪري هو تخمي جيو پيدا ڪري نہ سگهندو آهي. اهڙو مرد خصي رهيٿو. باقي مرداڻيون خاصيتيون جهڙوڪ: ڏاڙهي مڇ يا تہ ڪيس ڄمندي ئي ناهي يا مڙيوئي ڄمندي آهي، هو ڏسڻ ۾ عام مردن جيان نہ لڳندو آهي. اهو بہ ممڪن هوندو آهي تہ اهڙو فرد ڪنهن حد تائين ذهني معذور بہ هجي .ڪلينيفيلٽرس سنڊروم جي ڪن حالتن ۾ xxxy يا xxxxy جهڙيون حالتون بہ پيدا ٿي سگهنديون آهن.

ڊائونس سنڊروم (Down's syndrone)

هيءَ حالت تڏهن پيدا ٿيندي آهي جڏهن ڪو تخمي جيو عورت جي، ان آني سان ٻوڪجي پوي جنهن ۾ ڪروموسوم نمبر 21 جون بہ ڪاپيون موجود هجن. جنهن سبب پيدا ٿيندر ڳيپ ۾ عام رواجي حالتن بجاءِ 47 ڪروموسوم ٿين، اهڙي ٻار ۾ جيڪي نشانيون پيدا ٿينديون انهن کي ڊائونس سنڊروم جي نالي

سان سڏيو ويندو آهي جيڪي آهن: ٿلها چپ، گهٽ ذهانت ۽ ڳالهائڻ ۾ نقص. ڊائونس سنڊروم جي شڪار ٻارن ۽ صحتمند ٻارن ۾ اهوئي فرق ٿئي ٿو ته پهرين قسم جي ٻارن ۾ ڪروموسوم نمبر 21 جو هڪ داڻو / ڪاپي وڌيڪ موجود ٿئي.

ڪروموسومن جي طبي چڪاس رستي اهو به ممڪن هوندو آهي ته، اهڙن ڏوهارين جا ڪروموسوم چڪاسي اهو ڏسي سگهجي ته منجهن ڇائي جم ڪان ته ڪي ارهزورائي ۽ اگرائي ڪرڻ وارا جذبا ۽ ڀاو ته موجود ناهن، مثال طور: برطانيا جي هڪ جيل ۾ ڏوهارين جي ڪيل تپاس مان اهو ظاهر ٿيو ته، انهن ۾ 20 سيڪڙو مرد اهڙا هيا جن جو قد، ڇهن فوٽن کان به ڊگهو هو ۽ سندن ڪروموسومن جي جڏهن تپاس ڪئي ويئي ته انهن ۾ ايڪس واءِ واءِ (xyy) ڪروموسوم موجود هيا. جيئن ته قدرتاً، واءِ ڪروموسوم مذڪرائپ جي خاصيتن ۽ گڻن لاءِ ٿين، تنهنڪري اهو ويساه ڪيو ويو ته اهڙا xyy ڪروموسوم رکندڙ مرد وڌيڪ اگرائي ڪندڙ ۽ وحشي پڻي وارا ٿين ٿا. اهڙن مردن لاءِ اهو به سمجهيو ويندو آهي ته اهي هلڪيون ڦلڪيون چوريون ڪندڙ ۽ دڪانن تان مال چورائيندڙ ٿين. 1969ع ۾ لاس اينجلس جي هڪ جج اها فتوي ڏني ته اهڙن xyy وارن شخصن کي ڪروموسومن جي بي قاعدگي سبب، ڪين ڪيل ڪوبه گناه / ڏوه بخشي نٿو سگهجي. هڪ تازي مشاهدي مان اهو به ڏٺو ويو آهي ته هر 700 نارمل مردن مان، جنڪي xy ڪروموسوم ٿين تن ۾ هڪ xyy ڪروموسومن وارو ٿئي ۽ اهڙا ڪيترائي شخص بلڪل نارمل ٿين ٿا.

مخنثيت (Hermaphroditism)

خنثيت به هڪ اهڙي حالت آهي جيڪا ڪروموسومن سبب پيدا ٿئي ٿي پر اها xyy واريءَ حالت جي ڀيٽ ۾ ورلي ٿئي. خنث اهي مرد ۽ عورتون ٿين جن ۾ عورتاڻا ۽ مرداڻا جنسي غدود يعني خصيا ۽ آنيدانيون موجود هونديون آهن. جڏهن ته ڪي مخنث اهڙا ٿين جن جا ٻاهريان جنسي عضوا، جنسي ڪروموسومن جي ابتڙ ٿين. هن قسم جي مخنث فردن کي سوڊو هرمافروڊائيٽ (pseudohermaphrodite) سڏجي. اهي عورتون جيڪي سوڊو هرمافروڊائيٽ ٿي جنم وٺن ٿيون تن ۾ ڪروموسوم، جنسي غدود، هارمون ۽ اندريان جنسي عضوا به زنانه هوندا آهن پر جيئن ته منجهن موروثي (جينيٽڪي) گڙٻڙ ٿئي، ان سبب سندن ڳڀ جي اوسر دوران مرداڻا هارمون جهجها پيدا ٿين ٿا. ائين اهي جڏهن جنم وٺن ٿيون ته ڪين ننڍڙي آلت ۽ انڊڪوش پڻ هوندا آهن، جڏهن ته ساماڻجڻ سان سندن ارهه نروار ۽ اصلي جنس ظاهر ٿي پوندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لغت (Glossary)

اصطلاحن جون رڳو اهي معنائون/وضاحتون ڏنيون ويون آهن، جن سان هن ڪتاب جي مواد جو لاڳاپو آهي، جڏهن تہ اهڙن اصطلاحن جون هڪ کان وڌيڪ بہ معنائون ٿي سگهن ٿيون.

accessory glands — **ائڪسيسري گلئنڊس**

واڌو، اضافي غدود، مردن ۾ پراسٽيٽ غدود.

acrosome — **ائڪروسوم**

ٽوپيءَ جهڙي بناوت جنهن ۾ لائيسوسومل ۽ پروٽيولائيٽڪ انزائيمون ٿين، جن لاءِ ڀانئيو ويندو آهي تہ اهي تخمي جيو کي آنيءَ ۾ گهڙڻ ۾ سهائتا ڪن ٿيون.

amoeba — **اميبا**

سادو هڪ سيلو جاندار، عام طورتي بيٺل پاڻيءَ ۾ آزاد زندگي گذاريندڙ ۽ سدائين شڪل بدلائيندڙ.

asexual — **اسيڪشوئل**

اڃنسي، جنس جو نہ هجڻ، جنس سان واسطو نہ رکندڙ.

autosome — **آٽوسوم**

عام ڪروموسوم جيڪي مردن ۽ عورتن ۾ هڪ جهڙا ۽ جنسي ڪروموسومن کان نرالا ٿين. انسان ۾ آٽوسوم ڪروموسومن جا 22 جوڙا ٿين.

cell — **سيل**

جاندار جسمن جو هڪ تچ بنيادي ايڪو جيڪو پروٽوپلازم جو جڙيل ٿئي. جسم جو هر عضوو، سيلن جو ٺهيل ٿئي. سيل ۾ هڪ نيوڪليئس ۽ انجي چوڌاري سائيٽوپلازم ٿئي، جنهن ۾ سيل جا ڪيترائي عضوڙا ٿين. سيل بناوت ۽ ڪارج جي لحاظ کان جاندار جو هڪ بنيادي ايڪو آهي. سيل سائيز ۾ مختلف ٿين.

cervix — **سَرويڪس**

ڳِهڻ، ڪنهن بہ عضوي جو اڳيون حصو يا ڳچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کروموسوم chromosme

سيل جي نيوڪليئس ۾ موجود ننڍڙا، تاندورن يا ڌيڳين جهڙا جسم تڏهن ڏسجڻ ۾ اچن جڏهن سيل ورهڃڻ لڳي. ڪروموسومن ۾ جينون (genes) به ٿين، جيڪي فردڪي ورثي ۾ مليل خاصيتين جو تعين ڪن. انسان جي هر سيل ۾ (تخمي جيوءَ آني ڪانسواءِ) ڪروموسومن جا 23 جوڙا ٿين. ڪروموسوم ٻن قسمن جا ٿين. هڪڙا عام، ته ٻيا جنسي ڪروموسوم سڏجن. عورتن جي سيلن ۾ عام ڪروموسومن جا 22 جوڙا ٿين جنکي آٽوسوم به سڏجي ٿو هڪ جوڙو وڏڙن ڪروموسومن جو ٿئي جنکي ايڪس يا جنسي ڪروموسوم چئجي. مردن جي سيلن ۾ 22 آٽوسوم ته هڪڙو جوڙو جنسي ڪروموسومن جو ٿئي، جنهن ۾ هڪڙو ايڪس ۽ هڪڙو گهٽو ننڍڙو واءِ ڪروموسوم هوندو آهي.

سرڪمسشن circumcision

طَهر، آلت جي ٻاهرين کوپي کي سڄو سارو يا ڪي قدر ڪٽي ڇڏڻ، عورتن ۾ ڪڪڙيءَ جو مٿيون کوپو ڪٽي ڇڏڻ.

ڪلائيٽورس clitoris

ڪڪڙي، عورت جي جنسي عضون ۾ هڪ ننڍڙو، اڀريل عضوڙو، شهوت لاءِ وڌ ۾ وڌ حساس ۽ مردن جي آلت سان ميل کائيندڙ.

ڪنسيپشَن conception

ڳَپ پوڻ، پيٽ ٿيڻ. اها مهل جڏهن مرد جو تخمي جيو عورت جي آني کي پوکي هڪ سيل جي صورت ۾ منجهي ٻچي ۾ واڌ ڪائي.

ڪَنٽراسيپشن contraception

ڳَپ روڪ، ڪو به اهڙو طريقو استعمال ڪرڻ جنهن سان جماع ڪانپوءِ حمل ٿي نه سگهي.

ڪارپورا ڪئورنوسم corpora cavernosum

آلت جا پورا جسم، نڳندڙ تشوئن جو ڪالم جيڪو آلت جا پاسا ۽ پُٺ ٺاهي. آلت جو اسفنجي جسم به سڏجي.

ڪارپس ليوٽم corpus luteum

آنيدانيءَ جو ڦڪو جسم، جيڪو آنجڻ ڪانپوءِ ان هنڌ تي پيدا ٿئي، جتان رسيل آنو خارج ٿي وڃي ٿو. ڦڪي جسم جو ڪم پروجيسٽيران هارمون خارج ڪرڻ آهي، جيڪو ڳپيرڻ کي حمل لاءِ تيار رکي ٿو. جيڪڏهن آنو پوکجي پوي ته ان جي سائيز وڌي وڃي ٿي ۽ ڪيترن مهينن تائين باقي رهي ٿو. آني جي پوکجي نه سگهڻ واريءَ حالت ۾ ڦڪو جسم ڪومائجي گم ٿي وڃي ٿو.

ڪارپس اسپنجيوسم corpus spongiosum

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿڳندڙ ٿشوئن جو ڪالم جيڪو پيشاب نليءَ جو متاچرو ٿاهي تہ ان ۾ پيشاب نلي بہ ٿئي. هي ڪالم اڳتي هلي آلت جو سوپارو ٿاهي ٿو، مردن جي پيشاب نليءَ جو اسفنجي جسم بہ سڏجي.

cowper's gland — ڪائوپرس گلئنڊ

مٽرجي داڻن جيترن غدودن جو جوڙو جنهن جون رطوبتون پيشاب نليءَ ۾ پون ۽ منيءَ جي پاڻيٺ ۾ اٿلڪي مقدار ۾ ٿين.

cryptorchism — ڪرپٽارڪزم

اها حالت جڏهن جوڙجڪ جي نقص سبب خصيا پنهنجن پوشن ۾ لهي نہ سگهن.

cyst — سِسٽ

نير نهري يا پاڻيٺي ڳوڙهي جيڪا عام رواجي يا غير رواجي بہ ٿي سگهي ٿي.

ejaculation — اِجئڪيوليشن

انزال، منيءَ جو زوراٽتي گوهي جي صورت ۾ نيڪال ٿي وڃڻ.

endocrine glands — اينڊوڪرائين گلئنڊس

جسم جا اهي غدود جيڪي ڳوٿرين بناتين ۽ پنهنجون رطوبتون (هارمون) سڌيون رت سان ملائي ڇڏين. هي غدود جسم لاءِ ايترائي اهم ٿين جيترو ڪ، مغز ۽ تنتي سرشتو، ڇاڪاڻ تہ جسم جي واڌ ويجهہ، ماهواري ۽ حمل دوران پيدا ٿيندڙ تبديليون هارمونن جي اثرهيٺ رهن. اينڊوڪرائين غدود آهن: پٽيوٽري، ٿائرائيڊ، پيراٿائرائيڊ، ائڊرينل، ٿائيمس، لبلبہ، خصيا ۽ آنيدانيون.

endometrium — اينڊوميٽريم

ڳپرڻ جو اندريون لعابي استر، جنهن جي جوڙجڪ ۽ ٿلهائپ ماهواريءَ جي وقت سان مٽبي رهي ۽ ڪارج جي لحاظ کان نِہ تهو ٿئي.

embryo — اِمبريو

تخمي جيو ۽ آني جي ميلاپ ڪانپوءِ پيدا ٿيندڙ ڳپ، ٻن مهينن ڪانپوءِ جڏهن ڳپ جي انسان ۾ سڃاڻپ ڪري سگهجي تڏهن انکي ٻچو (foetus) سڏجي.

epididymes — اِپيڊيڊائيمس

خصين جي پٺاڙن سان ڊگهيون، ڌاڳن جهڙيون وڙوڪڙ نليون، جتي تخمي جيو ڪنا ۽ رسجي بالغ ٿين.

erection — اِرڪشن

ٽوڳ، انگيز، آلت يا ڪکڙيءَ جو رت جي رسد سبب ڪڙو سخت ٿي وڃڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

estrogen — **ايسٽروجن**

عورتاڻا جنسي هارمون جن جو آنجڻ، آنيداني ۽ مان آني خارج ڪرائڻ ڪانسواءِ واڌويجهه ڪرائڻ، اندرين جنمي عضون جي اوسر ۽ ثانوي جنسي نشانيون پيدا ڪرائڻ آهي جيڪي ساماڻجڻ وقت ظاهر ٿين ٿيون. ماهواريءَ دوران ان جو اثر عورت جي جنمي عضون تي ٿئي ٿو جيئن اهي ڳپ پوڻ، ڳپ جو ڳڀيرڻ سان ڇهڻ ۽ اوائلي ڳپ لاءِ غذا ۽ موافق ماحول پيدا ڪري سگهي. مادين جي مڙني جنسي هارمونن کي گڏي ايسٽروجن هارمون سڏجي.

eunuch — **يونڪُ**

خصي، بالغ ٿيڻ کان اڳ خصيا يا جنسي عضوا ڪٽي ڇڏڻ جنهن سبب جنسي نشانيون ظاهر ٿي نه سگهنديون آهن.

fallopian tubes — **فئلوپئن ٽيوبس**

ٻيجي نليون، ڳڀيرڻ جون نليون، ڍگهيون سنهيون ڳڀيرڻ جي متين ٻاهرين هر پاسي کان هڪ هر آنيدانيءَ ڏانهن ويندڙ نلي.

fertilization — **فرٽيلائيزيشن**

ڳيجڻ، نرجي تخمي جيو جو ماديءَ جي آني سان ميلاپ ڪري هڪ سيل (زائيگوٽ) پيدا ڪرڻ جنهن مان ٻچو پيدا ٿئي. عام طورتي آني جي ٻوڪجڻ جو عمل ڪنهن به هڪ فئلوپئن نليءَ ۾ ٿئي جنهن کانپوءِ ٻوڪيل آنو، ڳڀيرڻ جي پتين سان ڇهڻ واڌ ڪرڻ لڳي ٿو.

foetus (fetus) — **فِيٽس**

ٻار، حمل جي ستين اٺين هفتي جڏهن ٻچي جي مکيه جسماني جوڙجڪ ڇٽي ٿي وڃي ۽ ويم تائين آجاول ٻار.

follicle — **فولائيڪل**

ٿيلهڙي، خالڙو، آنيدانيءَ ۾ فولائيڪل جو ڪم آنا پيدا ڪرڻ ٿئي.

fibrous — **فائبرس**

تندائون، تاندورن جو ٺهيل.

frenum (frenulum) — **فرينَم**

سوپاري جو هيٺان وارو وڪڙ، جيڪو سوپاري کي ڪوبي سان ڳنڍيل رکي.

F. S. H — **فولائيڪل اسٽيميوليٽنگ هارمون**

پٽيوٽري غدود جي مهڙمان پيدا ٿيندڙ هارمون، جيڪو ٿڻائتن مادين ۾ آنڊ دانين جي فولائيڪلن کي متحرڪ ڪري، انهن کي ايسٽروجن خارج ڪندڙ غدودن (ڪارپس ليوٽيم) ۾ مٽائي ڇڏي، نرن ۾ ف.ا.هه تخمي جيون جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيدائش واري عمل کي متحرڪ ڪري.

gamete — گئميٽ

جنمي سيل؛ تخمي جيو ۽ آنا.

gene — جِين

ورثي جو هڪ بنيادي ايڪو جيڪو والدين مان اولاد ۾ ڪوبہ هڪ مخصوص گڻ، خاصيت ۽ لڇڻ منتقل ڪري. هر جين جو ڪروموسوم ۾ مخصوص ماڳ ٿئي.

glans — گلانس

سوپاري؛ جهڙو گول جسم. .penis g آلت جو سوپارو، آلت جو ٽوپي ۽ جهڙو حصو، جيڪو ڪارپس اسپنجيوسم جو وڌاءُ ٿئي .clitoris g ڪڙڪي ۽ جو سوپارو.

gonad — گوناڊ

جنمي غدود، جيڪي نرن ۾ خصيا تہ مادين ۾ آنيدانيون ٿين. خصيا تخمي جيو، تہ آنيدانيون آنا پيدا ڪن.

gonadotrophin — گوناڊوٽرافن

ڪوبہ اهڙو هارمون، جنهن جو جنمي غدودن تي اثر پوي، اهڙا ٻہ هارمون پٽيوٽري غدود جو مهاڙيون حصو پيدا ڪري ٿو جيڪي آهن: فولائيڪل اسٽيميوليٽنگ هارمون ۽ ليوٽينائيزنگ هارمون. انهن هارمونن جا آنيدانين ۽ خصين تي مختلف اثر پون.

graafin follicle — گرئفن فولائيڪل

آنيداني؛ جي فولائيڪل گرئفن فولائيڪل بہ سڏجي جنهن مان آنو رسجي خارج ٿئي.

growth hormone — گروٿ هارمون

پٽيوٽري غدود جي مهاڙين حصي مان پيدا ٿيندڙ هارمون جنهن جو ڪم جسماني واڌ ڪرائڻ آهي.

hereditary — هيريڊيٽري

موروثي، والدين کان اولاد ۾ ورثي طور منتقل ٿيندڙ، اڀڄڪ.

heredity — هيريڊٽي

ورثو، اڀ، ڪنهن منصوص گڻ/لڇڻ جو والدين کان اولاد ۾ ورثي طور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منتقل ٿيڻ، ڪنهن فرد جي موروثي جوڙجڪ.

hermaphrodite هرمافروڊائيٽ

مخنث، نر-ماد، هڪ ئي جانور ۾ نر ۽ ماد جي جنسي عضون جو هجڻ، ان طرح سان پيدائش ڪرڻ جو طريقو، عام طورتي گل جهلينڊڙ ٻوٽا، ڪي ڪينئان، سپيون ۽ ڪوڏ ۾ هن طرح سان پيدائش ڪن ٿا. pseudo-h., اهڙو فرد جنهنکي جنسي غدود هڪ جنس جا هجن، پر ظاهري طرح سان ان جنس جي ابتڙ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ نشانيون ظاهر ڪري. female p., موروثي ۽ جنسي لحاظ کان عورت جنهن ۾ ڪي قدر مردائيون نشانيون موجود هجن. male p., موروثي ۽ جنسي لحاظ کان مرد، پرمنجهس اڻپوريون مردائيون نشانيون موجود هجن. true-h., اهڙو مرد جنهن ۾ خصين ۽ آنيدانين جا ٽشو ته هجن، پر ظاهري طرح سان منجس اهڙيون نشانيون مشڪوڪ ٿين.

hormone هارمون

ڪيميائي رسون جيڪي جاندار جو ڪو عضوو يا عضوي جاڪي سيل ٿورڙي مقدار ۾ پيدا ڪن ۽ انهن جا جسم جي ڪنهن ٻئي عضوي يا عضون تي مخصوص اثر پيدا ٿين.

hymen هائِمن

چيرو، پردو جيڪو يوني ۽ جي ٻاهرئين لنگهه کي سڄو سارو يا ڪي قدر ڍڪيل رکي.

hypothalamus هائيپوٿئلامس

مغز ۾ ٽنتي مرڪز جنهن رستي جسم جا اهم ڪم جهڙوڪ: ننڊ ڪرائڻ، ٽمپريچر قائم رکڻ، جنسي خواهش وغيره ٿيندا رهن.

interstitial cells انٽراسٽيشيل سيلَ

خصين ۾ تخمي جيو پيدا ڪندڙ نلين جا سيل، جيڪي نرجنسي هارمون پيدا ڪن.

labia لئبيا

چپ، تاڪيون، سڪيون، عام طور تي يوني ۽ جي ننڍن وڏن/اندرين ٻاهرين چپن لاءِ استعمال ٿيندڙ اصطلاح. majora l. وڏا چپ، ٻاهريان چپ، تاڪيون. minora l., ننڍا چپ، اندريان چپ، سڪيون.

leutinizing hormone ليوٽيناٿيزنگ هارمون

پٽيوٽري غدود مان پيدا ٿيندڙ هارمون جنهن سبب آنجڻ وارو عمل ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

menarche — مِينارڪ

پهرين ماهواري، بالغ ٿيڻ وقت ماهواري اچڻ.

menopause — مِينوپاز

سنڌ ٿيڻ،عام طور تي عمر جي چاليهين ڏهاڪي ۾ آنجڻ ۽ حيض جو اچڻ بند ٿي وڃڻ.

menses — مينسز

ماهواري، عورت جو هر مهيني گرڀ ناليءَ رستي رت خارج ڪرڻ.

menstruation — مينسٽروئيشن

حيض، اهو عرصو جڏهن فرج مان رت ۽ ڳپيرڻ جو استر ڳري خارج ٿيڻ لڳي. پيٽ نه هجڻ واري حالت ۾ اهو سلسلو هر مهيني ساماٽجڻ کان سنڌ ٿيڻ تائين هلندو رهيٽو.

menstrual — مينسٽروئل

حيض سان واسطو رکندڙ..cycle m. ماهواري، عورت جي جسم ۾ اٽڪل هر 28 ڏينهن تي پيدا ٿيندڙ سلسليوار تبديليون، حيض اچڻ کان هڪدم پوءِ پٽيوٽري غدود مان پيدا ٿيندڙ هارمون جي اثر سبب ڳپيرڻ جي استر اينڊوميٽريم جو نئين سر تيار ٿي وڃڻ ۽ فولائيڪل جو آهستي آهستي اڀري آنيدانيءَ جي مٿاڇري تي اچڻ ۽ ماهواري جي وچ ۾ هڪ رسيل آنو فيلوپين نليءَ ۾ خارج ڪري ڇڏڻ، جيڪڏهن اهڙو آنو جماع ڪانپوءِ تخمي جيو سان ٻوڪجي پوي ته حمل ٿئي، نه ته اهو ڪيل آنو ڳپيرڻ مان حيض رستي خارج ٿي وڃي ٿو ۽ ماهواريءَ جو سلسلو نئين سر شروع ٿئي ٿو.

microscope — مائڪرو اسڪوپ

خوردبين، اهو اوزار/مشين جيڪا ننڍين شين کي وڏو ڪري ڏيکاري ۽ انهن جي جوڙجڪ پسائي، جيڪي عام طور تي ڏسي نه سگهجن.

mitochondria — مائٽوڪانڊريا

سيل جي سائيٽوپلازم ۾ موجود گول يا ڏيٿين جهڙا شڪتيءَ پيدا ڪرڻ جا مڪيه عضوڙا.

multicellular — ملٽي سيليولر

گهڻ سيلو، گهڻ سيلا، گهڻن سيلن جا ٺهيل.

million — ملين — ڏهه لک

nerve — نرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنت، اعصاب، تانندوري جهڙو عضوو، جيڪو ڪيترن تنتائي تاندورن جو جڙيل ٿئي ۽ مرڪزي تنتي سرشتي ۽ جسم جي وچ ۾ نياپا سنيها ڏئي ۽ حاصل ڪري.

nipple نِپل
ڀنڊي، ارهه جي مٿين پاسي تي گهري رنگ جي اڀريل ڏنڊي جنهن رستي ٿڃ وهي.

nucleus نيوڪليئس
جاندار سيل جو وچون گولائون حصو، جنهن ۾ ڪيترائي اهم عضوڙا، جهڙوڪ: نيوڪليئولس ۽ ڪروموسوم وغيره ٿين.

ovary اووَري
آنيداني، بيجڙي، مادي ۽ جو بنيادي جنسي عضوو، پيٽ ۾ ڳيرڻ جي ٻنهي پاسن کان هڪ هڪ ٿئي. بناوت ۾ بادامي ۽ جهڙي جنهن ۾ ڪچا اڻرسيل آنا ٿين، آنيداني ۽ جو ڪم آني کي رسائي خارج ڪرڻ کانسواءِ ايسٽروجن ۽ پروجيسٽيران هارمون پيدا ڪرڻ پڻ ٿئي.

ovulation او وولیشن
آنجڻ، آنيداني ۽ مان رسيل آني جو خارج ٿيڻ.

ovum ووَم
آنو، بيدو، بيضو، مادي جو جنمي سيل جيڪو آنيداني ۽ مان خارج ٿي تخمي جيو سان ٻوڪجڻ کانپوءِ ٻچي ۾ تبديل ٿي وڃي. آنو پروٽوپلازم جو ٺهيل ٿئي، جنهن ۾ ڪجهه ذردي ۽ نيوڪليئس پڻ ٿئي.

oxytocin آڪسيٽاسن
هارمون جيڪو هائيپوٿئلامس پيدا ته پٽيوٽري غدود خارج ڪري، جنهن جو ڪم ڳيرڻ کي ڪوئڻ آهي.

paramecium پئراميشيم
پاڻي ۽ ۾ رهندڙ بيضائون، ڍگهڙو پروٽوزوائي ساهدار.

paraphimsois پئرافيموسس
آلت جي کوپي جو ايترو ته سختي ۽ سان هڄڻ، جو ان سبب سوپاري جي ٻيڙا ڪن سوڄ ٿي پوي، گنڀير حالتن ۾ خشڪ گئنگرين به ٿي پوي.

penis پنس
آلت، مرد جو انگ جنهن جي وچ ۾ پيشاب نلي ٿئي جيڪا سوپاري کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاهر ڇوڙ ڪريتي، اها جماع دوران مني تہ عام حالتن ۾ پيشاب خارج ڪري ٿــي.
os p., آلت هڏي واري، هڏائين آلت، جيت ڪائينڊڙن، چمڙن، ڪترينڊڙن، گوشت خور ۽ سيني ٿڃائتن جــانورن (سواءِ انسان) جي آلت جو هڏائون پچرو.

phimosis — فيموسس

ڪوپي جي گهير جو سوڙهو هجڻ، جنهن سبب اهو آلت تي وري نہ سگهي.

pitutary gland — پٽيوٽري گلئنڊ

ڪرنگهائتن جانورن جي مغز هيٺان هڪ اينڊوڪرائيـن غدود، پٽيـوٽري غدود کي ڪرتا ڌرتا غدود بہ سڏجي جو هي جيڪي هارمون پيدا ڪري ٿو اهي جسم جي ٻين اينڊوڪرائين غدودن کي هلائيـن ٿا. پٽيـوٽري غـدود ٻن مکيـہ حصن اڳئين ۽ پوئين ۾ ورهايل ٿئي.

placenta — پلئسينٽا

اوَر، ٿالهي / تسريءَ جهڙو عضوو جيڪو حمل ۾ ٻچي کي ڳڀيرڻ سان ملايل رکي. اوَر ۽ نـاڙي رستي ٻچي کي آڪسيجن ۽ واڌ ويجهہ لاءِ گهربـل شيون تـہ سندس غلاظتن جي، ٻچي ۽ ماءُ جي رت جي گردشي سرشتي رستي مٽاستا ٿينـدي رهي ٿي. اوَر انهن جهلين / پڙدن مان پيدا ٿئي جيڪي ٻچي کي چوڌاري ٿين، ٻـار جي ڄمڻ کانپوءِ اها ڳڀيرڻ مان ٻاهر خارج ٿي وڃي ٿي.

pregnancy — پرگننسي

اميدواري، حمل، پيٽ، ڳورهاپ، ڳڀ پوڻ کانپوءِ ڄمڻ تائين ٻار جي پيٽ ۾ واڌ ۽ اوسر وارو وقت جيڪو 38 هفتن جو ٿئي. ڳورهارپ ۾ ماهـواري اچڻ بند ٿي وڃي ٿي، اُبڙ ٿي پون ٿا، ارهہ وڏا ٿيڻ لڳن ٿا ۽ ٻنديون ڳهريون ۽ پيٽ آهستي آهستي وڏو ٿيندو وڃي ٿو، حمل جون پڪيون نشانيون ٻار جو چرڻ پرڻ، سنـدس دل جـو ڌهڪـو ۽ ايڪسـري يـا الٽـرا ســائـونـڊ ۾ ڏسـڻ ۾ اچـي.
abdominal p., ائبڊامـنل پرگننسيءَ کـي ايـڪـٽوپڪ پـرگننسي ectopic p., بہ سڏجي، ان حمل ۾ ٻچو پيٽ جي پاندي ۾ واڌ ڪائي.

prepuce — پريپيوس

ڪوپو، چمڙيءَ جو ڍڪيندڙ / ورندڙ وڪڙ، سوپاري تـي وري ويندڙ. ڪـوپـو ائٽطهريل آلت ۽ ڪڪڙيءَ کي ڍڪيل رکي، انگيز / شهوت ۾ پوئتي وري وڃي.

primates — پرائيميٽس

ٿڃائتن جانورن جو گروه جنهن ۾ ماڻهو، باندر ۽ پولڙا اچي وڃن ٿا.

progesterone — پروجيسٽيران

زنانٽي جنسي هارمونن مـان هـڪ هـارمـون جيـڪـو آنيـدانيـون خـارج ڪـن. ماهواريءَ جي پوئين اڌ ۾ ڪارپس ليوٽيـم (جيـڪـو رسيـل آنـي جي خـارج ٿيـڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانپوءِ آنيداني ۾ پيدا ٿئي) پروجيسٽيران خارج ڪري ڳپيرڻ ڪي ان لاءِ تيار ڪري ٿو تہ جيئن ٻوڪيل آنو ان سان چهٽي سگهي. جيڪڏهن آنو چهٽي وڃي ٿو تہ ڪارپس ليوٽيم ۽ اوَر سڄي حمل دوران پروجيسٽيران هارمون خارج ڪنديون رهن ٿيون تہ جيئن ڳپيرڻ جون پٽيون قائم دائم رهن.

prostate gland پراسٽيٽ گلئنڊ

مشڪائڻ تاندورن ۾ مشڪن جو جڳهتو، اٽڪل ڏيڍ انچ ڊگهو مردن ڪي مثاني جي منهن ۾ پيشاب نليءَ جي شروع واري هنڌ تي چوڌاري ٿئي، هن غدود جو ڪم منيءَ جي ڪجهہ پاٿيٽ پيدا ڪرڻ ٿئي جيڪا تخمي جيون رستي، انزال وقت مشڪن جي پيڪوڙ سبب خارج ٿي وڃي ٿي.

protein پروٽين

آرگئنڪ ڪمپائونڊن مان ڪوبہ مرڪب، جنهن ۾ ڪاربان، هئڊروجن، آڪسيجن، نائٽروجن ۽ عام طور تي سلفر پڻ ٿئي. هنن ۾ مخصوص وڪر نائٽروجن آهي، جيڪا سيني جانورن ۽ ٻوٽن ۾ موجود ٿئي. سيني سيلن جي پروٽوپلازم ۾ ڪيترين ئي پروٽين ٿين جيڪي انهن لاءِ بنهہ ضروري هونديون آهن.

puberty پيوبرٽي

بلوغت، جواني، اهو وقت جڏهن جنسي عضوا پڙ ٿي وڃن، جنهن سبب ڇوڪرن ۾ تخمي جيو پيدا ٿين ٿا ۽ انزال ٿئي ٿو، ڇوڪرين جي حالت ۾ ڪين آنجڻ وارو عمل ۽ حيض اچڻ شروع ٿي وڃي ٿو، ثانوي جنسي نشانيون جهڙوڪ: ارهہ نسرڻ ۽ جسم تي وار ظاهر ٿيڻ لڳن ٿا.

reproduction ريپروڊڪشن

جنم، پيدائش، ٻچن پيدا ڪرڻ جو سلسلو. .asexual r اجنسي پيدائش، سادن جيون جي پيدائش ڪرڻ جو طريقو جنهن ۾ هڪ جيو ٻن ۾ ورهائجي نئين جيو کي پيدا ڪري. پيدائش جي هن طريقي ۾ نر ۽ مادہ نہ ٿئي. .sexual r پيدائش جو اهو طريقو جنهن ۾ ماديءَ جو آنو، نر جي تخمي جيو سان ٻوڪجڻ کانپوءِ نئين جاندار ۾ پيدا ٿئي.

reproductive system ريپروڊڪٽو سسٽم

جنمي سرشتو، پيدائشي سرشتو، اهو سرشتو جنهن جو واسطو ٻچن پيدا ڪرڻ ۽ جنم ڏيڻ سان آهي. مردن ۾ هن سرشتي جا عضوا آلت، خصيا ۽ ان سان لاڳاپيل غدود آهن، جيڪي تخمي جيو ۽ منيءَ جون پاٿيٽون پيدا ڪن. عورتن ۾ اهڙا عضوا آهن، آنيدانيون جيڪي آنا پيدا ڪن، فيلوپين نليون جن ۾ ٻوڪجڻ لاءِ آنو داخل ٿئي، ڳپيرڻ جنهن جو ڪم حمل ۾ واڌ ڪائيندڙ ٻچي کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاتڻ آهي، جڏهن تہ ارهن کي عورتن جي جنسي سرشتي جا واڌو عضوا سمجهيو ويندو آهي.

scrotum اِسڪراٽم

انڊڪوش، مردن کي چڏن وٽ چمڙيءَ جي ٿيلهي /ڳوٿري ٻن حصن کاٻي ۽ ساڄي ۾ ورهايل جنهن مان هر هڪ ۾ هڪ خصيو ۽ کي ٻيا بہ عضوا ٿين.

سيڪنڊري سيڪشوئل ڪئريڪٽرسٽڪس
secondary sexual characteristics

عورتن ۽ مردن ۾ اهي نشانيون جيڪي ساماڻجڻ ۽ بالغ ٿيڻ سان ظاهر ٿين، جنهن ۾ جسماني ڊول، چربيءَ ۽ وارن جي ورڇ، آواز جو مٽجي وڃڻ ۽ ارهن جي واڌ اچي وڃن ٿيون. اهي علامتون جنسي سگهہ رکڻ جون نشانيون نہ سمجهيون وينديون آهن.

secretion سِيڪريشن

رطوبت،پاڻيٺ جيڪا غدود پيدا ڪن، جيڪا هاضمہ رس تہ هارمون بہ ٿي سگهي ٿي.

semen سيمين

تخم، ٻج، ٻج جهڙو، مني، نرن جي جنسي سرشتي جي اڇي، گهاٽي، چيڙهالي، کيرائين پاڻيٺ، جنهن ۾ خصين مان نهندڙ تخمي جيو تہ پراسٽيٽ، سيمائينل ويزائيڪل ۽ ڪن ٻين غدودن جون پاڻيٺون بہ ٿين.

seminal سيمائينل

تخم، ٻج يا منيءَ سان واسطو رکندڙ. fluid s., منيءَ جو پاڻيٺي حصو. plasmin s., منيءَ جي پلازمن/انزائيم. vesicle s; نرن جي جنسي سرشتي جو اهو عضوو جتي جماع کان اڳ تخمي جيو ڪٺا ٿين.

seminiferous سيمائينيفيرس

مني نيندڙ يا پيدا ڪندڙ. tubules s., مني خارج ڪندڙ نليون.

sex glands سيڪس گلئنڊس

جنسي غدود، مردن ۾ تخمي جيو پيدا ڪندڙ خصيا ۽ عورتن ۾ آنا پيدا ڪندڙ آنيدانيون. جنسي غدود هارمون پڻ پيدا ڪن، جن جو ڪارج فرد جي جنسي واڌ ۽ جنسي ڪرت تي اثر هوندو آهي.

smegma سميگما

ڪوپي ۾ ويهجي ويل سٽيي مر ۽ اهڙو ٻيو مادو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

somato typing — سومئٽو ٽائيپنگ

جسماني ڍول جي درجيبندي.

sperm — اسپرم

تخمي جيو، نرن جا جنمي / تخمي سيل جيڪي خصيا پيدا ڪن ۽ انزال ۾ منيءَ رستي خارج ٿي وڃن، مني يا خصين جي رطوبت.

spermatic — اسپرمئٽڪ

منيءَ سان واسطو رکندڙ. .cords s هر خصئي مان نڪري پيٽ ڏانهن ويندڙ اها جوڙجڪ جنهن ۾ هڪ جهل ڏيندڙ مشڪ، رت نليون ۽ تنتون وغيره ٿين، جيڪا تخمي جيو نيئي.

spermatozoon — اسپرمئٽوزون

بالغ تخمي جيو، نرن جو رسيل تخمي جيو جيڪو خصين جي مخصوص پيداور آهي، منيءَ جو جنمي جزو جيڪو آني کي ٻوڪي. تخمي جيو مٿي، ڳچيءَ، ڍڙ ۽ پڇ ۽ ورهائي سگهجي ٿو، تخمي جيو سيمائينيفيريس نلين ۾ اسپرمئٽوگونيا مان جنم وٺن جيڪي اسپرمئٽوسائيٽ مان پيدا ٿين جي وري اسپرمئٽبس ته اهي اسپرمئٽوزووا (تخمي جيو) تخليق ڪن ٿا. (جمع spermatozoa).

estroid — اسٽيروائڊ

ڪيميائي مرڪب جن ۾ وٽامن ڊي، ڪولسٽيرال ۽ اهي هارمون اچي وڃن ٿا جيڪي آنيدانيون ۽ خصيا پيدا ڪن عام طور تي اسٽيروائڊ ڪارٽيڪاسٽيروائڊ بيان ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي جن ۾ ائڊرينل غدود مان پيدا ٿيندڙ هارمون اچي وڃن ٿا، جن جو اثر ثانوي جنسي نشانيون ظاهر ڪرڻ، مشڪن جي واڌ، جسم ۾ لوڻن جي توازن ۽ ٻين طبي سلسلن سان آهي.

tape worm — ٽيپ ورم

ٽيپ يا رٻن جهڙا آنڊن ۾ ٿيندڙ ڍگها ڪينئان، هڪ قسم جو پئراسائيٽ

testis (testicles) — ٽيسٽيز

خصيا، آنورا، پيلا، نرن جا جنمي غدود جن جو جوڙو ٿئي، بناوت ۾ بيضوي ۽ پوشن ۾ ويڙهيل آلت جي هيٺان چڏن ۾ ٿين، انهن جو ڪم تخمي جيو ۽ مرداڻا جنسي هارمون ٽيسٽوسٽيران پيدا ڪرڻ ٿئي. (جمع testes).

testosterone — ٽيسٽوسٽيران

نر يا مرداڻا هارمون، خصين جا انٽراسٽيشيل سيل (ليڊنگ سيل) پيدا ڪن، جن جو مکيه ڪم مردانگيت واريون خوبيون پيدا ڪرڻ آهي، نرن جي سپني جنسي هارمونن کي گڏي ائنبروجن هارمون سڏجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

tissue — ٽِشو

ساڳئي قسم جي سلين جو مُچڪو جيڪي ڪو مخصوص ڪم ڪن.

twins — ٽئنس

جاڙا، هڪ ئي حمل ۾ ٻن ٻچن جو جمڻ. fraternal t., اهي جاڙا، جڏهن آنيدانـي هـڪ ئـي وقـت ٻـه آنـا خـارج ڪـري ۽ ٻئـي ٻـوڪجـي پـون identical t., جڏهن هڪ ٻوڪيل آنو وڌيڪ ورڇجڻ کان اڳ ٻن اڌن ۾ ورهائجي ٻن الڳ الڳ ٻچن ۾ واڌ ڪائي، اهڙا جاڙا موروثي ۽ جسماني لحاظ کان بلڪل هڪجهڙا ٿين، سجاڙا .

umblical cord — امبلائيڪل ڪارڊ

ناڙو، اهو عضوو جيڪو ٻچي ۽ اوَر جي وچ ۾ ٿئي ۽ کين ڳنڍيل رکي، ڄمر کانپوءِ ناڙو ڪٽي ڇڏجي جيڪو پوءِ ڪوئجي ڇڻي وڃي.

unicellular — يُونيسيليولر

هڪ سيلا، هڪ سيلو، هڪ سيل جو جڙيل.

ureter — يوريٽر

اها نلي جيڪا ٻڪيءَ مان پيشاب مثاني ۾ پهچائي.

urethera — يوريٿرا

پيشاب نلي، جيڪا مثاني کان پيشاب آلت رستي ٻاهر نيڪال ڪري.

uterus — يُوٽيرس

ڳڀيرڻ، ٻچيداني، عورتن جي پيٽ ۾ موجود ڍانديو، مشڪائون عضوو جنهن جو ڪم ٻچي کي تاتڻ ۽ حمل دوران وڌي وڏو ٿي وڃڻ آهي. ويم وقت ڳڀيرڻ جي سلسليوار مشڪائين ڪوءِ ٻار کي ڳرڀ ناليءَ مان ڌڪي ٻاهر ڪري ٿي. اڪورهارين ۾ ناسپاتيءَ جي شڪل جهڙي ۽ ٽي انچ ڪن ڊگهي ٿئي.

vagina — وئجائينا

يوني، ڳرڀ نالي، مادري رستو، ڳڀيرڻ کان فرج تائين لنگهه. ڳرڀ ناليءَ جو آخري حصو جنهن رستي ويم وقت ٻار ماءُ جي جسم کان ٻاهر نيڪال ٿي وڃي ٿو، جماع دوران آلت يونيءَ ۾ رهي ٿي.

vas deferens — واس ڊفرنس

خصين جي نيڪال نلي جيڪا سيمائينل ويزائيڪل سان ملي اِجئڪيولٽري ڊڪٽ ٺاهي ٿي.

vasectomy — وئسيڪٽامي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آپريشن رستي سچي واس ڊفرنس کي ڪٽي يا سندس ڪجهہ حصي کي ڪٽي يا ٻڌي ڇڏڻ تہ جيئن تخمي جيو آلت تائين رسي نہ سگهن، مردن ۾ ڳڀ روڪ جو هڪ طريقو.

vein
وين

، گ، نس، موڪري ۽ سنهي ۽ پت سان رت نلي جنهن جو ڪم جسم جي مختلف حصن ۽ عضون جي رت واپس دل ڏي پهچائڻ اهي.

vulva
ولوا

فرج، شرمگاه، عورت جا ٻاهريان جنسي /جنمي عضوا جنهن ۾ فرج جو لنگهہ، ڪڪڙي ۽ ننڍيا وڏا چپ بہ اچي وڃن ٿا، جيڪي فرج کي ڍڪيل رکن.

womb
uterus ڏسو رومب

x-chromosome
ايڪس ڪروموسوم

مادي جنسي ڪروموسوم، اهو جنسي ڪروموسوم جيڪو تخمي جيو ۽ آني ۾ ٿئي. جڏهن بوڪيل آني ۾ ٻئي ايڪس ڪروموسوم هجن تہ اهو ڇوڪري ۾ واڌ ڪائي پر جي ان ۾ هڪ ايڪس ۽ هڪ واء هجي تہ ڳڀ ڇوڪر ۾ واڌ ڪري. مادي آني ۾ ٻئي ايڪس ڪروموسوم ٿين.

y-chromosome
واء ڪروموسوم

نرجنسي ڪروموسوم جيڪو تخمي جيو رستي آني ۾ منتقل ٿئي جيڪڏهن بوڪيل آني ۾ هڪ واء ۽ هڪ ايڪس ڪروموسوم هجي تہ اهو نر ٿي جنم وٺي پر جيڪڏهن ان ۾ ٻئي ايڪس ڪروموسوم هجن تہ اهو ناري ٿي جنم وٺي. تخمي جيو ۾ يا تہ ايڪس يا واء ڪروموسوم ٿئي.

zygote
زائگوٽ

تخمي جيو ۽ آني جي ميلاپ ڪانپوء پيدا ٿيندڙ سيل.

References:

1- A Course in Biology: Jaffrey J.W Baker, Garland E. Allen.

-2- A New English Sindhi Dictionary: Permanand Mewaram.

3- Atlas of Body and Mind: Claire Raymer.

4- Biology: James F. Case.

5- Biology: John W. Kimball.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

6- Biology: Science: An Inquiry into Life: John A. Moore and others.
7- Biological Science: William T. Keeton.
8- Concepts in Biology: Enger, Gibson and others.
9- Dorlland's Illustrated Medical Dictionary.
10- Encyclopedia of sexual Knowledge: Dr. Narman Haire, A. Costler and others.
11- Every thing you always wanted to knew about Sex: David Reuben.
12- Every Woman: Derek Llewellyn Jones.
13- Family Health Medical Encyclopedia: Dr. I. A. G. Mac Qeen.
14-The G. Spot: Allice Kahn Ladas and others.
15- Human Biology: John D. Cunningham.
Human Sexual Relations: Dr M. Zakir Molvi-16
17- Man's Body: The Diagram Group.
18- مختصر دائيو يا ويم جي وات: ڊاڪٽر علي احمد قاضي
19- The Breast:Drs. Penny and Andrew Stanway.
20- The Body Machine: Christiaan Barnard, John Illman.
21- The Family Medical Encyclopedia: Justus J. Schifferes.
22- The Genetic code: Issac Asimov.
3- The Mothers and Fathers Medical Encyclopedia: Virginia E. Pomeranz.
24- تن ۽ تندرستي: ڊاڪٽر علي احمد قاضي
25- Woman's Body: The Diagram Group.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌيڪا جا شايع ٿيل ڪتاب

سنڌ: پيپلزپارٽي کان ڄام صادق علي تائين

ف - م لاشاري

’سنڌيڪا اڪيڊمي‘ جي پهرين ٽن ڪتابن مان هڪ اهم ڪتاب جو نالو آهي، ’سنڌ: پ پ کان ڄام صادق علي تائين.‘ ڪتاب ڪي پ پ ۽ ڄام صادق حڪومتن جو تاريخي دستاويز چئي سگهجي ٿو. ڪتاب سنڌ: پ پ کان ڄام صادق تائين 423 صفحن تي ٻڌل آهي. ڊيمي سائيز جي هن ڪتاب جي قيمت 90 روپيا آهي.

◉

زندگي جي پلاننگ تي شاگردن لاءِ اهم ڪتاب

نوان رستا- نيون راهون

هن ڪتاب ۾ پيشي جي چونڊ بابت ڪارائتا مشورا ڏنل آهن. طب، فارميسي، نرسنگ، سول انجنيئرنگ، مڪينيڪل انجنيئرنگ، ڪمپيوٽر سائنس، آرڪيٽيڪچر، مرچنٽ نيوي، ايئرٽرئفڪ ڪنٽرول، واپار سان لاڳاپيل شعبن، بزنس ائڊمنسٽريشن، چارٽرڊ اڪائونٽنگ، بينڪنگ،، صحافت، عام تعلقات ۽ اشتهار سازي، لائبريري سائنس ۽ انفارميشن. ان کان سواءِ هٿياربند فوج جي ٽنهي اهم شعبن بري، بحري ۽ هوائي فوج ۾ داخل ٿيڻ لاءِ هر قسم جي مناسب ڄاڻ ڏني وئي آهي. صفحا 248 ۽ قيمت 60 رپيا

◉

منهنجي منڙي سنڌ

هن ناول کي پڙهڻ کان پوءِ ورهاڱي کان پهرين واري سنڌ جي حالتن جي چڱي ڄاڻ ملي ٿي. ورهاڱي کان اڳ هلايل آزادي واري تحريڪ ، انهيءَ وقت ماڻهن جي سوچ، ماڻهن جا مسئلا، ڳوٺن ۽ شهرن ۾ سوچ جو فرق، ڪرشن کٽواڻي سيٺي تي روشني وڌي آهي ۽ سٺو نباهيو اٿس. صفحا 178 قيمت 45 روپيا

سنڌ جي زينت

نرنجن دوداڻي

هي ناول 1948ع کان وٺي 1968ع تائين جي جيئري جاڳندي تاريخ آهي جنهن جا ڪيترا ڪردار اڄ به پويان پساه کڻي رهيا آهن

صفحا 144 - ڊيمي سائيز - ملهه 30 رپيا

نئون عالمي نظام

سهيڙيندڙ: اسلم خواجه

ملڪي ۽ بين الاقوامي سياستڪارن ۽ دانشورن جي مقالن تي مشتمل موجوده ٻرندڙ مسئلي تي ڀرپور دستاويز - صفحا 178 قيمت 50 رپيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو تخليقي سفر

(ڪهاڻيون،تحريرون، تقريرون، انٽرويوز ۽ انڊيا جو سفر)

خيرالنساءِ جعفري

▲ جڏهن بہ جڪ محسوس ڪياتم (پاڻ تي يا ٻين تي) تڏهن قلم ڪوڙي جيان ڪاغذ تي وهائيندي آهيان. ڪاغذ جي پٽ تي ڪوڙن جا نشان منهنجي اذيت پسندي جي انتها آهن.

▲ ٻي ڏينهن فرحت جو منهن ڏلم تہ لٿل هو. چپ چاپ هئي، چيئين: ”خيرو! ڪل سي تو ميري جان هي نڪل گئي هي، ميرا گلا، ميري تمام اعصاب ٿڪ گئي هين. ڪل سي جو مين ني نمازين پڙهي هين، سجدي ڪئي هين، ايڪ نماز، ايڪ سجدي مين ڀي خدا ڪا نام نهين ليا. هر نماز هر سجدي مين ميري گلي سي صرف ايڪ صدا اُڀرتي ٿي؛ جيئو ڏولا جيئو ڏولا- اي باڙه مين جائي ايسا ڏولا جو بندي ڪو خدا سي جدا ڪري. تمهاري سنڌهي مين تو صرف ايڪ ”ڏ“ ڪيا لفظ هي بندي ڪا حشر نشر ڪرديتا هي“

▲ هر شخص جيڪو جنت لاءِ سخت فڪرمند آهي، اهو ٻئي ڪي اسلام جي پارت ڪندو گهمي. ڪو وقت هو جڏهن اهڙي هڪ پارت اسان بہ هڪ لڳان، سائين شيخ اياز جن ڪي ڪئي هئي. پاڻ سنڌ يونيورسٽي ۾ وائيس چانسلر هئا. سندن وقت ۾ يونيورسٽي جا ست استاد نوڪرين مان ايئن ڌڪجي ويا، جيئن الله سائين حضرت آدم ڪي جنت مان ڌڪي ڪڍيو هو.....

▲ ها سو دوستو! ڳالهہ ٿي ڪيم تہ علامہ قاضي پنهنجي ذاتي ڪچهريءَ ۾ چوندو هو تہ حضرت عليءَ کان حضرت بي بي فاطمه جو ڪردار هزار دفعا بلند آهي. اگر پليجو صاحب Mind نہ ڪري تہ آئون پانيان ٿي تہ زرينہ جو ڪردار پليجي جي ڪردار ڪان وڌيڪ Powerful آهي. زرينہ سٽ پائوندن جي اياز لطيف ڪي پيٽ ۾ پالي ۽ ڄڻي ڏيکاريو....

صفحا 328 قيمت 75 رپيا

سنڌ جي سيني وڏن بڪ اسٽالن تي موجود آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنس جي سائنسي ڄاڻ
علي مرتضيٰ ڏاريجو
سنڌيڪا اڪيڊمي

جنس جي سائنسي ڄاڻ

مصنف: علي مرتضيٰ ڏاريجو

ڪتاب ۾ جي باري ۾ سنڌ جي سڄاڻ شخصيتن جي راءِ

سنڌيءَ ۾ سائنسي ادب تمام ٿورو آهي. جنسي ادب ته تهائين نه هئڻ جي برابر. چوٽي آهي ته 'جتي حقيقتن کي لڪايو ويندو آهي اتي افواهه زور وٺندا آهن' سنڌ ۾ به ايئن ٿيو آهي. جنس کي ايڏو ته دٻايو ۽ لڪايو ويو آهي، جو نوجوانن لاءِ اها هڪ اڻ ڏٺل شهر آهي، ۽ جڏهن هي نوجوانيءَ جي بنا تجربي ۽ ڄاڻ واريءَ عمر ۾ ان شهر ۾ قدم رکن ٿا ته ڀليو ۽ ڀٽڪيو وڃن. خاص ڪري نوجوان ڇوڪريون، اڻ ڄاڻائيءَ سبب اهڙيون غلطيون ڪريو وڃهن جو، ڳالهه وڃيو ڄان جي جوکي تائين پهچي...... محترم علي مرتضيٰ ڏاريجو، سنڌيءَ جي سائنسي ادب ۾ هڪ ڄاتل سڃاتل شخصيت آهي. هن دفعي هُن جنس جي نازڪ موضوع تي قلم کڻي سنڌ تي، خاص ڪري سنڌ جي نوجوانن تي وڏو احسان ڪيو آهي جو انهن کي هِن اڻ ڄاتل ۽ اڻ ڏٺل شهر جي هر ڪِهڙيءَ ۽ ڳام، هر پنڌ ۽ پيچري کان آگاهه ڪيو اٿائين، جيئن اهي ڀلي ۽ ڀٽڪي، مونجهارن (Complexes)، دٻائن (Depressions) جو شڪار نه ٿين، ۽ اڏ طبيبن يا ڪُوڙن جي ور نه چڙهن، ۽ پنهنجي ازدواجي، تخليقي، ۽ توليدي حياتي، خير خوبي، ۽ سڪون سان گذارين، ۽ ان مان پوري لذت به حاصل ڪن.

(ڊاڪٽر) تنوير عباسي

جنسيات تي اڄاين پنگتي پابندين ۽ غيرسياويڪ بندشن، جنسيات کي نه رڳو پراسرار بڻائي ڇڏيو آهي، پر ماڻهن کي ان بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ کان به وانجهو پئي رکيو آهي. اهڙين پابندين، اهڙين بندشن ۽ اهڙي اڻڄاڻائيءَ ماڻهن کي رڳو ذهني ۽ دماغي روڳن ۽ سماجي براين سان مالامال پئي ڪيو آهي. علي مرتضيٰ ڏاريجي هن ڪتاب ذريعي اسانجي ماڻهن کي جنسيات جي ڄاڻ وڌائڻ لاءِ موقعو ڏنو آهي. اهو به ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته لکت ۾ جنسيات جي لفظن ۽ اصطلاحن جي استعمال ۾ هن عام روش کان هٽي هلڻ جي ڪجهه دليري ڪئي آهي.

— نجم عباسي

هي هڪ ساراهه جوڳي ڪوشش آهي. ليکڪ هڪ ڏکئي موضوع کي سرل ۽ سهج ٻوليءَ ۾ پيش ڪيو آهي. فني اصطلاحن سان ٺهڪندڙ اصطلاح گهڙڻ جي هنر کان به ليکڪ واقف آهي.

— امداد حسيني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري مارڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪڍي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسُل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي همٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

ڄڻ ڄڻ جاڙ وڏي تي ڄَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَّ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻَ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ ڦهلاءَ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book